
سوجهرو
سينگار ريندڙ:
جهان آرا سومرو
شيام ڪمار
ايچ.ٽي.لئمبرڪ
محمد صديق منگيو
محمد علي پٺاڻ
انور شيخ
نصير مرزا
ڊاڪٽر غفور ميمڻ
نور شاهين
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
حسيب ڪانهيو
رئوف ڪوسو
شوڪت لوهار
امداد حسيني
گلزار
خليل عارف سومرو
رضا بخاري
ذوالفقار گاڏهي
زاهده تاج ابڙو
اداسي جڪراڻي
حنيف عاطر
خليل عارف سومرو
امين پنهو
ڊاڪٽر شير مهراڻي
امين چانڊيو ۽ ٻيا.
ڪهاڻي نمبر
174

سال:15. شمارو:174. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

### لسانيات:

سنڌي ٻولي ۽ ساهت... سليم نور حسين

### تعليم ۽ تربيت:

هڪ شاگرد هڪ فقير... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

### تنقيدي جهان:

ڊاڪٽر شمس سومرو جا خط... ڊاڪٽر غفور ميمڻ

### ادبي ۽ علمي شخصيتون:

نور جي شفاف ندي... نصير مرزا
مان نور شاهين آهيان... نور شاهين
قاضي علي محمد ڏيپلائي... آفتاب ابڙو

### سنڌ ڀيھر ڳر موڙيا:

حُر گوريلا جنگ (باب پنجون)... سائين رکيو

### آتم ڪٿا:

پاتم جهاتي جهان ۾... (29) شيام ڪمار

### نئون ناول:

اسٽيل جا پنج گلاس (3)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ

### ڪهاڻي:

اي.سي. آر... جهان آرا سومرو
گوءِ ۽ ميدان.... محمد علي پٺاڻ
اڪين جي غربت... محمد صديق منگيو
خدا جو گهر ۽ ٻيون ڪهاڻيون... شيام ڪمار
پڪا لال ليار... منظور ڪلهوڙو
صوبيدار سروٺو... انور شيخ
ٻ - اڌ.... حيسب ڪانهيو
نوريز جا پُٽَ.... رئوف ڪوسو
ليڪا، لڪيرو ۽ دائرا... شوڪت لوهار

### نوان ڪتاب:

د ٻ ۾ ڇٽيل پن... امداد حسيني
ڪيئن ريجهايان توکي... ڊاڪٽر شير مهراڻي

### بيت/وايون/گيت ۽ هائيڪا:

گلزار، خليل عارف سومرو، مير حاجن مير، امين چانڊيو، شير هاليپوٽو، رضا لانگاهه ۽ ٻيا.

### نظم ۽ نثري نظم:

رحمت سومرو، ذوالفقار گاڏهي ۽ عابد ڪاظمي.

### غزل:

حنيف عاطر، خليل عارف، عابد سيوهاڻي، امين چانڊيو، اداس جکراڻي، گل خاصخيلي، حسن وساڻ، زاهد تاج ابڙو ۽ امين پٺو.

### جي مارن مونڊي موڪليا:

حيسب ڪانهيو، عبدالرشيد يوسفاڻي ۽ رضا لانگاهه.

## ٽچ مي پليز...

- ڪيئن چئجي ته سنڌي قوم جي قلمڪارن، اديبن، صحافين جوٽيون ڪٽڻ، چغليون هڻڻ، دلالين جي نيلامي، قومي ادارن ۾ ويهي لٽ مار ڪرڻ چڱي ڏنو آهي؟
- ڪيئن چئجي ته 66 سالن جي طويل عرصي تائين اسٽئبلشمينٽ جي دلالي ڪندي سنڌ جا اڳواڻ عام ماڻهن جي حقن ڪي راتاها ڏيڻ وارن سان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سنمڪ نه رهيا آهن؟
- ڪيئن چئجي ته قوم جي فطري ۽ بنيادي حقن ڪي غصب ڪندڙن ڪان اڪپوٽ ڪرڻ جي نتيجي ۾ رعايتون ۽ اعزاز نه ورتا آهن؟
- ڪيئن چئجي ته سنڌ جو ڪامورو اديب، صحافي اديب يا قومي ڪارڪن اديب پنهنجي مفادن لاءِ سنڌي قوم جي مفادن ڪي تڇ پائيندي ان جي پٺ ۾ زهريلو خنجر نه وهائي ڪڍيو آهي؟
- ڪيئن چئجي ته نقلي، مشروط ۽ ڏيکاءَ واري اقتدار ۾ چاڪري ڪندي پاڻ ڪي سياسي دانشور چوائيندڙن ۽ نين ڏارائن جي تناظر ۾ ادب تخليق ڪندڙن قومي ادارن ڪي تباهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏي آهي؟
- ڪيئن چئجي ته جيري لاءِ ٻڪري ڪهندڙ هٿ ٺوڪئي اديبن ۽ ڪالم نگارن مقتدر ماڻهن جي شان ۾ قصيدا لکي پنهنجي رتبي ۽ حيثيت ڪان وڌيڪ معتبر ادارن جي والار نه ڪئي آهي؟
- ڪيئن چئجي ته عارضي اقتدار جي نشي ۾ سنڌ سنڌ ۽ انقلاب انقلاب جا اڳ نعرا هڻندڙن پيرين پيادو هلڻ وارن، ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۾ سفر ڪندي سورن جي صحرا ۾ سفر ڪندڙ سنڌ ڪي ياد ڪيو آهي؟
- لولي لاءِ ليلائيندڙن ڪان هاڻ وت ۽ وس ڪان ٻاهر وسيلن جي هٿ اچڻ ڪانپوءِ بنيادي نوعيت جي اهم ادارن جي سربراهي ڪندي ڪانئن پنهنجو مفلس ۽ بکيو ماضي وسري ويو آهي؟
- انڌي ڪاٺي ميڊيا جي آزادي ۾ ڏوڪڙ ميڙڻ ۽ ادارتي وسيلن ڪي واهپي ۾ آڻيندڙن جو ناس پٽو ڪيئن ۽ ڪنهن ٻوڙيو آهي؟
- اسٽئبلشمينٽ ڪي گاريون ڏيندڙن، اسٽئبلشمينٽ جي ڳيجهن جي سلامي پريندي جيڪي ستارا، تمغا ۽ اعزاز ماڻيا آهن اهي ڪين سنڌ جي ڇاتيءَ تي ناسور ٿي ويل ڦٽن جيئان چو نه ٿا محسوس ٿين؟
- قومي نوعيت جا ادارا ڳڙهن ۽ خچرن جا واڙا بڻجي نه پيا آهن؟
- اهڙن ادارن ڪي هلائڻ لاءِ مليل رقمون، پروجيڪٽس جي تڪميل بدران، سندن بنگلن ۽ ماڙين جي اڏاوتن تي خرچ نه ٿي رهيون آهن؟
- اسٽئبلشمينٽ جي دلالن جي اخبارن ۽ ٻين ادارن ۾ ڪم ڪندڙن، ڪالم نگارن، ڪارڪنن ۽ فردن جو ڪردار سنڌ دشمني جي ڪري ڏپارو نه ٿي ويو آهي؟
- پاڻ ڪي قومي خيرخواهه ڄاڻيندي سنڌ جي قومي هيروز جي نالي تي وڏا وڏا پروگرام ترتيب ڏيئي ادب دوست ماڻهن ڪان رقمون ڦري پروگرامن تان هٿ ڪڍي وڃڻ جو سلسلو رکيو آهي؟

**تاج بلوچ**

OFF: 0333_2013648
021_34019264_5

CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496

E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
ايسوسيئيٽ ايڊيٽر:فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچي.
فون:5_021_34019264

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# سنڌي ٻوليءَ ساهت جي آڳاٽائي...



سليم نور حسين

جرمن عالم پروفيسر جرڊليوپڪي جي ڪتاب جي طارق محمود واري انگريزي ترجمي ’دي بُڪ آف شاهہ عبداللطيف‘ (ڇپائيندڙ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2000، ص27) مان ڪوريل هيءُ حوالو سنڌي ٻوليءَ ادب جي محققن طرفان وسيع پئماني تي اختيار ڪيل راءِ جي عڪاسي ڪري ٿو. پر سنڌ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر محرم خان ان راءِ ۾ شريڪ نہ آهي. [گذريل صديءَ جي پوئين چوٿائيءَ دوران] هُن ان راءِ کي رد ڪندڙ ڪيئي مضمون شائع ڪيا. ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي ماخذن تي ٻاڙينديءَ هن پيرا ڪٽي سنڌي شاعريءَ جي ڪن صنفن جا مول ۽ مُنڍ هيٺينءَ ريت ڳولي لڌا آهن.

پنهنجو ديس چت ۾ رکندي، ڳائڻ سان پريت ڪندي، نزاڪت سان، ميٺاج سان ۽ ڍِلي ٻَڌَ يعني ڍار سان نهايت سُٺو ڳائيندا هئا.“

هڪ ٻيو پرڏيهي ماخذ ڪويراج سيکر آهي، جيڪو گجرات جي پرهياڙ گهراڻي جو 836 کان 885 عيسوي تائين راج گرو ۽ درٻاري شاعر هو. هن ننڍي ڪنڊ جي ڪيترن ئي ڏيهن جي ٻولين ۽ ساهتن جو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ سنڌ بابت هيءُ رايو ڏنو:

”هيءُ مِڙني مُلڪن جو چِٽُ آهي. هتي جا ماڻهو سنسڪرت کي ڏڪارين ٿا. پنهنجي سوپياوان ديسي ٻولي ڏاڍي ميٺاج ۽ نزاڪت سان ڳالهائيندا آهن. هتي جي انوکي ادبي خوبي تہ لاڙ جي ئي شاعرن لاءِ مخصوص آهي. سندن شاعريءَ جي

> ”مِڙني کوجنائن جي باوجود اٺين صدي عيسويءَ کان اڳ جي سنڌي ساهت جي ڪا ساک هيلتائين نہ ملي آهي. ڇا جنگين ۽ انقلابن اوائلي زماني جي سنڌي ساهت کي الوپ ڪري ڇڏيو آهي؟“

- ڳاءُ ۽ ڳيچ صنفن جا آرين کان اڳ جي زماني ۾،
- ڳاهہ صنف جو عيسيٰ کان پنج صديون اڳ ۾ زماني ۾،
- وڏيڪ سُوڏيل ڳاهہ صنف جو 4صدي عيسويءَ ۾، جڏهن سنڌ تي ڪُشن گهراڻي جو آخري راجا واسديو حاڪم هو ۽
- دوهو صنف جو 5 صدي عيسويءَ پوئين اڌ ۾، جڏهن سنڌ تي راءِ گهراڻي جو راج شروع ٿيو.

ٻہ ٻُڌ سنياسي ۽ پرچارڪ 6 صدي عيسويءَ جو جئندُ ۽ 7 صدي عيسويءَ جو سُرهو سئلاني دوهي جا اوائلي ۾ اوائلي شاعر مڃيا وڃن ٿا. پهرين جو پرچار ڏاکڻي سنڌ کان ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين ڦهليو، جڏهن تہ ٻئي جو اُتر-اوڀرندي سنڌ کان پنجاب ۽ ڪشمير تائين پهتو. پهرين جا دوها ’جوڳ سار‘ ۾ ٻئي جا ’دوها ڪوش‘ ۾ سهيڙيل آهن.

جن پرڏيهي ماخذن تي آڌار ڪيو ويو آهي، تن ۾ هڪڙو ’ڪوليا مالا ڪها‘ جي نالي سان 8 صدي عيسويءَ جي سوراشٽر جي هڪ آچاريا اديوتن نالي عالم ۽ سياح جو سفرنامو آهي. [اِن ماخذ موجب، عيسوي سن جي 8صديءَ ۾ سنڌ جي ٻولي سڄي ڀارت جي ارڙهن مکيہ ٻولين ۾ شمار ٿيل هُئي، ۽ سنڌي ڪوِتا کي مڌر ۾ مڌر آلاپ واري ديش پريم سان ڀرپور ۽ شاندار سڏيو ويو آهي.] سن 778 ڌاري لکندي آچاريا اديوتن سنڌي ٻولي توڙي ان جي شاعرن ٻنهي جي وڏي واکاڻ ڪري ٿو. چي: ”اسان اهي سنڌي ڏٺا، جيڪي پياري ۽ پسنديده طرز، جنهن جي خصوصيت رنگيني ۽ ظرافت آهي، سا ’لاڙي طرز‘ جي نالي سان مشهور آهي.“

ڇا سنڌي ساهت جي آڳاٽائيءَ جي هيءُ اٽڪلي ساک اسان لاءِ هيءُ نتيجو ڪڍڻ لاءِ ڪافي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ايترو اڳي جيترو آرين کان اڳ جو زمانو ❶ پنهنجي الڳ سڃاڻپ هئي، تہ ان ۾ سُريلي کان روايتي ۽ شروعاتي سورماڻي شاعري ايترو اڳي جيترو صدي عيسوي ڪئي ٿئي وئي ۽ نہ ان جو ادب 8 صدي عيسويءَ ۾ عربن جي فتح کان سنت پوءِ ڏکڻ-اوڀر ايشيا جي ساهتن ۾ ٻرک جاءِ والاري چُڪو هو؟ ان گهڻن پاڳن واري سوال جو جواب بهتر آهي تہ ماهرن تي ڇڏي ڏجي. تڏهن بہ ڏسجي تہ سنڌ جو هڪ انتهائي محترم ساڃاهوند سائين محمد ابراهيم جويو، ان بابت ڇا ٿو چوي. پنهنجي 7 مارچ 2006 واري تبصري ۾ هو لکي ٿو،

”آئون ڪو ماهر نہ آهيان. رڳو ايترو چئي سگهان ٿو تہ پروفيسر محرم خان جڏهن پنهنجو هيءُ تحقيقي ڪم ڪري رهيو هو، تڏهن آئون سماهي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽنگ سان واڳيل هوس. آئون اهو پڻ چوندس تہ کيس پنهنجي تحقيق جاري رکڻ جي مهميز مون بہ ڏني. مونکي ياد آهي تہ هو جڏهن بہ پنهنجو تحقيقي ڪم مون وٽ رسالي ۾ ڇپڻ لاءِ کڻي ايندو هو، تڏهن آئون ڪيترو نہ فخر محسوس ڪندو هوس.“

پروفيسر محرم خان جي ڳاءُ ۽ ڳيچ جو مُنڍ آرين کان اڳ واري زماني ۾ ڳولڻ واري ڪوجنا کي جديد عالمن جي ان راءِ جو ٽيڪو ملي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون سنڌ ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن ۽ ان جي شروعات مُهن جو دڙو ۾ سنڌو تهذيب جي اُسرڻ سان ٿي. ساڳي پنيرائي پڇاڙيءَ ۾ ڇاٽايل مستند ڪتابن ❷ ۾ جيڪي کُجهہ ان تهذيب بابت چيل آهي، تنهن سان پڻ ٿئي ٿي. ان تهذيب جي ڏاکڻي ڀاڱي کي ان حقيقت کي سامهون رکندي تہ مُهن جي دڙي جي اوج وقت (عيسيٰ کان اڳ جو سن 2500) ان سان وڻج واپار ڪندڙ سميري لوڪ ’ميلوها‘ جي نالي سان سُڃاڻندا هئا، ايندڙ سِٽن ۾ هيٺين سنڌو ماٿر لاءِ اهوئي نالو ڪتب آندو ويندو.

”سنڌو تهذيب، جنهن جي تاريخ عيسيٰ کان 4000 ورهيہ پٺتي وڃي ٿي ۽ جنهن جون هيستائين 1500 وستيون لڌيون ويون آهن. 680000 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل هئي ۽ اُن ۾ سڄو پاڪستان، ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ گجرات، راجستان ۽ هريان جون ڀارتي رياستون، ۽ اولهہ ۾ افغانستان وارا علائقا اچي ٿي ويا. اُتي جي آڳاٽين وٿن، ٿانون ۽ ڇمار معلوم ڪرڻ جي ريڊيو ڪاربن واري طريقي ثابت ڪيو آهي تہ ميلوها جا وڏا شهري مرڪز عيسيٰ کان اڳ جي 2600 سن ڌاري برپا ٿي چُڪا هئا.“

”سنڌو تهذيب جون نمايان خاصيتون ان جي خبرداريءَ سان ڪيل شهري رٿابندي ۽ جنگ تي امن کي ترجيح آهن. ان جون هي ٽئي ٻيون ڳالهيون بہ ايتريون ئي اهم آهن، (1) مورتي اکرن واري لپيءَ تي ٻڌل لکيت جي ڏانءَ جي اوسر، (2) تورڻ جي هڪ جهڙي سرشتي جي برپائي، جنهن وڻج واپار ۾ سهولت پيدا ٿي ۽ (3) ماپ جي 13.2 انچن جي هڪ فٽ تي ٻڌل سرشتي جو واهپو.“

”انهن سرشتن مان پهرين يعني لکيت جي ڏانءَ جي نمائندگي 60 الڳ الڳ ماڳن تان هٿ آيل 4200 مختلف وٿن (جن ۾ وڏيڪ تعداد مهرن جو آهي) تي اُڪريل 450 نشانيون ڪن ٿيون.“

اهي اُکرون سراسري طرح پنجن نشانين تي مشتمل آهن. ڪي لکٽيون يا ٻن ٻولين جون اُکرون نہ لڌيون ويون آهن، ۽ نہ ئي اهي ڪنهن معلوم لپيءَ سان لاڳاپيل آهن، نہ تہ هوند ماهر ٻوليءَ جي پاچ ڪري ميلوها جي ماڻهن جو اتهاس ڄاڻي وٺن ها. لڳي ٿو تہ سندن لپي هيل تائين لڌل آڳاٽي ۾ آڳاٽين وٿن کان بہ اڳ پچي راس ٿي چُڪي هئي. اِهو نتيجو ان حقيقت

---

❶ جيئن تہ ويدن لکڻ جو جس آرين کي ڏنو وڃي ٿو، سو سندن ننڍي ڪنڊ ڏانهن لڏپلاڻ لازمي طرح ويدن واري زماني (عيسيٰ کان اڳ جي سن 1800 کان 1000 تائين) کان اڳ شروع ٿي هوندي.

❶ (1) *‘An Illustrated History of Sindh’* by Suhail Zaheer Lari, Heritage Foundation, Krachi, 2002; (2) *‘A World History-A Cultural Approach’* by Danial Roselle, Ginn& Company, USA, 1976; (3) *‘Sind-A General Introduction’* and (4) *‘Sind Befor, the Muslim Conquest’* by H.T.Lambrick, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, 1964 and 1973.

# ادبي ڏي وٽ ۽ ڊاڪٽر شمس سومرو...



ڊاڪٽر غفور ميمڻ

اها 1991ع جي ڳالهه آهي جڏهن آئون ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايم.اي ڪري رهيو هوس. مون کي ٻن سبجيڪٽن ڏاڍو متاثر ڪيو هو. هڪ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري ۽ ٻيو تنقيد. چوته ٻئي موضوع فلسفي کان بغير اڌورا آهن ۽ منهنجي ذهن ۾ فلسفي جو ڪيڙو ڪجهه گهڻو هو. اهو ان ڪي ته 1981ع کان 1988 تائين آئون ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر هوس. اجان ٽين ايج هئي جوش ۽ جذبو جوان هو. ڇڙاڇانڊ هئاسين. رات ڏينهن نظرياتي بحث ڪندا هئاسين.

مرتضيٰ سولنگي مونکي ادبي سنگت ڪراچي وٺي ايندو هو. جتي فقير محمد لاشاري، تاج بلوچ، ممتاز مهر، رئوف نظاماڻي، ڪيلاش، نقاش وغيره ڪيترائي سينئر دوست وڏا بحث ڪندا هئا. منهنجي ذهن جي آبياري اتان ٿي. ۽ پوءِ نرنجن ڪمار، جاويد پٿو، ذوالفقار قاضي، احمد سليم جا فلسفي تي بحث جن ۾ راتيون گذري ويندڻون هيون.

مون ادب پڙهڻ جي شروعات ڪرشن چندر کان ڪئي هئي. گهڻو اردو ادب پڙهڻ ڪري منهنجي لکت ۾ به اردو جو اثر نمايان رهيو. پر 1990ع کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽي ٽٽي ويئي ۽ ترقي پسند اديب وکري ويا. اسان جهڙا ڪارڪن ڊپريشن جا شڪار ٿي ويا ته هاڻ ڇا ڪجي؟ ان وقت مون ايم.اي ڪرڻ لاءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي. ڪلاس وٺڻ دوران مون کي سنڌي ادب پڙهڻ ۽ ڪلاسيڪل شاعري کي سمجهڻ جو سٺو وجهه مليو. اتي مون کي پي.ايڇ.ڊي ڪرڻ جو شوق جاڳيو پئي. ان وقت Ph.D جو الائونس 1500 رپيا هئا. ۽ ڪنهن به پروموشن لاءِ Ph.D جو هئڻ ضروري نه هو. Ph.D صرف اهو ڪندو هو جيڪو واقعي تحقيق ڪرڻ ڪرڻ جو مزاج ۽ مٿاڪُٽ ڪرڻ چاهيندو هو.

پٿائيءَ واري ڳالهه جيان،
جنين چٽ چريو، ڏونگر سي ڏوريندڻون.

سو مون کي Ph.D جي صرف داخلا وٺڻ ۾ 3 سال لڳا هئا. اهڙو ڏکيو طريقه ڪار هو. اڄ ڪلهه ته جيڪو گهران ڪاوڙجي ٿو سو چوي ٿو مون کي Ph.D ڪرڻي آهي.

Ph.D جي ديڳ چڙهيل آهي. اهڙن به ماڻهن کي Ph.D جون ڊگريون مليون آهن جن کي سندن قابليت موجب ڪين هوند مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ به نه ڏنو وڃي.

خير هي پاڪستان آهي. اڄڪلهه هلي ٿو جڳاڙ، سفارشون، سازشون ۽ ڏيڙ ڏونس.

خير، آئون ان وقت اسٽيل مِل ۾ مزدوري ڪندو هوس. سو ڊيوٽي ڪري وري تحقيق جي پٺيان لائبريريون، فيلڊورڪ، دوستن کان مدد- ان وقت نه هو انٽرنيٽ. نه ڪمپيوٽر. اڄڪلهه ته نيٽ تي هر سهولت موجود آهي. سو ويهي 6 مهينن ۾ اهڙيون چار ٿيسز لکي وٺجن.

آئون ڊاڪٽر فهميده حسين جو پي.ايڇ.ڊي جو پهريون شاگرد هوس. منهنجو موضوع هو،

Thought Content in Sindhi Literature.

خير، مون 5 سال مسلسل محنت ڪئي. 2 پيرا ويهي هٿ سان ٿيسز لکي فيئر ڪئي. ٽيستائين ڪمپيوٽر به اچي ويو. ۽ پوءِ ڪمپوز ڪئي.

هن ٿيسز جي موضوع تي هن کان اڳ ڪم نه ٿيو هو. تنهن ڪري مون کي جنرل موضوع کي ڪٽڻو پيو. ڪم ايترو ضخيم ۽ ڦهليل هو جو ان موضوع تي 20 پي.ايڇ.ڊيون ويهي ڪجن.

سو گهڻو ڪجهه رهجي به ويو ۽ گهڻيون شخصيتون پڻ رهجي ويون. هاڻ سوچيان ٿو ته جيڪر اها ٿيسز ٻيهر لکڻي پوي ته هوند ان ۾ گهڻين تبديلين جي ضرورت پوندي. مون اهي تبديليون ۽ر هيل پاسن کي ٻين مقالن جي صورت ۾ لکڻ شروع ڪيو. ان سان گڏ پنهنجي شاگردن کي به انهن موضوع تي تحقيق ڪرائي.

هاڻي دؤر ٻيو آهي. تحقيق سولي آهي، پر اها امنگ، جواني، جذبو ۽ محنت ڪٿان اچي.

”وہی ار جن وہی خود، سما بڑا پہلوان۔“

زندگي ۾ ڪٿي نه ڪٿي ٽڪ ٽئي ٿو. اسان ته هونءَ به زگ زيگ زندگي، گرم ريت تي هلي گذاري.

ٿيسز ڇپجڻ کانپوءِ ان تي پهرين تنقيد تاج بلوچ صاحب ڪئي هئي. جنهن جو اعتراض به اهو هو،

**”گهٽيون اهم شخصيتون جن جو ترقي پسند ادب ۾ وڏو ڪردار هو/ آهي اهي رهجي ويون آهن.“**

سندن تنقيد عوامي آواز ۾ ڇپي هئي. ان ڪانپوءِ شمس سومري جي تنقيد ڇپي هئي. جيڪا ’سوجهرو‘ ۾ ڇپي هئي. سندن خيال هو،

**”اجان ڪيترين ئي فڪري تحريڪون رهجي ويون آهن.“**

ان ڪانپوءِ رئوف نظاماڻي جي تنقيد ڇپي هئي. رئوف صاحب جو خيال هو،

**”منهنجي ائپروچ ڪنفيوز هئي، جيڪا تنقيد ۾ ڇپي هئي.“**

ان ڪانپوءِ ممتاز مهر صاحب تنقيد ڪئي. جيڪا پڻ ’سوجهرو‘ ۾ ڇپي هئي. هن جو چوڻ هو،

**”منهنجي ٿيسز ’هاف لبيڊو‘ آهي.“**

ان ڪانپوءِ بيدل مسرور منهنجي ڪتاب تي تنقيد لکي. جيڪا پڻ عوامي آواز ۾ ڇپي هئي. سندن چوڻ موجب، هن صاحب جي تنقيد ۾ قلندري سلسلي تي اعتراض اٿاريل هو.

ان ڪانپوءِ مون پنهنجو ڪتاب رسول بخش پليجي صاحب کي موڪليو هو. هن صاحب تعريف ڪئي هئي ۽ ان تي تنقيد لکڻ جو اعلان ڪيو هو. پر لکي نه سگهيو.

ڀارت ۾ موتي پرڪاش، مرلي ڌر جيٽلي ۽ روي ٽيڪچنداڻي ٿيسز تي پنهنجا ويچار وندڻا هئا.

۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ پاڪستاني لينگويجز جي ڊائريڪٽر جاويد ڀٽي.وي تي هن ٿيسز جي باري ۾ راءِ ڏني هئي.

ان کان علاوه سراج، غلام علي الانا صاحب به راءِ ڏني هئي پر اها لکت ۾ ڪانهي.

ادبي کيتر ۾ پهريون پيرو جو مون تي ايتري تنقيد ٿي ته آئون ويتر پريشان ٿي ويس. مون سمجهيو ته شايد سڀ منهنجي خلاف آهن. تاج بلوچ صاحب مون تي تنقيد لکڻ جي شروعات ڪري سيني کي پڙڪائي ڇڏيو آهي. سو مون ان وقت شمس سومري صاحب کي ڏک مان خط لکيو هو. ڪيس لکيم،

**”مون کي لڳي ٿو سڄي دنيا ’تاج بلوچ‘ ٿي پئي آهي.“**

پاڻ ان جو جواب انتهائي پيار سان ڏنائين. اهڙي ته همت افزائي ڪيائين جو مون کي لڳو ته تاج بلوچ صاحب جي شروع ڪيل تنقيد ته منهنجي نقصان ۾ نه پر فائدي ۾ آهي. جو هڪ ته تنقيد جي حوالي سان ڏنل مشورا ۽ اختلاف منهنجي سرت ۽ ساڃاهه ۾ اضافو ڪرڻ لڳا. ٻيو ته مونکي خبر پئي ته منهنجي ٿيسز جي واقعي ڪا اهميت آهي جو وقت جا وڏا ڏاها اديب گوڏا کوڙي منهنجي ٿيسز پڙهن ٿا ۽ ان تي تنقيد به لکن ٿا.

ان ڪانپوءِ اڪبر لغاري صاحب مليو. جنهن مون کي چيو،

**”ادا، تون ته خوشنصيب آهين جو تنهنجي ٿيسز تي ايترا رايا آيا ۽ پڙهي ويئي. نه ته ماڻهو ٿيسز مٿي هيٺان رکي سمهي رهندا آهن.“**

ان ڪانپوءِ هن سڄي عمل دوران هڪ شخص مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. جنهن جي روش ۽ صوفي منش طبيعت مون کي جيئاري ڇڏيو. اهو هو سائين علي احمد بروهي صاحب. منهنجي ٿيسز جو زباني امتحان هن صاحب ورتو هو. ۽ سندس ئي ڪوشش سان منهنجي ٿيسز ڇپي هئي. هن درويش صفت ۽ صوفي منش ماڻهوءَ جون ڳالهيون اڄ به منهنجي زندگي ۾ رهنمائي ڪنديون رهنديون آهن.

ڳالهه صرف اها آهي ته سچ پروڙڻ ايترو سولو ناهي. اسان هميشه سچ جا دائرا ٺاهي ڇڏيندا آهيون ۽ سمجهندا آهيون ته اهو ئي سچ آهي. پر دراصل ايرڪ فراهم واري چوڻي موجب،

“Knowing doesn't mean to be possessed of truth but knowing means to see reality in nakedness.”

سچ جا هزارين پاسا ٿين ٿا. سو ڪا به راءِ حتمي ٿي نٿي سگهي. شمس سومري صاحب واري ڳالهه ته،

**”هستي هميشه ڪنفيوزڊ هوندي آهي چوته اها مسلسل تبديلي واري عمل ۾ آهي. هڪ فارم ۽ هيئت مان ٻي فارم ۾ تبديل ٿي رهي هوندي آهي. ان جو ڪو به پهلو حتمي ۽ آخري ناهي. انهي ڪري اها ڪنفيوزڊ آهي.“**

مسئلو اهو آهي ته اسان هر لمحي جج هوندا آهيون. اسان کي هر لمحي ڪانه ڪا راءِ ڏئي فيصلو صادر ڪرڻو هوندو آهي. جيڪڏهن اسان ايماندار ۽ علمي جج

آهيون ته پوءِ اسان غير جانبدار فيصلو ڪنداسين ۽ سماج جي ۽ انسان جي تعمير ڪنداسين. نه ته ٻي صورت ۾ اسان اختلاف اپاري، ذاتي انا جي دنيا تعمير ڪنداسين. دنيا ۾ 80 سيڪڙو جهڳڙو لهجي (Tone) جو آهي ۽ 20 سيڪڙو مواد جو يا نظرئي جو.

ڊاڪٽر شمس سومري صاحب جا هي خط ڇپرائڻ جو مقصد به اهو آهي ته اڄ جي دنيا ۾ جنهن تي به تنقيد ٿئي ٿي يا جيڪو به تنقيد ڪري ٿو. اهو جيڪڏهن مواد جا گهڻ رُخا پاسا ڏسي ۽ علمي بحث ڪري ته ان ڪي اڄ به پليڪار ملنديءَ جنهن تي تنقيد ٿئي ٿي اهو خوشنصيب آهي جو ان جي لکڻي ڪي مانَ ملي ٿو.

باقي تڪائي ۽ تُز جملا ساڃاهه جي پسمنظر ۾ برداشت ڪرڻ گهرجن. صبر وڏي شيءِ آهي. وقت ٻڌائيندو آهي ته ڪير ڪنهن جي فائدي ۾ هو ۽ ڪنهن ڪي ڇا مليو.

**صبر گهڻو سفرو، ٻي جڳائي مات**
**پيو لتاڙج لطيف چئي، چرچ مَ اڳيان چانٺ**
**ڏجڻ پون ڪاٺ، سڄڻ ٿين سامهان.**

ان ڏس ۾ جن دوستن مون ڏانهن خط لکيا، اهي هتي پيش ڪري رهيو آهيان.

## لکيل خطن جا نمونا:

*(29 سيپٽمبر 2002)*

اميد ته پنهنجي دنيا ۾ اڳي وانگر مست مگن هوندين ۽ ڪنهن نه ڪنهن نئين موضوع تي سوچي/ لکي/ تياري ڪري رهيو هوندين. تو مان ئي هميشه نئين ڪان نئين جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

تنهنجو ڪتاب ٻي پڙهڻيءَ لاءِ منهنجي اڳيان رکيو آهي. هڪ جن موضوع سان هٿ ڳنڍيو، ان ڪي نيٺ پنهنجي منطقي ڇيهه تائين رسايُ. انهيءَ جون واڌايون مون انهن ئي ڏينهن ۾ ڪتاب بابت ٻه اکر لکي ڇڏيا هئا. انهي وچ ۾ ساڳي مواد جي تت تي آڌاريل هڪ مختصر انگريزي تبصرو ڊان ۽ لطيف ڇيٽر ڏانهن موڪليو هئم. جو فيض ٻڌايو هو ته ڪن مجبورين ڪري، ڪتاب تي رٿيل ادبي- ورڪشاپ ملتوي ڪيو ويو آهي. تنهنڪري روبرو ملي ويچار ونڊڻ جو موقعو ملي نه سگهيو. انهن ڏينهن ۾ اهو پڙهي ته تنهنجي تحقيق تي مرليڌر جيتلي ۽ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جا رايا به پهتل آهن. ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ساڳي وقت اهو ڏسي ٿوري ٿوري مايوسي به ٿي ته ان قسم جا باضابطه Appreciation تي آڌاريل علمي راين ڪي ڪتاب ۾ جڳهه نه ڏني وئي هئي... الائي ڇو؟

ان ڪري اڃا به دل سَڌُون پئي ڪائي ته جيڪر انهن جي راءِ ڪي به پڙهي سگهجي. اميد ته تون ان ڪميءَ ڪي پورو ڪندين ۽ پهرين فرصت ۾ موڪلي ڏيندين ته مهرباني. مون پنهنجي ٻنهي لکڻين يعني تبصري ۽ تنقيدي اڀياس ۾ جزوي طرح گهڻي گهرائي ۽ جزئيات ۾ وڃڻ کان پاسو ڪندي، سرسري طور تي سنڌو تهذيب جي فڪري روح تي ڌيان مرڪوز رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جنهن جو مقصد تو سان خيرسگالي طرح ويچارن جي ڏي وٺ ۽ سهڪار ڪرڻ هو. انهي اڀياس ۽ سوچ ويچار دوران موضوع جيئن جيئن کلندو ويو ته مون ڪي مناسب لڳو آئون تنهنجي تحقيق تي حتمي ۽ تفصيلي راءِ تحرير ڪرڻ ڪان اڳ ۾ انجو ٻيهر به اڀياس ڪريان. جيڪو ڪري رهيو آهيان. ڇوته موضوع ڪان ويندي موضوع جي مواد ۾ نواڻ ۽ ڇڪ آهي.

دوستن ٻڌايو هو ته تون ڪجهه ڊسٽرب آهين. پيارا ماڻهو... تون جنهن تار ۾ ٽپي پيو آهين. انجي رنگينيءَ جو ملاحظو ئي اهڙو آهي جو ماڻهو ماڪوڙيءَ مان شينهن ٿيو پوي. پنهنجي خيالن جي هرٽيءَ ڪي ڪليو ڇڏي ڏي ته پلي ٽپا ڪائي ۽ چال ڏيندي تنهنجي اسانت من ڪي سانتيڪو ڪري. ڇگو فرينڊ و فرينڊي موڪلاٽي ناهي. سدائين گڏ. سنگت ڪي سلام. تنهنجي لاءِ نيڪ تمنائون.

ڪتاب موڪلڻ لاءِ مهرباني.

نيازمند

شمس

*(تاريخ جا ٽايل ناهي...)*

تنهنجو سڪ پريو خط پهتو جنرل سوڌو. خط پڙهي بردي سنڌيءَ جي هڪ سِٽ ذهن تي تري آئي:

**”ٿوريءَ ڳالهه تي ايڏو هاڃو....“**

پيارا ماڻهو، تنهنجي مطالعي ڪي سلام. تنهنجي محنت ڪي سلام. تنهنجي ڊاڪٽريٽ تي آئون نٿو سمجهان ته ڪو به ادب ۽ علم دوست ماڻهو ناراض ٿيو هوندو. گهٽ ۾ گهٽ آئون تو ڪي يقين ڏياري سگهان ٿو ته مون ڪي سرهائي ٿي آهي. تون پاڻ علم ۽ ڄاڻ جي اوڙاهه ڪي اورانگهي آيو آهين. هاڻي تو ۾ تاءَ جي سهپ اچي وڃڻ گهرجي.

پيارا ياءُ، تنهنجو ۽ منهنجو هڪ ئي طرف آهي، outdated سوچ ۽ سوچ جي وهنوار کان مڪتي ماڻڻ وارو رُخ. تنهنڪري اهو سياويڪ هئو ته ادارا اسان تي جيڪا سوچ ۽ Alienation اوپرائپ مڙهين ٿا يا مڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن جي مزاحمت ڪئي وڃي. جڏهن تون ٿانيڪو تي ڏسندين ته تون جنهن ڪي منهنجو غصو پائين ٿو. تو مٿان نه پر ان علمي ادبي جبريت مٿان آهي. جنهن علم ۽ خاص ڪري تحقيق ڪي به سرحدن جي حدبندين ۾ واڙي ڇڏيو آهي. ان جي باوجود به، تنهن جي ڏک ڪي آئون سمجهي ۽ ساڃاهي سگهان ٿو ۽ مون ڪي افسوس آهي ته جيڪڏهن احتياط جي باوجود به منهنجي لفظن تو ڪي ڏکوئيو آهي. اهوئي سبب آهي جو مون، جمالياتي چونڊ Aesthetic Choice (مشاهدي هيٺ مواد ۾ نروار حقيقتن ڪي ڏٺو وائٺو نظرانداز ڪرڻ) ۽ جيئن آهي بدران ڏٺو ويو آهي لکڻ ۽ محسوس ڪرائڻ جي ذميواري Guide تي رکي آهي ڇوته تو ڪي Misguide ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ تنهنجي ڪنٽيٽس ۾ جنهن مواد ذريعي منهنجي هڪ تنقيد جو پورائو Compensation ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي (جيڪا ميڊم پاڻ سمجهي ٿي پر هُوءَ اظهار نه ڪندي، ها تون ان ڪي سندس ڪتاب: ’ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ‘ تي منهنجي لکيل جائزي ۾ ڏسي سگهين ٿو) تنهن جي باوجود به (ساڃاهڻ ڪانپوءِ به) هو ان جي صحيح رخ ڪي ساڃاهي نه سگهي آهي. آئون پيٽ فهميده ڪي به پنهنجي پيٽ پائيندو آهيان. ڇوته محترم سراج انهن ماڻهن مان آهي، جن ڪي مون استاد جي نظر سان ڏٺو ۽ ورتايو آهي. تنهن ڪري به، انهن ڪوتاهين ڏانهن، جيڪي موضوع ڪي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ ۾ رڪاوٽ جو سبب ٿين ٿا. سس پسس ۽ گلاخوريءَ لاءِ استعمال ڪرڻ بدران، سڌو سنئون ٻڌائڻ پسند ڪندو آهيان. اهو به انهن ڪي، جن منجهان اميد هوندي آهي ته اهي (سهي سگهن يا نه پر) ساڃاهي ضرور سگهندا. يعني جن وٽ عقل جا داٽا سرس هوندا آهن. تو 200 ڪتاب اڀياس هيٺ آندا آهن. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي اها وڏي خدمت آهي، جنهن ڪي مون تنهنجي ليڪچر ۾ به اقراريو هو ۽ اڄ به اقراريان ٿو. پر هن اڻ ڇهئي سري جي زمين ريگستان جي واري وانگر آهي. ان تي اهي ڪتاب ۽ ڪتابن جو مواد به سؤ ڦڙين برابر آهي. تون ان تي پٽائي ٿي پلٽي پئو. مان تو مان اهائي اميد ۽ توقع رکان ٿو. تو جيڪي به نالا ڪنيا آهن، انهن جي ڊاڪٽريٽ صرف Increment يا پرموشن جو ذريعو رهي آهي. تنهنڪري مون تنهنجي لاءِ پوسٽ ڊاڪٽرل تحقيق جي اميد سان تو سان هڪ دوست وارو ماٺو ڪيو آهي. ڇوته ڊاڪٽريٽ کانپوءِ، هتي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کان ويندي ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي تائين، ڪنهن به پنهنجي ڊاڪٽريٽ ڪي Update ڪرڻ جي ذميواري نه نڀائي آهي. سواءِ هڪ شخص ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي. ان سلسلي ۾ اهو ٻيون ڊاڪٽر تو ڪي هئڻ گهرجي.

جنهن ڪي پنهنجي جوڙيل پيپچري ڪي شاهي ڏڳ Avenue جي صورت ڏيڻ گهرجي.

علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي زماني ۾ شاگردن هڪ پيپر جو بائيڪاٽ ڪيو. قاضي صاحب پڇيو،

”آخر ڪهڙي سبب شاگردن انجو بائيڪاٽ ڪيو؟“

استادن وراڻيو، ”نوجوان سمجهن ٿا ته پيپر ڏکيو هو.“

تنهن تي قاضي صاحب حيرت مان چيو،

”نوجوانن لاءِ به ڪا ڳالهه ڏکي ٿيندي آهي!!!“

(هتي اسٽريس محسوس ڪري سگهين ٿو).

هنن لاءِ پي.ايڇ. ڊي موقعي جو فائدو هجي ته پلي هجي. پر ٻيلي اها تنهنجي رت ۽ پگهر جو پورهيو آهي ڇا تون ان جي روح ڪي نروار ڪرڻ کان اڳ ۾ نهوڙڻ پسند ڪندين؟! سو به اسان جي اڏ اکري تنقيد جي ڪري. ٿي ئي نٿو سگهي. گهٽ ۾ گهٽ مون ڪي تو کان اها اميد ناهي. ها- تو ڪي انهن وٿين Dislinkages ڪي ضرور پرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪي اڻپوري مواد ۽ اڀياس توڙي کوجنا ڪري، اڃا سوڌا ’سوال‘ رهندا اچن ٿا. گڏو گڏ انهن سوالن تي ويچارڻ کان نه گهٻرائڻ گهرجي. جيڪي خود تنهنجي سوالن جي ردعمل ۾ اٿي رهيا آهن. جيڪا تو ڪي پنهنجي مطالعي جي سگهه ۽ ڪاميابي ئي نه پر ميٽا پائنٽ گهرجي.

تو لکيو آهي ته منهنجو مضمون مون ڪي واپس ڪيو ويو آهي. ڪنهن ڪيو؟ مون ڪي اهو اڃا تائين نه مليو آهي.

تنهنجو ڪتاب به هفتا ڪن اڳ ممتاز صاحب مون وٽان گهرايو هئو.

نئين سال جون واڌايون. تو ڪي به ۽ دوستن ڪي.

پيارا، جي چاهين ٿو ته تنهنجي ذهن جو آڳنڊ ڪشادو رهي ته نفيءَ جي تاءَ کان ڇرڪڻ بدران ان جي سگهه ۾ غسل ڪري ڏيکار ڇوته تو جيڪو مڇ مڇايو آهي، ان ڪي ٻرندو رهڻ گهرجي. تنهنجي سوڀ ۽ ساڀيان جو تمنائي.

تنهنجو

شمس

تنهنجو گذريل خط پڙهڻ کانپوءِ اها سڄي رات مون کي ننڊ نہ آهي. اهوئي سوچيندي تہ توکي منهنجي ڪري روحاني تڪليف پهتي آهي. جوتہ مقصد ڇنڊڇاڻ نہ پر ويچاروندڙ جو هئو. بهرحال اڄ تنهنجي Relaxed تحرير ۾ تحرير جو پاڻ ۾ اعتماد پريو سياءُ ڏسي، تمام گهڻو اطمينان ٿيو آهي.

ياءُ، پلي پنهنجي پڳ مٽ ياري نہ سهي، پر اسان جو ڪو هڪٻئي سان وير بہ ڪونهي. آئون سمجهان ٿو تہ ساڳي ڳالهہ تاج بلوچ ۽ رئوف لاءِ بہ ساڃاهي سگهجي ٿي.

ڊس ايگريمينٽ، پنهنجي جاءِ تي ڊس ايپرُووَل ناهي هوندي. ريجيڪشن تہ اجائي ٻي ڳالهہ آهي. تون انهن علمي روين کي ڊس ايگريڊ ڊيڊيڪيشن Disagreed Dedication چئي سگهين ٿو.

آئون سمجهان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جا اڄڪلهہ روزانو سراسري طرح ٻہ يا ٽي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿين ٿا. جولاءِ 2002 يا اڃا بہ فيبروري 2002ع کان اڄ ڏينهن تائين (لڳ ڀڳ هڪ سال ۾) اٽڪل هزار ٻارهن نہ، تہ بہ سٺن هڪ سؤ ڪتابن مان فقط تنهنجي ڪتاب تي دوستن جي سيڙجي لکڻ واري اثبات تي تون ڇو نٿو سوچين. تنهنجي لفظن ۾ جتي net cheating هر ڏينهن جو وهنوار order of the day هجي، اتي جيڪڏهن آگرين تي ڳڻڻ جيترا مٿي ڦريا ماڻهو پنهنجو ضروري ڪم ڪار پاسيرو ڪري ڇهہ سؤ کان مٿي صفحا پڙهي، اوتري ضخامت وارن ٻين ڪتابن مان نوٽس وٺي، فقط تنهنجي لاءِ لکن ۽ تون انهن کان ڪجهہ حظ وٺڻ بران، پاڻ لاءِ خطرو محسوس ڪرين تہ انهي سان تنهنجي علم ۽ ادب دوستيءَ تي حرف ايندو. اهو دوست ئي ڪهڙو جيڪو دوست جي نالي تي حرف ايندو محسوس ڪري، ڪيس صحيح ۽ غلط جي حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ بدران هن لاءِ مٺو زهر تيار ڪندو رهي. صرف مخالفت براءِ مخالفت (جيئن اسان وٽ ٿيندو اچي ٿو) ئي مقصد هجي ها تہ ان لاءِ ٻہ لفظ ئي ڪافي هئا. جيڪي ڪتاب ڪانسواءِ (بنا مطالعي جي) لکڻ آسان هئا. پر هي بحث ۾ ڏي وٺ ان جي Understanding ڪي تنهنجي سوچ ۾ مراد کان اڳتي وٺي ويندا ۽ خود توکي انهي حد کان اڳتي وڌي سوچڻ گهرجي. دل ۾ ايئريئل ڊيوران جڏهن 12 جلدن ۾ هسٽري آف سويلائيزيشن پڌري ڪئي تہ اها علمي ڏي وٺ ۾ تنقيد ئي هئي. جنهن هنن کي ليسنز آف هسٽري وارو بوڪ ليٽ ڏيڻ تي مجبور ڪيو. جنهن جو سڀ کان پهريون باب Hesitations 'هٻڪون' هئو. آءِ آءِ رچرڊز جو تنقيد ئي صحيفو ڪري مڃيو ويندڙ ڪتاب 'ادبي تنقيد جا اصول' جو پهريون باب انهي امڪاني تقنيد جي پيش بيني هئي. جنهن ۾ ادبي تنقيد جي نظرين جي گهٽائي ذهن ۾ رکندي هن پنهنجي اصولن يا اصولي تجويزن جا تفصيل ڄاڻايا هئا. تون ڪوبہ تخليقي ۽ علمي ڪم ڪٽي ڏس. ان ۾ آخري سٽ لکڻ کانپوءِ بہ علمي ڏاهن، بحث ۽ واڌارن توڙي سڌارن جي سلسلي ۾ گنجائش ۽ ضرورت کي محسوس ڪيو آهي ۽ سڄي حياتي، اهڙي اڻ ڪئي Untolled جي ڳولا جاري رکي آهي، جيڪا گوش گذار ڪرڻ جي باوجود هنن جي نظرن ۾ اڃا بہ اڻ ڪئي آهي.

گذريل خط ۾ تو لکيو: 'سڄي دنيا تاج بلوچ ٿي پئي آهي.' مون ان جملي مان جمالياتي خط پرايو هئو. پر ضروري ناهي تہ ٻيو بہ، ان کي انهيءَ معنيٰ ۾ وٺي. معنيٰ ۾ سرت توڙي ساڃاهہ جا اهيئي پاڇولا shades شين جي معنويت ۾ پکيڙ کي وڌائيندا آهن. تون چئي سگهين ٿو تہ تنهنجو پورهيو اخلاص تي ٻڌل آهي. پر تنهن جو اهو شرط يا مطالبو تہ تنهنجي مقرر ڪيل حدن اندر ئي سچ آهي تہ انهيءَ سان خود سچ جي معنويت سسي سوڙهي ٿي پوندي. اهو تون سمجهي سگهين ٿو تہ پيار love سان گڏ بيمار پيار pathological love بہ ٿيندو آهي. جنهن کي infestation چوندا آهن. ۽ ڪنهن بہ وهنوار ۾ ابنارمل سينسيوٽي، افيسٽيشن کي سهڪاريندي آهي. جيڪڏهن انهن تحريرن سان تنهنجي وجود ۾ رڦٽي shiver ۽ ذهن ۾ ڏنوٽي ۾ vibration ٿئي ٿي ۽ تون پنهنجي زمان توڙي مڪان کي نيم موجب اڪلائيندي، ان لاءِ هڪ کان وڌيڪ احساس آئيڊنٽيفاءِ ڪري سگهين ٿو تہ اها تنهنجي ڊپريشن، اسٽريس يا فرسٽريشن ناهي پر ري وائيٽلائيزيشن آهي، يعني اها ڪيفيت هڪ اضافي سگهہ Energy آهي، جنهن کي تون ضايع ڪري Inert ٿي رهيو آهين. جيڪڏهن تون رئوف جي لفظ confused کي ڇيدڻ يا Analise ڪرڻ کان اڳ ۾ (ڪٿڻ ڪانسواءِ) ذهن تي حاوي ڪري رهيو آهين تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ تون ان کي ڊڪشنري پرسپيڪٽِو طور قبولين ٿو. پر جي تون ان کي پنهنجي انوويٽو انويسٽيگيشن جي، يا انڪوائريءَ جي ٽائيم اسڪيل ۾ رکندي اهو ساڃاهين تہ ڪنفيوزڊ آرڊر آف انفارميشن ۾ هر هستي ڪنفيوزڊ هوندي آهي تہ ان جو ريئلائيزيشن پرسپيڪٽِو بدلجي، ڪنهن نئين حقيقت سان توکي ملائيندو ۽ اتي پهچي تنهنجا سمورا وسوسا توکي ٻٽائيءَ جي اها سِٽ لڳندا،

> پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
> نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ

اميد تہ تون اڃا نوان سچ اپاريندين. دوستن کي سلام. موڪلاڻي ناهي. فريدي فريند جواب جي مهرباني.

نيازمند

شمس ■



## غزل



### زاهد تاج ابڙو

ريڪائن کي ريجهائي ڏسجي
توکي، توکان ئي چورائي ڏسجي
آ، جاذب، جاذب چهرو تنهنجو
نيڻن ۾ توکي سجائي ڏسجي
مون سانديو آهي ساهہ ۾ توکي
عشق جو جوت جلائي ڏسجي
عمر گذري قيد جي موضوع ۾
پيار ۾ پاڻ لٽائي ڏسجي
عالم آشڪاري عادت پنهنجي
ڪا چوٽ چنگ تي چاڙهي ڏسجي
لَحَد جي لحاف ۾ لِڪٽو ئي آهي
ڪفن، ڪنمالا ڪري پائي ڏسجي.



### حسن وساڻ

نيڻ جيئن ئي ڪلي ويا آهن
خواب پنهنجا رلي ويا آهن
دوستن جي هٿن ۾ پٿر ها
هو بہ جڳ سان ملي ويا آهن
ڏينهن سارو مزور مِل ۾ ها
سج ساموهن، جلي ويا آهن
آ هلي آءُ خواب ٻڻجي آءُ
در اکين جا کلي ويا آهن
نيڻ هن جا اها ٻڌائي ويا
ڳالهہ هو جا الي ويا آهن
مان تہ پنهنجي گهر ۾ آهيان پر
خيال هن ڏي هلي ويا آهن.

### منور ملاح

هوءَ ڪناري تي مهاڻي سانوري
ٿي لڳي مون کي ڪهاڻي سانوري
هن جي نيڻن ۾ ڪو منظر ٿو لُڇي
ڪنٺ تي ٻيڙي پراڻي سانوري
ڪيئن پتڻ جو پڇجي ان کان ئي پتو
هئي اداسي سونهن ساڻي سانوري
عشق جي مون سمنڊ کي ڪارو ڏٺو
روپ اهڙا نہ رک ڄاڻي سانوري
زلف ڪليل تنهنجا ۽ گهٽا سوچ ۾
سار ۾ ساحل جواڻي سانوري
شام جا رنگ سيئي اڏاميا پئي
شام درديلي پڇاڻي سانوري
درد ماڻيم لڙڪ پيتم هر گهڙي
ڪنهن خوشي عيوض نہ ملڻي سانوري.

### شير هاليپوٽو

پرتوؤ آ پيار جو
آدم جوئي وجود
ٿو رنگتون پنهنجون رکي
هر طبقو ئي خاڪ آ
حاضر حق موجود
ٿو رنگتون پنهنجون رکي
صوفي واٽ ڏسي ويا
من جو من سُجود
ٿو رنگتون پنهنجون رکي
عشق الله جو دوستو
آهي لا محدود
ٿو رنگتون پنهنجون رکي
شير بہ ماڻيندو ڪڏهن
منزلِ مقصود
ٿو رنگتون پنهنجون رکي. ■



خاتون اول شاعره (18هين ورسي)

نصير مرزا

# نور جي شفاف ندي...

1936-1995

پهرين نومبر 1995ع تي، جڏهن مان پنهنجي ڊائري ۾ هي تعزيتي سِٽون لکڻ ويٺو آهيان، ان کان ٺيک ڇهه مهينا ۽ ارڙهن ڏينهن اڳ فون تي مون آخري ڀيرو هُن سان ڳالهايو هو. ٻارهين اپريل 1995ع جي شام هئي ۽ ان ئي شام جو ريڊيو جي اڳوڻي اسڪرپٽ رائيٽر ۽ شاعر مظفر حسين جوش صاحب جي وفات جي خبر نيوز سيڪشن ۾ 'ڪريڊ' تي اچڻ سان ئي سندن ياد ۾ تعزيتي پروگرام پيش ڪرڻ جو آفيس آرڊر منهنجي ٽيبل تي مون کان 'رسيو' ڪرايو ويو. مون تڪڙ تڪڙ ۾ الياس عشقي صاحب جا جوش صاحب بابت تاثرات رڪارڊ ڪري اچڻ کان پوءِ فوري طور نور شاهين صاحبه کي ائپروچ ڪيو ۽ اهو ان ڪري جو مون ڄاتو ٿي ته جوش صاحب، نور شاهين کي پنهنجي نياڻيءَ وانگر سمجهندو هو. فون ڪيم ته هُن جي گهر ۾ رِنگ مسلسل وڄندي رهي ۽ ڪافي وقفي کانپوءِ جنهن شخص فون کنيو، اُهو سندس پٽ هو.

چيم، "نور شاهين صاحبه سان ڳالهائيندس."

جواب مليو، "سندن طبيعت ٺيک ڪونهي."

اصرار ڪيم، "ضروري ڪم آهي، پليز مون کي مايوس نه ڪريو."

جهٽ ڪن رکي جنهن آواز، 'هيلو نصير' چئي مخاطب ڪيو، دل ڪنهن به طرح اُن آواز کي ادي نور شاهين جو آواز تسليم ئي نه پئي ڪيو. يا خدا! ڪٿي هو شگفته گُلابن جهڙو تروتازه آواز ۽ ڪٿي هي مُرجهايل مکڙين جهڙو ڪومايل نحيف ۽ هيٺو آواز.

چيائين، "نصير، شروع نومبر 1994ع کان مان سخت عليل آهيان ۽ مسلسل صاحبِ فراش." مون ٻنان ڪنهن دير جي پنهنجي مُدعا بيان ڪئي.

وراڻيائين، "نه نصير، معذرت خواه آهيان، جو نٿي ڳالهائي سگهان مان." سندس غير متوقع انڪار تي اوچتو ٻئي چُپ ٿي وياسين ۽ وري چُپ جو اهو وقفو به چُپ چاپ گذري ويو ته ضد ڪندي چيم،

"ٻه اکر ئي ته ڳالهائڻا آهن اوهان کي. مان ٽيپ رڪارڊ فون سان ڪنيڪٽ ٿو ڪريان."

چيائين، "منهنجي طرفان تون ئي ڪجهه اکر چئي ڇڏ..." ۽ مون ن ئي من ۾ هن کي راضي ڪرڻ لاءِ اڃا ڪجهه وڌيڪ لفظ چونڊڻ پئي چاهيان ته چيائين،

"مون کي وڌيڪ رُڪئيسٽ نه ڪر نصير." ۽ هن جي ان التجا ۾ ڄڻ اُجهامندڙ ڏيئي واري وينتي هئي. مان همٿ هاري ويٺس.

چيم، "توهان ٺيک ٿيو ته پلا پوءِ توهان جو ريڊيو لاءِ انٽرويو ڪٽي ڪندس."

هميشه وانگر مهذب ۽ شائسته لهجي ۾ ڌيرج سان چيائين، "ضرور."

۽ فون رکڻ کان اڳ دل ۾ چيم، "ڪاش هوءَ ڪجهه اکر جيڪر رڪارڊ ڪرائي وٺي ها، ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها."

۽ ان ڳالهه جو شديد احساس ته مون کي ان وقت تائين گهٽو ٿيو، جڏهن 20هين سيپٽمبر 1995ع تي نور شاهين صاحبه جي وفات کانپوءِ سندس ڏکويل پاٽُ ڊاڪٽر منصور احمد ۽ پٽن جهڙي پائيٽي صفدر امانَ سان مان هڪ شام جو هن کي ياد ڪري رهيو هئس. حيدرآباد جي شام تي اداسيءَ جو شفق پکڙجي رهيو هو ۽ نور شاهين صاحبه جون ڳالهيون ڪندي، اسان سڀني جي اکين ۾ غير محسوس انداز ۾ آلاڻ پکڙجندي پئي وئي.

ڊاڪٽر منصور ٻڌايو پئي، "15- 20 سال اڳ جي ڳالهه آهي. ادي ڪنهن ڪتاب جي تلاش ۾ هڪ ڏينهن سليقي سان سجايل پنهنجي ڪتابن وارو ڪٻٽ کولي، ڪنهن ڪتاب ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪڍيو ته اوچتو هوءَ ششدر ٿي بيهي رهي. 'خدايا' هي ڇا؟' وري اتاولائي مان ٻيو ۽ ان کان پوءِ ٽيون ڪتاب ڇڪي ڪڍيو ۽ اُن کانپوءِ ته هُن جنهن به ڪتاب ۾ هٿ وڌو، اُڏوهيءَ ڪائي اُن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو هو." اوهه! نور شاهين صاحبه جي اُن ڏينهن واري پريشانيءَ جو تصور ڪندي مون کان بي اختيار رڙ نڪري ويئي هئي.

ڊاڪٽر منصور ٻڌايو، "پوءِ ان ڏينهن ڪتاب الماڙيءَ مان ڪڍي ٻاهر ڍير ڪندي هوءَ متواتر روئيندي رهي. ۽ هن جي روئڻ واري ڳالهه تي اوچتو اسين سڀ چُپ ٿي وياسين."

وري گفتگوءَ جي وچ مان چُپ جو وقفو پورو ٿيو ته ڊاڪٽر منصور چپَ چوريا. چيائين، "گذريل سال نومبر ۾ اديءَ کي 'ڪينسر' ڊڪليئر ٿيڻ کانپوءِ اسان سڀني گهر وارن جي ڪيفيت به اهڙي ئي ٿي ويئي هئي. جهڙي ڪيئي سال اڳ اُڏوهيءَ کا ڌل ڪتابن کي ڏسي ادي نور جي ٿي ويئي هئي."

۽ صفدر امانَ، جنهن کي ادي نور شاهين پٽن وانگر پاليو هو، جيڪو هڪڙو نهايت ڪيُوٽ، مُهذب ۽ ڌيرج ڀريون ڳالهيون ڪندڙ نوجوان هو.

ٻڌايو پئي، "امي اُن خوفناڪ بيماريءَ جون ٻُڌي ٿورو به ششدر نه ٿي. بس چُپ ٿي ويئي هئي. ۽ بيماريءَ جي پهرين ڏاکي شروع ٿيڻ کان وٺي، هُن گهٽو ٽٽو پوءِ تصوف ۾ ئي سڪون ڳوليو ۽ بيماريءَ کي وساري پنهنجا ٽڙيل پکڙيل ليک، ڪتاب ۽ يادگيريون سهيڙڻ ۾ مصروف ٿي وئي هئي. ۽ ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي ته طبيعت جي بدترين صورتحال ۾ به، هُن ڪڏهن به همٿ نه هاري. ڇا جي لاءِ جو هوءَ وڏي بردبار پر ساڳئي وقت صابرين شخصيت جي مالڪ خاتون به هئي ۽ هن ڄاتو ٿي ته مون کي ڪينسر آهي ۽ ان مان بچڻ محال آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ ۽ متواتر 'وِيڪ نيس' ۾ به جيڪڏهن پڇيو مان، 'امي، ڪيئن آهيو؟' جواب ملندو، 'ٺيک آهيان.' ۽ موت ۾ مٺي مرڪ چَپن تي. وفات کان صرف اڌ ڪلاڪ اڳ ڪوما ۾ وڃڻ کان پهرين به هوءَ ڪانشس هئي. زور سان سيرانديءَ کان بيهي پڇيو مانِ، 'ڇا ٿا محسوس ڪريو امي؟' ڌيرج سان نحيف آواز ۾ وراڻيائون، 'صحيح...'

۽ صفدر اُن شام جو پنهنجي پياري اَميءَ جون ڳالهيون ڪندي ڪندي آبديده پئي ٿي ويو. وري ڪجهه لمحا ترسي ٻڌايائين، 'وچ ۾ ڪجهه وقت لاءِ امي ٺيک به ٿي ويئي هئي. تڏهن چيو هيومان، 'اوهان مڪمل صحتياب ٿي وٺو ته رمضان شريف اچڻ کان اڳ عمرو ادا ڪرڻ لاءِ هلنداسين.' ۽ پاڻ نهايت پُراميد انداز ۾ زيرِ لب وراڻيو، 'انشاء الله ضرور هلنداسين.' سچ پچ ته امي... (صفدر ڌيرج سان ڳالهائي ٻيو هو) اسان لاءِ محبت ۽ شفقت جي هڪ شفاف نديءَ وانگر هئي. جيڪا خاموشيءَ سان پاڪيزگيءَ جي اٿاهه سمنڊ ۾ هلي ويئي ۽ اهي پويان لفظ مون چپن ۾ چيا هئا.

۽ ادي نور شاهين جون ڳالهوين ڪندي، منهنجي تصور ۾ اهو پهريون ڏينهن روشن ٿيندو ويو، جڏهن پهريون ڀيرو منهنجي هُن سان آمهون سامهون ۽ باقاعده هيلو هاءِ ٿي هئي. ادب ۾ پير پاتو هئم ته صرف هن جي مانائتي نالي سان ئي شناسائي هئم. ريڊيو ۾ آيس ته

بنفسِ نفيس هن کي اکين سان ڏٺم. ڊيوٽي روم ۾ ويٺو هئس جو کنهن ٽاک رڪارڊ ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هُوءَ اچي ويٺي هئي. بدن تي چادري ۽ اکين تي ڪارا گلاس ۽ اُن ڏينهن هوءَ ڪيڏي نه وضعدار، باوقار، بُردبار ۽ شاندار شخصيت واري خاتون لڳي رهي هئي. مون کي ياد آهي ته 9 مارچ 1989ع واري ريڊيو جي، ’ڪُل سنڌ اردو سنڌي مشاعري‘ ۾ جڏهن پنهنجن همعصرن جي وچ ۾ هن خاتون کي ڏٺو هئم ته اُنهن سيني ۾ مون کي سچ پچ ته هوءَ ڪنهن جَرڪندڙ ستاري وانگر لڳي رهي هئي.

۽ ان جَرڪندڙ، پر گمنامين ۾ رهندڙ شاعره جي وفات جي خبر، سنڌي اخبارن ۾ ڪيڏي نه مختصر ۽ غير اهم انداز ۾ شايع ٿي هئي. ته ’نور شاهين وفات ڪري وئي.‘

اُها ليکڪا، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ’خاتونِ اول شاعره‘ جي حيثيت حاصل هئي ۽ جنهن سڀ کان اول ريڊيو حيدرآباد لاءِ سنڌيءَ ۾ غزل ۽ گيت لکيا، سا ڪيڏو نه چُپ چاپ ۽ خاموشيءَ سان دنيا مان هلي وئي. ادب ۾ نالو آهسته آهسته پيدا ٿيندو آهي. پر هن خاتون ته ’بشارت‘ اخبار ۾ ڇپيل پنهنجي پهرئين غزل سان ئي پنهنجي لاءِ سڃاڻپ جو حلقو پيدا ڪري ورتو هو. عجيب اتفاق جو جنهن زماني ۾ هُن لکڻ شروع ڪيو، سنڌي ادب مختلف نظرياتي تحريڪن جي مُٺ ۾ پڪوڙيل هو. رجعت پسند، ترقي پسند، جمعيت الشعراءِ، بزمِ شعرا، بزمِ خليل ۽ الاءِ ڇا ڇا، پر هُن پنهنجي سڃاڻپ ڪنهن تنظيم جي پليٽ فارم بدران پنهنجي شاعراڻي صلاحيتن ذريعي پيدا ڪئي. ڇا غزل، ڇا نظم، ڇا گيت، ڇا ڪافي، ڇا حمد، نعت، منقبت- هُن جو قلم هر هنڌ ۽ هر صنف ۾ روان دوان نظر آيو. سنڌ جي هوءَ اڪيلي سنڌي شاعره هئي. جنهن مردن سان ’شانہ بشانہ‘ سکر کان جيڪب آباد تائين مشاعره پڙهيا. مشاعرن ۽ ادبي گڏجاڻين جي صدارت ڪئي ۽ خوب پاڻ ملهايو. وڏي ڳالهه ته سنڌ جي هوءَ واحد ۽ اڪيلي خاتون شاعره هئي. جنهن پهريون دفعو بطور ليکڪا وقت جي اهم ميڊيا ’ريڊيو‘ لاءِ فيچر، ڊراما، گيتن ڀريون ڪهاڻيون، تقريرون ۽ گيت لکيا ۽ ٻين پڙهيل لکيل ۽ گهريلو خواتين لاءِ اهڙن ادارن ۾ اچڻ جي راهه هموار ڪئي، جتي شروع زماني ۾ وڏن گهرن جون خواتين ايندي عيب محسوس ڪنديون هيون.

بزرگ مؤرخ جناب اسماعيل رضي جئپوريءَ هن جي بايوگرافيءَ ۾ لکيو آهي، ’نور شاهين صاحبه جو پيدائشي نالو ’بخت بلند‘ هو. اسڪول جي پرنسپل گهر وارن جي اجازت سان سندس نالو ’نور جهان‘ رکيو. سندن والد شاهه محمد خان علي زئي ڪاڪڙ پٺاڻ قنڌار مان ڪوئٽا ۽ پوءِ اتان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. 1954ع ۾ والد جي وفات وقت هوءَ لڳ ڀڳ چوڏهن سالن جي هئي. هوءَ ٽن ڀائرن ۽ ٽن ڀينرن جي نهايت لاڏلي ڀيڻ هئي. تعليم لاءِ 1956ع کان 1957ع جي وچ ڏاري اورينٽل ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ ان کان اڳ سينٽ ميريز ۾ پڙهي چڪي هئي. اُتي هوءَ انگريزي ٻوليءَ جي انتهائي ذهين شاگرد ۽ ڊبيٽر مڃي وئي. تقرير هن لکي ڪڏهن به نه ڪئي، بس ڪجهه پوائنٽس آڏو رکندي هئي ۽ سندس گفتگوءَ جي رواني ٻڌڻ وٽان هوندي هئي. اُن دؤر ۾ حاصل ڪيل ڪيئي ايوارڊ ۽ شيلڊبون هن جي گهر جي شوڪيسن ۾ موجود آهن. 1965ع ۾ هن اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيو. تاريخ، جاگرافي، اخلاق، تصوف، اقتصاديات، سياسيات، سماجيات ۽ هوميوپيٿيءَ ۾ هُن جو خاص مطالعو هو. 1963ع ۾ هن هوميو ٽريننگ ڪاليج لاهور مان ايم. ڊي. ايچ جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو.

هن جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود هزارين ڪتاب، هن جي مطالعي ۽ ڪتابن سان محبت جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. اردو، سنڌي، انگريزي، عربي، فارسي، هندي ۽ سرائيڪي ٻولين جو هُن کي نه فقط مطالعو هو. پر هُن انهن ٻولين ۾ لکيو به آهي. اديب فاضل جو نصاب پڙهندي هن صرف و نحو جا قاعدا، علم بديع، علم بيان، علم معاني، علم عروض کان سواءِ مضمون نگاري ۽ افسانه نويسي جي مطالعي کان علاوه غزل، مثنوي، نظم، رباعي، قطع، ڪافي ۽ تنقيد تي ڪافي عبور حاصل ڪري ورتو. ڪو زمانو هو جو هن ’شارڌا‘ ۽ ’شگفته‘ جي نالن سان سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ تنقيدي ليک لکي ڏڏڪو مچائي ڇڏيو. بطورِ اسسٽنٽ ايڊيٽر ماهوار ’اديون‘، هُن سنڌ جي ڪيئي اُڀرندڙ ليکڪائن جي همت افزائي ڪئي ۽ ڪين ادب ۾ اُسري اڳيان وڌي اچڻ جو حوصلو ڏنو ۽ پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ تائين، هن جو گهر، اڀرندڙ ليکڪائن لاءِ ڄڻ هڪ ’روان دوان درسگاهه‘ وانگر هو.

۽ ڪجهه شخصيتون بظاهر منظر تي نظر ناهن اينديون، پر جڏهن هليون وينديون آهن ته لڳندو آهي ته منظر خالي ٿي ويو آهي. نور شاهين صاحبه جهڙي، ’خاتونِ اول شاهه‘ جي هليو وڃڻ سان آئون ائين ئي محسوس ٿو ڪريان. هن پنهنجي همعصرن ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، مظفر حسين جوش، سردر علي شاهه ذاڪر، سيد منظور نقوي ۽ رشيد احمد لاشاري وغيره جي دؤر ۾ لکڻ شروع ڪيو هو ۽ اسان جي دؤر تائين ايندي ايندي جهڙوڪر پسمنظر ۾ هلي وئي هئي. بس، ڪڏهن ڪنهن مقامي مشاعري، ادبي محفل يا ريڊيو تي هلي ايندي هئي، نه ته گهر... گهر جي ٽئيبل... مطالعو... ۽ بس.

20 سيپٽمبر 1995ع جي صبح جو ڏهه لڳي پندرهن منٽن تي ’رُسُ م رُسڻ گهوريو‘ جهڙي اهم ڪتاب جي شاعره، لڳ ڀڳ ’هڪ سال صاحبِ فراش‘ رهڻ ڪانپوءِ، پنهنجي مهربان ماءُ ۽ شفيق پيءُ ڏانهن وڃي چڪي.

۽ آخري وقت ۾ نور شاهين صاحبه پنهنجي سياوَ ۾ ڪيڏو نه خاموش رهندڙ شاعره هئي ۽ ڪيڏو عجيب اتفاق آهي، جو دنيا مان رخصت ٿيڻ لاءِ به هن خاموشيءَ سان ئي وڃڻ کي ترجيح ڏني ۽ شهرِ خموشان ڏانهن سندس ان ريت وڃڻ تي مون کي ته ائين ٿو لڳي، ڄڻ هوءَ ڪائي نورُ جي شفاف ندي هئي، جيڪا زندگيءَ جي سفر جا لاها چاڙها طئي ڪري نيٺ محبت جي اَٿاهه سمنڊ ۾ لهي وئي، چُپ چاپ.

دعا آهي ته شال سندن تربت ۾ چؤطرف هِيرُن جون ٻُهڪارون هجن. آمين ■

## نثري نظم



## عابد ڪاظمي

### يادون

يادون
ڪڏهن دستڪ
ڪڏهن سرگوشيءَ سان
تنهائيءَ جي
در ۽ ديوار تي
ڦُٽي پونديون آهن
۽ مان ڀرجي ويندو آهيان
تنهنجي بدن جي خِوشبو سان.

### ننڊَ جا پکي

جنهن ڏينهن کان
جُدائيءَ جي منجهند
منهنجي اکين ۾
آکيرو ٺاهيو آهي
تنهن ڏينهن کان
منهنجي راتين جي اڱڻ ۾
ناهن لٿا
ننڊَ جا پکي.

### قيد

بي ترتيب لمحا چونڊي
مون تصوير ٺاهي
پاڻ کي جوڙڻ چاهيو
پر هر ڀيري رنگن جي وچَ مان
اُڀري آيا اوپرا نقشَ
اڄ تائين پنهنجو عڪسُ
ٺٽجي ناهي سگهيو مون کان
ڪئنواس تي وڪريل رنگن ۾
هڪ ڀيرو ٻيهر
مون پاڻ کي قيد ڪري ڇڏيو آهي. ■



# مان نور شاهين آهيان...

نور شاهين

”مون کي منهنجي سوانح لکڻ لاءِ چيو ويو آهي. سوانح لکڻ لاءِ ان تنقيدي نگاهه جي ضرورت آهي، جيڪا خوبين سان گڏ خاميون به ظاهر ڪري. منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اڄوڪي خود پرست دنيا ۾ پاڻ کي تنقيدي نگاهه سان ڪيئن ڏسبو، جڏهن هر طرف آئون ئي آئون نظر اچي رهيو آهي! لهاذا پنهنجي ’سوانح‘ کي وساري، هت مان چند علمي خدمتن جو ذڪر ڪنديس، جيڪي ادبي دنيا ۾ ڪيون اٿم يا ڪري رهي آهيان.“

سڀ کان پهرين سوال پيدا ٿو ٿئي ته منهنجي شاعريءَ جو محرڪ ڇا آهي؟ منهنجي شاعريءَ جي ابتدا انگلش پزلس کان ٿئي ٿي. مان ڪانوينٽ ۾ پڙهندي هيس، عمر ڏهه سال هئي، مان ۽ چند همر عمر ساهيڙيون پزلس، پر پوئم جي صورت ۾ لکي انگلش رسالي ٽريو سرچيٽ کي موڪلينديون هيونسين ۽ شايع ٿينديون هيون. ٻارهن سالن جي هيس ته هتي جي ڪجهه عورتن جي محفلِ عيد ميلاد النبي منعقد ڪئي. هن محفل ۾ اڪثر خواتين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. آپا طاهره آغا مون کي به چيو هو ته مان تيار ٿي اچان، لهاذا مون هڪ مقالو پڙهيو، جنهن ۾ سمرنا (ترڪيءَ) جي تباهيءَ جو نقشو چٽيل هو. اهو مقالو تمام پسند پيو. اڪثر عورتن جي اکين ۾ پاڻي اچ به چشم تصور سان ڏسي رهي آهيان. انهيءَ ئي مقالي منهنجي ۽ شعر جي وچ ۾ هڪ ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ڪڏهن افسانو ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيم، ليڪن مختلف نالن سان.

سنه 1957ع ۾ منهنجو هڪ لکيل ڪتاب، جنهن جو نالو شايد ڪنهن به دؤر ۾ ظاهر ڪرڻ پسند نه ڪريان، ڪنهن شخص هٿان گم ٿي ويو. ڏک ته گهڻو ٿيو. ليڪن ان شخص کي ڪجهه به نٿي چئي سگهيس، جو هو حيدرآباد کان ٻاهر هليو ويو هو. سندس ائڊريس هٿ ڪرڻ لاءِ، مذڪوره شخص جا ڪجهه غزل جيڪي مون وٽ رکيل ۽ وساريل هئا ۽ شايع نه ٿيا هئا، مون هڪ-اڌ رسالن ۾ ڏيڻ شروع ڪيا. منهنجو اندازو صحيح ثابت ٿيو، هن خط لکيو ۽ مون کي سمجهايو، ’ان ڪتاب جي گم ڪرڻ ۾ سندس هٿ نه پر ڪنهن ٻئي جو هٿ آهي.‘ بهرحال اها ڳالهه منهنجي ۽ ان محترم جي درميان محدود رهي. غزلن شايع ٿيڻ بعد هر طرف کان مبارڪباديءَ جا خط اچڻ لڳا. انهن خطن کي ڏسي خوش ٿيڻ بدران شرمنده ٿيس، انهيءَ ڪيفيت ئي منهنجي ۽ شعر جي وچ ۾ آيل ديوار کي ريتيءَ جي ديوار وانگر ڪن ۾ ڪيرائي پٽ وجهي ڇڏيو. رک ۾ اندر لِڪل چٽنگ ازسِرنو پڙڪا ڪائڻ لڳي ۽ مان انهيءَ ميدان ۾ ٽپي پيس، جيڪو اسان جي خاندان ۾ منهنجي ٻن چاچن علي بخش خان ۽ عبدالله خان تعمير ڪيو هو. يعني شعر جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳيس.

ليڪن جيئن ته اردوءَ زبان تي نسبتاً زياده قدرت حاصل هئي، ان ڪري پنهنجي پهرئين مقالي وانگر پهريون غزل به اردو زبان ۾ چيم جنهن جو مطلع آهي:

جلو میں لیکے جو رعنایاں زنگِ شباب آیا،
چمن میں پھول شرمائے ستاروں کو حجاب آیا۔

هي غزل ’بشارت‘ اخبار ۾ شايع ٿيو. بعد ۾ سنڌي ڪلام کي پنهنجو ڪيم. البته اردوءَ کي بلڪل ڇڏي نه ڏنم. ڪجهه ويجهن چيو، ’اردوءَ ۾ نه لکان، ڇاڪي سنڌيءَ کان سٺو لکنديس ته به اردو دان طبقو پنهنجي تعصب جي ڪري منهنجي پوزيشن قبول نه ڪندو.‘

ليڪن مون خيال ڪيو ته ڪير به ڪنهن جي پوزيشن قبول نٿو ڪري، پنهنجو مقام پاڻ حاصل ڪبو آهي ۽ ان لاءِ ارادي جي مضبوطيءَ ۽ خلوصِ نيتيءَ جي ضرورت آهي. ٻيو ته اردو ڪنهن خاص گروهه جي زبان نه آهي. پارٽيشن کان پهرين به هيءَ زبان نه صرف سنڌ ۾ رواج ۾ اچي چڪي هئي، بلڪ ڪئي بلند پايه شاعر مثلاً سچل سرمست وغيره هن زبان ۾ ڪلام چئي ويا آهن. لهاذا منهنجي لاءِ ممڪن نه هو ته هن زبان ۾ ڪجهه چوڻ کي ئي گناهه سمجهان! بهرحال مون هڪ ئي وقت سنڌي، اردو، ملتاني ۽ پنجابيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. مضامين ۽ اشعار لکندي هيس ۽ مختلف نالن ۾ شايع ڪرائيندي هيس. انهيءَ کان ٿورو پهرين بزمِ خليل طرفان پڪي پير گاڏي ڪاتي ۾ لطيف ڏي ملهايو ويو هو، جتي مون پاڻ وچي نظم پڙهيو، پر پردي جي پٺيان ۽ ’ساحره‘ تخلص سان.

سنه 1960ع کان منهنجي طبيعت ڪجهه خراب رهڻ لڳي. سنه 1963ع جي ابتدا تائين مرض ايترو زور ورتو جو منهنجا معالج نااميد ٿي ويا. ڏينهن جو اڪثر حصو مون کي انجيڪشن جي وسيلي بيهوش رکيو ويندو هو، ان ڪانپوءِ هوش ۾ اچي تڙپڻ لڳان. انهيءَ دوران جڏهن ٿوري طبيعت ٺيڪ ٿيندي هئي، تڏهن ڊاڪٽرن جي هزار منع جي باوجود لکڻ شروع ڪندي هيس. انهيءَ ئي عرصي ۾ مثنوي ’فتح استنبول‘ سنڌيءَ ۽ مثنوي ’سوز و ساز‘ اردو لکيم. جيئن ته ان وقت تائين ڪنهن به استاد جي دامن نه ورتي هيم تنهنڪري قافيه جون غلطيون نه ٿيڻ ممڪن ئي نه هو. شاعريءَ ۾ آخر استاد جي ضرورت پئي. منهنجي شاعريءَ جو پهريون سبق محترم رشيد احمد لاشاريءَ جو مرهونِ منت آهي. اسپتال مان جڏهن گهر آيس، تڏهن پهريون ڪم استاد وٺڻ هو. ان سلسلي ۾ قبله ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب ’خليل‘ مدفيوضه جي خدمت ۾ پهتيس ۽ ڪامياب موٽيس جو قبله موصوف کي پنهنجي شاگرديءَ ۾ قبول فرمايو. 1965ع ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل صاحب رزي جيپوري مدفيوضه جي اڳيان زانوئي ادب ته ڪيم.

سنڌيءَ ۾ ته منهنجو ڪلام شايع ٿيندو رهيو، ليڪن اردوءَ ۾ ’بشارت‘ ڪانپوءِ منهنجو ڪلام قبله ذهين شاهه صاحب تاجي مدفيوضه پنهنجي ماهوار ’تاج‘ ڪراچيءَ ۾ ايڊيٽوريل نوٽ سان شايع ڪيو. ائين چوندي نهنائي نٿي پانيان ته جيتري همت افزائي منهنجي پنهنجي زبان وارن ڪئي، ايتري اردو وارن به ڪئي. منهنجو استاد مولانا رزي صاحب اڪثر اشعار ٻڌي همت افزائي ڪندو آهي ته اهڙا اشعار اسان جي عمر وارن کي چوڻ گهرجن، تون ڪيئن ٿي چوين! مون کي ياد آهي هڪ مشاعري ۾ محترم محسن ڀوپالي صاحبا سٽيج تان لهي اچي مون کي مبارڪ ڏيئي منهنجي همت افزائي ڪئي.

مان پنهنجي استادن کان اڃا به عروض پڙهي رهي آهيان ۽ هميشه پڙهندي رهنديس، خواه عروض خواه فلسفو، ادب ۽ فن ۾ اڃا خام آهيان، ليڪن فڪرِ شعر وقت ضرورياتِ فن جي ابتدائي اصولن جي پابندي ضرور ڪريان ٿي. سنڌي، پنجابي ۽ ملتاني ۾ نور ’شاهين‘ اردو ۾ ’هما‘ تخلص ڪريان ٿي.

بيمارين جو سلسلو ختم ٿيندي نظر نٿو اچي. ليڪن اهي جسماني تڪليفون علم جي پياس کي ختم ڪري نٿيون سگهن. هڪ سال امتحان هال ۾، هڪ سال اسپتال ۾ تڙپندي گذرندو رهيو آهي، انهيءَ ئي ڪشمڪش ۾ هوميو ٽريننگ ڪاليج مان 1963ع ۾، ايم. ڊي. ايڇ (ڊاڪٽر آف ميڊيسن) جي ڊگري فرسٽ ڪلاس ۾ حاصل ڪيم ۽ ڪاليج جي طرفان خصوصي اجازت ملي، پنهنجي نالي جي پٺيان ايم. ايڇ. ٽي. سي لکڻ جي 1966ع تائين هڪ طرف اديب فاضل ڪيم ۽ ٻئي طرف بي.اي تائين پهتيس ته وري بيماريءَ جو شديد حملو ٿيو. نوبت آپريشن تائين پهتي، منهنجي هر معالج مون کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو، ليڪن علم جي تانگهه آرام ڪرڻ نه ڏنو، هر انهيءَ بزرگ کان استفادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي جنهن وٽ علم جي پونجي ڏسان ٿي.

منهنجي اشعار ۾ تانگهه ۽ تڙپ کي دخل آهي. منهنجا مضامين ۽ افسانا وغيره تنقيدي، علمي ۽ اصلاحي ٿين ٿا، ۽ مختلف اخبارات و رسائل ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. منهنجون لکيل گيتن ڀريون ڪهاڻيون، افسانه ۽ فيچرز نثر ۾ خواه منظوم ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا رهن ٿا.

منهنجو پهريون ڪتب ترجمو آهي. ’ڪريمڊنو راڄپر‘ صاحب ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچرل، پنهنجو ڪتاب ’آمريڪا جو سفر‘ مون کي ڏنو، جنهن کي مون اردو ۾ آندو، بنام ’ديارِ غير‘.

ٻيو ڪتاب ’رُس مَ رسڻ گهوريو‘ سنڌي ڪلام جو مجموعو لطيف اڪيڊمي سکر طرفان شايع ٿيو آهي.

ٽيون ڪتاب ’اسلامي عهد ۾ سک قوم‘ ترجمو آهي ۽ سکر ۾ آهي.

چوٿون ڪتاب ’بهارِ جنون‘ اردو ڪلام جو مجموعو معظمي مولانا رزي صاحب جئپوري جي نظرِ اصلاح لاءِ وٺن آهي.

پنجون ڪتاب ’مثنوي فتح استنبول‘ تقريبا سورهن سؤ اشعار تي مشتمل آهي، هن ڪتاب تي استاد محترم حضرت شيخ محمد ابراهيم صاحب ’خليل‘ اصلاحي نظر ڪري رهيا آهن.

ڇهون ڪتاب ترجمو آهي حضرت محدث عبدالعزيز صاحب دهلويءَ جي ڪتاب ’تحفه اثنا عشريه‘ جو. هي ڪتاب جيئن تہ ضخيم آهي. لهٰذا ارادو آهي تہ حصن ۾ ورهائجي. هن جو پهريون حصو استاد محترم و مڪرم جناب مخدوم امير احمد صاحب پرنسپل سنڌ اورينٽل ڪاليج کي ڏنل آهي تہ جيئن عربيءَ جون خاميون ڏسڻ فرمائين.

ستون ڪتاب ’مذهب اور تصوف‘ اردو، مڪمل آهي. ليڪن جيستائين ڪنهن جيد عالم جي نظر مان نہ نڪرندو تيستائين ان کي شايع ڪرائي نہ سگهبو.

هڪ سنڌي ناول ’ليليٰ‘ هڪ ٻيو سنڌي ناول ۽ ٻہ اردو ناول جن جا مڪمل ٽيڻ ڪانپوءِ بہ نالا نہ لکيا اٿم. انهن جا مسودا پيل آهن.

هن وقت حضرت ’بيدل‘ رحمة الله عليه جي تصنيف ’پنج گنج‘ جو ترجمو زيرِ قلم آهي. ان ڪتاب جي ترجمي لاءِ ميمڻ عبدالمجيد صاحب سنڌي پروفيسر اسلاميہ ڪاليج سکر منهنجو انتخاب ڪري، پنهنجي علم نوازيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ورنہ ڪجا حضرت ’بيدل‘ رحمة الله عليه جي تصنيف ۽ ڪجا منهنجو علم يا مطالعو! ’پنج گنج‘ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن تي مشتمل واقعي هڪ غير فاني گنج آهي.

ڪنهن بہ زبان ۾ مان پنهنجو شعر ڪنهن هڪ صنف تائين محدود نہ رکندي آهيان. ڪانگل، ٻارهن ماهو، ماهيا، نظم، سانيٽ، ترائيل، مثنويون، چار بيت، رباعيات، قطعات، ڪپليٽس، گيت، غزل، وائيون، ڪافيون، دوها وغيره تي طبع آزمائي ڪندي آهيان. سنڌي زبان ۾ رباعيات ۽ قطعات لکڻ ۾ اڃا دقت پيدا ٿئي ٿي. ملتانيءَ ۾ ڪافين سان گڏ غزل بہ چيل آهن. مان پاڻ بہ نوان وزن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ائين جيئن غير عروضي نہ بنجن ۽ راڳ ۾ هلي سگهن. ملتاني غزل جو مطلعو:

سجدي ڪيتي مئن يار دي قدَ مانَ تي والهانہ
اِيهو عبادت مئڏي هَئِوي اِيهو هي دگانہ.

مان لاڳيتو وقت نہ نثر کي ڏيئي سگهندي آهيان نہ نظم کي. ڇهہ- ڇهہ مهينا نظم کان ائين دور هوندي آهيان جيئن ان شيءِ سان لاڳاپو ئي ناهي، وري جڏهن شعر جو غلبو ٿيندو آهي، تڏهن هڪ عرصي لاءِ نثر اهڙيءَ طرح دور ٿي ويندو آهي، گويا ڪڏهن ان سان آشنائي نہ هئي.

مان پنهنجي ڪاليج جي ڪامياب ڊبيٽر رهي چڪي آهيان. ان سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ حصو ورتو اٿم. فخر ان ڳالهہ جو اٿم جو ڪڏهن بہ عام شاگردن وانگر پنهنجن استادن کان لکرائي ۽ رٽي نہ وئي آهيان، جيڪو ڪجهہ چيم سوخود سوچيم ۽ خود چيم... ڪنهن مقالي يا تقرير لاءِ يا ڪنهن مشاعري ۾ حصي وٺڻ لاءِ محفلن ۾ تمام ڇڏو وڃڻ ٿئي ٿو. خواه مخواه جي گهمڻ ڦرڻ ۽ وقت برباد ڪرڻ لاءِ هڪ تہ فرصت نٿي رهي، ٻيو تہ طبيعت بہ گوارا نٿي ڪري. البتہ هوا خوريءَ لاءِ ڪڏهن رات جو مانيءَ کان پوءِ ڄامشوري تي يا ڪنهن ٻئي اهڙي سڪون واري جاءِ تي عزيزن سان گڏ وڃڻ کان نہ نٽائيندي آهيان. تاريخي جايون ڏسڻ ۽ بزرگن جي درگاهن تي وڃڻ پسند ڪندي آهيان ليڪن عرس جي دوران نہ. ان سلسلي ۾ پاڪ و هند جي باقي ڪا درگاهہ رهيل هوندي. فقراءَ دين جي عزت ڪرڻ فرض سمجهان ٿي. گهر جو وقت صبح کان وٺي رات تائين لکڻ پڙهڻ ۾ گذري ٿو. هن وقت لطيف اڪيڊمي سکر ۽ هوميو ٽريننگ ڪاليج لاهور جي ميمبر آهيان.

نيم ڪلاسيڪي موسيقي پسند آهي. راڳن ۾ مالڪوس و ديڪ مرغوب آهي ۽ سازن ۾ ستار. پنهنجي اسلاف کانپوءِ گوتم ٻڌ، گيتا جو مصنف سري ڪرشن، آرفينس (orphans) ۽ سقراط پسند آهن. بعد جي مغربي مورخين ۽ علماءِ ۾ چيخوف، ڊاڪٽر سورلي، برنارڊ شاءُ ۽ فلپ. ڪي. هٽي کي پسند ڪريان ٿي.

ڪنهن بہ قوم جي انهن اديبن ۽ شاعرن کي پسندنٿي ڪريان جن وٽ پنهنجو فڪر ناهي ۽ لڪير جا فقير بنجي زندگي گذارين ٿا، جيڪي صرف گفتار جا غازي آهن. ■

## رضا لانگاهہ جون وايون

ياد جا ٻاري ڏيئا
تون ڪنهن کي ڳولين ٿي
او ٽريلي ڇوڪري
قهر جو جوين ڪٽي
ڇو تنهنڪي رولين ٿي
او اٽريلي ڇوڪري
رات جي جُگنوءَ پُٺيان
هي ڇا ڇا ٻولين ٿي
او ٽريلي ڇوڪري
حيوانن جي بستيءَ ۾
ڇو ڇاتي ڇولين ٿي
او ٽريلي ڇوڪري.

ڪولي دَرَ دريون
ڪڏهن چَري تون
ائين نهاريندي نہ ڪر.
ظاهري ماڻهو چڱا
اندر مَنجهہ وِڇُون
ائين نهاريندي نہ ڪر.
ڏئي ڏندن وچ ۾
پوتيءَ جون تہ ڪِنڊو
ائين نهاريندي نہ ڪر.
ڪسي نہ وجئي ڪو
جوين جون مُرڪون
ائين نهاريندي نہ ڪر. ■



## اداسي جکراڻي

گهر جي آڳر منجهہ نہ سُمجهان، چانڊوڪيءَ ۾ تون چنڊ ٻٽاءِ نہ پاڳل جانان، چانڊوڪيءَ ۾ تون ساپيائن جي اوسيئڙي ۾ راهن منجهہ ڇٽيل ميڙي وٺ ڪي وڪريل سپنا، چانڊوڪيءَ ۾ تون سوڳ ستارا سانڍين ٻيهر، سانجهہ متان سُڏڪي وڇڙڻ جو ڏک پُڇ نہ اسان کان، چانڊوڪيءَ ۾ تون هاڻ اسان جي نالي سان ٻيو نانءُ ٿيو منسوب ڪابہ اُميد نہ رکجان مون مان، چانڊوڪيءَ ۾ تون ڪنڌ نمائي ٻيٺي آهين در وٽ تنها ڇو؟ الجهيل ڪهڙين سوچن ۾ آن؟ چانڊوڪيءَ ۾ تون ڪنهن جي ساروڻين جي کُن ۾ غوطا کائيندي جاڳين ٿو ڇو چنڊ، اسان جيان، چانڊوڪيءَ ۾تون گُفتن ۾ وهہ اوتي، فون تي ائين ٿي ڳالهائين ڇو هن شَاعر ويچاري سان، چانڊوڪيءَ ۾ تون.

سار تارن منجهان ڪا ڇٽي ٿي پئي
سانجهہ خنجر نندن کي هٽي ٿي پئي
دل جي هر ڪُنڊ ۾ ٿيون اميدون لُڇن
مُند تو بن ڪٽي هي وٽي ٿي پئي
هُن ڳلن تي وکيري حيائون ڇڏيون
نانءُ منهنجو ڪا سَرتي ڪٽي ٿي پئي
تو وڇوڙن کي ويڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي
زندگي زهر مون لئہ ٻٽي ٿي پئي
ڪنهن ’اداسي‘ ڇرئي جي اڃا آسري
ڳوٺ ۾ راتڙيون هوءَ ڳٽي ٿي پئي.

## گل خاصخيلي

نيڻ ڪري درياهہ ويو آ
ٿوڙي هو ويساهہ ويو آ
ڪونہ اٿس احساس اکين ۾
ٿي هو بي پرواهہ ويو آ
ساٿي دل جا جذبا ڏسندي
درد ڪري ساراهہ ويو آ
ڪونہ لڳي ٿي اک گهڙي لئہ
سپنو ٻٽجي ٻاهہ ويو آ
سنڌ جي حرمت خاطر ڪوئي
مرڪي مقتل گاهہ ويو آ
منهنجو ساڳيو رستو آهي
پاڻ مٽائي راهہ ويو آ
ڳوڙها ڳاڙي ڳاڙي آخر
دردن سان ٿي ناهہ ويو آ
سنڌ مثالي آهي جنهن کي
ڏيئي رسالو شاهہ ويو آ. ■



# قاضي علي محمد ڏيپلائي

آفتاب ابڙو



ڏيپلي کي سنڌ ۾ جديد تعليم جي حوالي سان خاص اهميت حاصل آهي. هن شهر جا تعليم يافته فرد سٺ واري ڏهاڪي کان پوءِ خاص طور سنڌ ۾ ڪامورا شاهيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 70 ۽ 80 وارن ڏهاڪن ۾ ته هنن ڏيساور ۾ به وارا وڄايا. ڏيپلي جي مشهور شخصيتن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، قاضي علي محمد، قاضي محمد قاسم، ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ، احمد محمد قاضي، ڊاڪٽر محمد عمر ميمڻ، محمد صديق ميمڻ، محمد عثمان اديب، سُريا سوز ڏيپلائي، غلام محمد ميمڻ ۽ ٻيا مشهور آهن.

ڏيپلو، جنهن جو بنياد ڏيپي مينگهواڙ وڌو پران جي لفظي معنيٰ ديپ/ ڏيئو آهي. ڏيپلو معنيٰ روشنين جو شهر. ڏيپلي ۾ روشنيءَ جي اهڙي 'ديپ' ٻارڻ واري شخص بابت غلام محمد ميمڻ پنهنجي ڪتاب، 'وارتا' ۾ لکي ٿو،

"ڏيپلي ۾ تعليم جو باني سائين ابوطالب ڪمتاڻي آهي، جنهن کي عزت وچان سڀ 'سائين' چوندا آهن. سائين سان گڏ ڏيپلي ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ جناب قاضي علي محمد ميمڻ به هو، جيڪو نه صرف سٺو شاعر، ڊرامه نويس ۽ محبتي مڙس هو، پر پوري تر ۾ وڏو عقلمند، سگهڙ ۽ سالڪ هو. سندس ڏاهپ، سچائي ۽ ايمانداري جا ڪيترائي قصا مشهور آهن. جڏهن سائين ابوطالب جو لائق فرزند ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ لنڊن مان تعليم حاصل ڪري 1957 ۾ ڏيپلي ڏانهن واپس وريو ته سندس شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو هو."

ان موقعي تي قاضي علي محمد هڪ شعر چيو، جنهن محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا:

اڄ ته البت انجمن ۾، گرم گفتاري لڳي،
ٿي وصل جي ويل واه واه، مهل موچاري لڳي.
ڏيپلي کي ڏانُ مليو، مانُ مليو، شانُ پڻ،
اڄ ته اونداهو لٿو، چانڊاڻ چوڌاري لڳي.
اي ابو طالب ادا، تو کي مُبارڪ هوءِ مدام،
تنهنجي 'صالح' جي سڀن کان سرس ڏس ساري لڳي.
اي علي محمد عجز سان، ڪر صفت سبحان جي،
تنهنجي سڪ سائين پڄائي، دڪ کي دلداري لڳي.

تاريخي حقيقت اها آهي، ته سائين ابو طالب ڏيپلي ۾ علم جو ٻوٽو پوکيو ۽ پرائمري تعليم کي اوج تي رسايو. سائين لڳاتار 40-45 سال پرائمري استاد رهيو. ڪيس مٿين درجن پڙهائڻ جو موقعو به مليو، پر پاڻ پرائمري کي ترجيح ڏيندو هو. مختلف پاڙن توڙي ڳوٺن مان زوريءَ ٻار وٺي اچڻ ۽ کين تعليم لاءِ آماده ڪرڻ، سندن والدين کي تعليم جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ واري نيڪ ڪم ۾، 'سائين' سان قاضي علي محمد به هميشه ٻُٽ هوندو هو. بلڪ حقيقت اها آهي ته ڏيپلي شهر ۾، مڊل توڙي سيڪنڊري بوائز ۽ گرلس تعليم جي بنياد وجهندڙن ۾ قاضي علي محمد صاحب جو وڏو ڪردار آهي. جيڪڏهن ڪن موقعن تي هو پنهنجي هڙان گهربل سرڪاري رقم مهيا نه ڪري ها ته شايد اهي اسڪول قائم به نه ٿي سگهن ها.

**ڏيپلي ۾ انگريزي تعليم:**

سال 1931 ڌاري ڏيپلي جي پرائمري اسڪول ۾ هڪ جلسو ٿيو. مسٽر فتح محمد قريشي جو ان وقت ٿرپارڪر ضلعي جي تعليم کاتي جو سپروائيزر هو. ان جي صدارت هيٺ جلسي جي ڪارروائي ٿي. اهو انتظام پنچائت پاران ڪيو ويو هو. پنچائت پاران تقرير لاءِ قاضي علي محمد کي گذارش ڪئي وئي. قاضي صاحب پنهنجي تقرير ۾ هن شهر ۾ انگريزي تعليم جي ضرورت تي روشني وڌي. ڪجهه وقت کان پوءِ ٿرپارڪر جي ائڊمنسٽريٽو آفيسر جي ڏيپلي ۾ منزل ٿي. جنهن ۾ شهر جي معززن ۽ عام ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهر جي پنچائت پاران اي-وي ڪلاسن کولڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ان موقعي تي به قاضي صاحب کي تقرير ڪرڻ لاءِ پنچائت پاران بار وڌو ويو. قاضي صاحب ان موقعي تي هڪ پُرزور تقرير ڪئي ۽ علم جي اهميت تي روشني وڌي. تعليم جي ڪري يورپ ۾ جيڪا ترقي ٿي آهي، ۽ سماجي سُجاڳي آئي آهي، ان جا به مثال ڏنا. نه صرف ايترو بلڪ اي-وي ڪلاسن جي اهميت ۽ ضرورت بابت قاضي صاحب هڪ ڊرامو پڻ پيش ڪيو، جنهن کان صاحب صدر سان گڏ حاضرين به متاثر ٿيا.

اي-وي اسڪول جي منظوري کان پوءِ، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ پئنچائت کان 2 هزار رپيا طالب ڪيا. پنچائت سرگرمي ڏيکاري. آخر ڪل چندو 1500 رپيا ٿيو. لوڪل بورڊ طرفان تار آئي ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ رقم جمع ڪرايو. ٻي صورت ۾ اي. وي ڪلاس ختم ڪيا ويندا. وري مشڪل سان 175 رپيا گڏ ٿيا. خزاني ۾ رقم جمع ڪرائڻ ۾ باقي وڃي ڪلاڪ بچيو. بقول قاضي صاحب جي "آخر شهر جا معزز ماڻهو ۽ ٻيا علم دوست گڏ ٿيا. 2 هزار رقم پوري ڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون هيون، مگر ڪنهن صاحب ڪوٽ واري رقم پنهنجي گهران پيارڻ لاءِ رضامُندي نه ڏيکاري. اهو وقت نازڪ هو، جو هيڏي ڪوشش وارو ڪم صرف 325 روپيا نه هجڻ جي حالت ۾ شايد خراب ٿي پوي ها. آهستي آهستي گڏ ٿيل ماڻهو هڪ هڪ ٿي مجلس مان اٿڻ لڳا. اوچتو مونکي جوش اچي ويو ۽ مون اعلان ڪيو ته اهي 325 روپيا آئون پنهنجي گهران ڏيان ٿو. جيڪڏهن اوهان پائرن آهستگيءَ سان اها رقم مُونکي واپس ڏني ته واه نه ته مون معاف ڪيا."

اهڙي طرح ڏيپلي ۾ انگريزي تعليم جي ابتدا ٿي. ماڻهن ۾ انگريزي تعليم طرف چاهه گهٽ هو. عام ماڻهو ديني تعليم کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا، جنهن جو هر شهر توڙي ڳوٺ ۾ خاطر خواهه بندوبست ٿيل هو. قاضي صاحب جديد تعليم طرف چاهه پيدا ڪرڻ واسطي ۽ ماڻهن ۾ قرباني، ايثار ۽ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ چار ڊراما لکيا: 'ڪرشمه علم'، 'خود قرباني'، 'غلط رستو' ۽ 'عدل جهانگيري'. انهن ڊرامن کي قاضي صاحب وقت جي ضرورت مطابق اسٽيج تي پيش ڪيو. جنهن جو عام ماڻهن خاص طور شاگردن ۽ نوجوانن تي سٺو اثر پيو. خود سائين محمد عثمان ڏيپلائي به اهو اثر قبولي ڊرامن طرف راغب ٿيو. شروع ۾ هن پنهنجا ڊراما قاضي علي محمد کي اصلاح واسطي ڏنا. جنهن جي ثابتي قاضي صاحب جي لکيل ڊائري مان ٿئي ٿي.

قاضي صاحب ڊرامن جي حوالي سان لکي ٿو، "خاص طور به ڊراما 'ڪرشمه علم' ۽ 'غلط رستو' جيڪي خاص تعليم بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ لکيا ويا هئا. اهي ٻئي ڊراما نهايت مقبول ٿيا ۽ انهن ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو، جو انگريزي تعليم جو چاهه تمام وڌي ويو، ڏيپلي شهر جي نه صرف ميمڻ بلڪ ٻين قومن به پنهنجن ٻچن کي تعليم ڏيارڻ شروع ڪئي. ڀراڙي کان به شاگرد جام اچڻ لڳا. جن لاءِ هاسٽل جو بندوبست ڪيو ويو. انگريزي تعليم نهايت تيزي سان اڳتي وڌڻ لڳي."

**ڏيپلي ۾ هاءِ اسڪول جو قيام:**

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي، ته ڏيپلي کان علاوه ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جا شاگرد به تعليم لاءِ ڏيپلي جو رخ ڪرڻ لڳا. انڪري مڊل کان پوءِ هاءِ اسڪول جي سخت ضرورت محسوس ٿي. وري لوڪل بورڊ جا در کڙڪايا ويا. اعليٰ انتظاميا سان شهر جي معززن جو وفد مليو، جنهن ۾ قاضي صاحب به شامل هو. ان موقعي تي به قاضي صاحب پنهنجي مدلل تقرير سان بورڊ انتظاميا آڏو هاءِ اسڪول جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪئي. جنهن کي فوراً تسليم ڪيو ويو. بورڊ مطالبو مڃيندي، پئنچائت کان پنج هزار روپين جي گُهر ڪئي. بقول قاضي صاحب جي، "جنهن لاءِ وري به هڪ واري چندي جي مد ۾ وصولي جو ڪم شروع ٿيو. آخري وقت تائين ڪل 4 هزار رپيا گڏ ٿيا. هڪ هزار جي ڪوٽ پيدا ٿي، جنهن جو ان مهل ملڻ ممڪن نه هو. وري به ساڳي

صورتحال پيدا ٿي، جيڪا مڊل اسڪول جي موقعي تي پيش آئي هئي. دوستن عزيزن کي عرض ڪيو ويو، ته هي قومي ڪم آهي. ڪجهه اوڏر سوڏر جي مدد ڪريو. مگر ڪنهن به هندان همت افزائي نه ٿي. مجبوراً ان وقت به مون باوجود مالي ضعيفيءَ جي اهو ذمو پنهنجي سر تي کنيو. جامع مسجد ڏيپلي جا پئسا مون وٽ امانت پيل هئا، سي خرچ ڪيم. بعد ۾ ترت اُهي مسجد جي فنڊ ۾ جمع ڪرايم. بعد ۾ ٿورا ڪي پئسا اسڪول جي مد ۾ گڏ ٿيا هئا، اهي مليا. باقي رقم مون قومي ڪم ۾ سَجائي ڪئي."

نئين دور جي تقاضائن کي سمجهڻ، سماجي مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ، پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ڪرڻ واسطي قاضي صاحب سال 1949 ۾ ڏيپلي ۾ "ويلفيئر ميمڻ ايسوسيئشن ڏيپلو" جو وجود عمل ۾ آندو. جنهن ۾، شهر جي سيني چڱن، مڻن توڙي مُکين کي گڏ ڪيو ويو. ان موقعي تي قاضي صاحب برادريءَ آڏو تنظيم جي مول متن کي نهايت سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو. کيس تقرير ڪرڻ ۽ پنهنجي مدعا بيان ڪرڻ تي مڪمل دسترس حاصل هئي. کيس عربي ۽ فارسي زبانن تي به عبور حاصل هو. ايتري قدر جو هڪ جيڏن سان هفتن جا هفتا فارسيءَ ۾ بيت بازي ڪندو هو ۽ اڪثر سندس ٽولي کٽي ايندي هئي. ان وقت سندس هم ڪلاسين ۾ محمد عثمان ڏيپلائي به هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ هو، 'ڪڏهن هو پهريون نمبر ايندو هو' ته ڪڏهن وري مان کيس مات ڏئي ويندو هوس. بيت بازيءَ وارن مقابلن ۾ هڪبئي جا مخالف ٿي ويهندا هئاسون.'

برادريءَ سندس ايمانداري واري ڪردار سبب کيس ايسوسيئشن جو صدر مقرر ڪيو. ان لاءِ مٿس زور بار به وڌو ويو، پر هن تنظيم کي پائدار بنيادن تي هلائڻ لاءِ پنهنجي قرباني ڏني ۽ ڳوٺ جي جهونن ۽ مکي ماڻهن کي اڳتي آندو.

ايسوسئيشن جي ڪري، شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي. شهر ڏانهن لچ لوفر جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو. جماعت جي ميمبرن مان ٽوليون مقرر ڪري شهر ۾ پهرو ڏنو ويندو هو. جنهن سبب رات جو به امن ۽ سڪون هوندو هو. ميمبرن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ کي اختلاف ٿيا، جن کي قاضي صاحب ٽڏي تي پنهنجن صلاحيتن سان ختم ڪرائي ڇڏيو. ايسوسئيشن پنهنجن مول متن مطابق سرگرمي سان ڪم ڪندي پئي آئي، جو مئي 1951 ۾ قاضي صاحب ڏيپلي شهر کي ڇڏي وڃي، جيمس آباد (هاٽي ڪوٽ غلام محمد) وسائي. ان کان پوءِ جماعت جي ڪابه گڏجاڻي نه ٿي ۽ آهستي آهستي جماعت ختم ٿي ويئي.

**اولاد جي تعليم:**

قاضي علي محمد کي جيئن ته تعليم سان بيحد پيار هو ۽ سندس ئي ڪوشش سان ڏيپلي ۾ مڊل بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم ٿيا هئا، جيڪي اڳتي هلي سندس ئي ڪوشش سان هاءِ اسڪول ٿيا. ان دور ۾ نياڻين کي انگريزي پڙهائڻ سٺو نه سمجهيو ويندو هو. قاضي صاحب جيئن ته روشن خيال ۽ جديد فڪر وارو ماڻهو هو، کيس پهريون اولاد به نياڻين جو هو. ان ڪري هن ابتدا پنهنجي ٻارن سان ڪئي . 1958ع ۾ جيئن ئي ڏيپلي ۾ گرلس اي وي ڪلاس شروع ٿيا ته هن پنهنجي وڏي نياڻي کي ان ۾ داخلا وٺي ڏني. اهي ڪلاس اٺن درجن تائين هوندا هئا. وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ خانگي طور بندوبست ڪيو ويو. اهڙي طريقي سان قاضي صاحب پنهنجي پنجني نياڻين کي تعليم ڏياري. نه صرف ايترو بلڪ جڏهن محسوس ڪيائين ته وڌيڪ تعليم لاءِ شهر ۾ ڪو بندوبست ٿيڻ گهرجي ته ان لاءِ هن پنهنجي وڏي نياڻي کي B.Ed لاءِ حيدرآباد موڪليو. جنهن سال 1969 ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ امتحان پاس ڪيو. ساڳئي سال ۾ ڏيپلي ۾ گرلس مڊل اسڪول قائم ٿيو، ته سائين جي نياڻي ان ۾ پهرين هيڊمسٽريس مقرر ٿي. ان حوالي سان سعيده شفيق ميمڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب ۾ ڏيپلائي ميمڻن جو حصو" ۾ لکي ٿي ته "انهيءَ لاءَ تحسين جي قابل اهي شخص آهن، جن سڀ ڪان پهريائين روايتن جي خلاف پنهنجن نياڻن کي اعليٰ تعليم ڏياري. انهن ماڻهن ۾ محترم علي محمد قاضي، محمد قاسم قاضي ۽ احمد علي صديقاڻي جا نالا قابل ذڪر آهن. ڏيپلي ۾ زناني تعليم ۾ قاضي علي محمد جو حصو نمايان آهي. ڏيپلي ۾ سندن نياڻين ئي پهرين اعليٰ تعليم حاصل ڪري هڪ سُٺي روايت وڌي" (حوالو: ساڳيو ڪتاب ص- 63) ان کان پوءِ قاضي صاحب جون وڌيڪ ٻه ٻيون نياڻيون به گرلس هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر مقرر ٿيون.

قاضي صاحب کي وڏي سِڪ ۽ اُڪير کان پوءِ پنجن ڌيئرن مٿان پٽ جو اولاد ٿيو. جنهن جو نالو 'شاهد پرويز' رکيائين جنهن کي ابتدائي تعليم ڏيپلي مان ڏياري ۽ اٺين جماعت ۾ داخلا لاءِ 1974 ڌاري ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ داخلا ڪرايو. شاهد پرويز انتهائي ذهين ۽ اخلاق وارو ڇوڪرو ثابت ٿيو. کيس نائين جماعت ۾ 150 رپيا اسڪالر شپ ملڻ لڳي. اڳتي هلي شاهد پرويز MBBS پاس ڪري، ڊاڪٽر بڻيو. ان بعد CSS جو امتحان 1989 ۾ پاس ڪري، سول سروسز ۾ آيو. هن وقت سنڌ ۾ اعليٰ عهدي تي فائز آهي. سندس ذاتي زندگيءَ تي پنهنجي والد صاحب جي تربيت ۽ عملي زندگيءَ جو اولڙو پسي سگهجي ٿو. کيس پنهنجي والد صاحب جي عملي زندگي، ڪردار ۽ سماجي ڪمن تي فخر آهي.

1980 واري ڏهاڪي ۾، قاضي صاحب جا ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون حيدرآباد ۾ تعليم لاءِ رهندا هئا، جيڪي هاسٽلن ۾ رهندا هئا. تن والد صاحب کي خط لکيو ته هاسٽل جي زندگي محدود آهي ۽ ماني ٽڪي به مزي جي نه آهي، جيڪڏهن ٿي سگهيو ته حيدرآباد هليا اچو. جيتوڻيڪ قاضي صاحب جي مالي حالت ڪمزور هئي، پر ٻارن جي تعليم خاطر 15 مئي 1980 ڌاري لطيف آباد ۾ 850 رپين جي مسواڙ تي ننڍڙي گهر ۾ اچي رهيا. صبر ۽ شڪر سان سندن وقت گذرندو رهيو.

سندس ٻيو پٽ قاضي مشهود به ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان پڙهي، مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو. جتان ڪمپيوٽر سسٽم جي پهرين بئچ 1984 ڌاري پاس ڪيائين. هن وقت ڪينيڊا ۾ (I.T) انفارميشن ٽئڪنالاجي جو ڪنسلٽنٽ آهي.

قاضي علي محمد 80 ورهين جي ڄمار ۾ پهرين مارچ 1988 تي وفات ڪئي، سندس تربت، سندس تعليمي دوست سائين ابوطالب جي پير ۾ بابن شاهه قبرستان حيدرآباد ۾ آهي. ■

## غزل

### ملهار پيل

اوهان جون دعائون
اسان لاءِ پنائون
رهي دور ڇا لئه
رهي دور ڇا لئه
ڏيو ٿا سزائون
پڇاڙي حياتي
اوهان جون پڇائون
عمر وئي تتي ۾
ڪيون موت ڇائون
نه ملهار ماڻيون
اوهان جون ادائون

مون سان توها ڪئي آ
دل جي دوا ڪئي آ
مون پيار ئي ته گهريو آ
ڪهڙي خطا ڪئي آ
حقدار مان سزا ڏي
توسان جو وفا ڪئي آ
ملهار ڏي محبت
هڪ ئي صدا ڪئي آ

اوهان کان ڏور ٿي وياسين
غمن ۾ چور ٿي وياسين
خوشيءَ جو آسرو ڪونهي
سراسر سور ٿي وياسين
اوهان جي عشق ۾ ڇريا
اسين مشهور ٿي وياسين
وري ملهار جي موسم
اڪيلا دور ٿي وياسين

دل جي حالت ٿر وانگي
پيار تنهنجو ڪڪر وانگي
برف ٿي رهندين ته وويندين
جڳ آهڙ ۾ سڪر وانگي
تو بن جيون ڇا ته ٻڌايان
پل پل آهي محشر وانگي
حال اسان جو اولهه جهڙو
سپنا پر اوير وانگي
ملهار منهنجي شيشي جد دل
تنهنجو لهجو پٿر وانگي. ■



زخم رسيا هئا. انهن مان ڪيترا بچيا يا مُئا؟ تن جو پتو اسان کي نه آهي. نه وري اسان کي انهن جي ڪا پرواهه هئي. اسان جو پئنچات جي مکيءَ سان واسطو هو، جيڪو قتل ٿي ويو. هن ۽ هن جي مٿن مائٽن جي گهرن جي ڦر ڪئي وئي. مون کي افسوس ٿيو ته ڪيول جو گهر اتان کان پري هو، جنهن جو اسان ڏانهن الائي ڪيترو قرض هو؟ پر اسان ان تائين پهچي نه سگهياسون.

اسان لٽيل سامان ڪٺي ٽڙي پکڙي وياسون ۽ آڌيءَ رات اچي هڪ اڪيلي گهر ۾ گڏياسون، جيڪو هن ڳوٺ کان ٻه ميل پري اتر طرف هو ۽ حسن جي هڪ دوست جو هو. جنهن اسان کي رات جي ماني ڏاڍي ڀلي ڪارائي هئي. بند ٽپي مکيءَ ۾ داخل ٿيڻ وقت اسان کي ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي ۽ اسان مختلف رستا ڏئي مقرر جڳهه تي پهتا هئاسون. هتي پهچي پئسن کان سواءِ لٽ جو ٻيو مال ورهايو ويو هو. مون کي پنهنجي پتيءَ ۾ سوٽي ۽ بهترين ريشمي ڪپڙو آيو هو. منهنجي مرضي هئي ته اهو ڪپڙو جيڪر گهر وڃي امان جن کي ڏئي اچان. اها ڳالهه خطري کان خالي ڪانه هئي. چاڪاڻ ته جاچ پڙتال لاءِ پوليس اسان جي گهر به ضرور اچٽي هئي. مون اهو سامان هڪ سنگتياڻيءَ وٽ رکي ڇڏيو باقي هڪ واسڪوٽي پنهنجي استعمال لاءِ ڪٽي ورتي هيم.

شايد تو کي اها چنتا لڳي وئي هوندي ته ٻئي مسلمان مشير جو ڇا ٿيو، جيڪو پڻ انگريز پوليس ڪپٽن سان گڏجي، پير سائينءَ جي بنگلي جي تلاشي وٺڻ آيو هو. هن نياڳي کي اڳي ئي ڪو اهڙو پتو پئجي ويو جو هو پنهنجو اهول کهول وٺي وڃي حيدر آباد پهتو.

يوسف فقير جنهن کي عام طور تي ڇريو ڇيو ويندو هو. تنهن وريام فقير کي مڃائڻ لاءِ زور ڀريو ته غازين جي هڪ ٽولي پير صاحب جي ان مريد کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪلي وڃي. جنهن سائينءَ لاءِ گڙنگ وارو بنگلو تيار ڪيو هو. مرشد سائين پنهنجي غير حاضريءَ دوران هن کي زمينن سنڀالڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن تي مريدن جي گڏ ڪيل پئسن کائڻ جو الزام هو ۽ پير سائين مٿس ناراض هو. اسان کي پوءِ پتو پيو ته سائينءَ جن جي وڃڻ کان پوءِ هن سرڪار وٽ دانهيو هو ته پر واري زمين ڪيس ڏيارجي. جيڪا پير سائينءَ ڪانئس ناجائز نموني کسي ورتي آهي. هن ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف ڪانه ٿي. سندس گهر جي ڦرلٽ مان گهڻي مڏي ملي هئي.

گهندبن واري ڪارروائي ۾ مون پاڻ کي هڪ لائق غازي ثابت ڪيو. تنهن ڪري مان الهبچائي جي سامهون ڪنڌ مٿي ڪري هلندو هوس ۽ ساڻس ويجهڙائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش به ڪيم. مون کي ياد آهي ته مون مختلف ڪارروائين جي باي ۾ ساڻس بحث مباحث به ڪيو هو. مون ڪيس ٻڌايو هو ته ڪارروايون دوران عورتن تي هٿ کڻڻ غازين جو شان نه آهي. انهن جو ڪم مردن سان مقابلو ڪرڻ آهي. اهڙيون ڳالهيون اسان جي مقصد ۾ غير ضروري، اعتراض جوڳيون ۽ مايوس ڪن آهن پر الهبچائي منهنجين انهن ڳالهين جي مخالفت ڪئي هئي.

هن جو نقط نگاهه هو ته غازي هڪ موت جو فرشتو آهي. جڏهن مرد ۽ عورت جي زندگي ختم ٿيڻ واري هوندي آهي، تڏهن ڪيس سندس ساهه قبض ڪرڻ لاءِ موڪليو ويندو آهي. پر اسان کي اهي حڪم به آهن ته ڪنهن ٻي ڏوهيءَ تي هٿ نه کنيو وڃي. پر هاڻي جيڪو ڪجهه ٿي گذريو، تنهن لاءِ تو کي سمجهڻ کپي ته پئنچات جي مکيءَ کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو ويو ته هن نه فقط حر جماعت خلاف پوليس جي مدد ڪئي، پر پير سائينءَ جي حويليءَ جي ڪوٽ ٽپڻ جي پڻ جرئت ڪئي ۽ هن اهو نه ڏٺو ته اندر پاڪ هستيون موجود آهن. سندس زال کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو ويو ته هن پاڪن جي توهين ڪئي آهي ۽ ڪيس قتل ڪرڻ جو ڪارڻ اهو آهي ته هن پير سائين سردار جي توهين ڪئي آهي.

هن مثال کي اسان اتي ڇڏي ٿا ڏيون، پر حر جماعت ۽ غازين جي لاءِ وڏ ۾ وڏ فائدي جي ڳالهه اها آهي ته هن ملڪ جي ماڻهن کي دهشت زده ڪري ٿرٿلايو وڃي. جيڪي ماڻهو انتهائي خطرن جي موقعي تي بهادريءَ جو مظاهرو ڪندا آهن يا سندن ملڪ جي تباهيءَ وقت سندن پنجر به نه ڀُرندي آهي ۽ سمجهبو آهي ته ساڻن ڪجهه ٿيو ئي نه آهي. پر جڏهن اها سڌس پوندي آهي ته سندن ڪٽنب جون عورتون قتل ٿيڻ واريون آهن ته خوف وچان سندن پتا ئي پاڻي ٿي ويندا آهن. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هيءَ جنگ آهي. سائين رکيا، ان لاءِ اسان اهي هٿيار ڪم آڻيندا سون. ۽ هر اهڙي عمل جو مظاهرو ڪنداسون. جنهن مان اسان کي فائدو ٿئي. مان هن باري ۾ اهو به پڪ سان چئي سگهان ٿو ته جيڪڏهن اسان اهڙيون هڪ يا ٻه ڪارروايون ڪيون ته پوءِ اسان کي عورتن کي قتل ڪرڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو ۽ ڪين فقط غداري جي بدلي ۾ قتل ڪيو ويندو. هن ڳالهه ۾ تون به مون سان سهمت هوندين ته ائين ڪرڻ ضروري آهي.

مون ڪيس وراڻيو ته اها ڳالهه منهنجي اکين تي. جيڪڏهن اها ڳالهه هوندي ته مان عورت کي قتل ڪري پڇتائيندس ڪونه، پر حقيقت اها آهي ته عورت جو قتل اهڙو ڪم آهي، جنهن تي ماڻهو فخر ڪري نه ٿو سگهي. جيستائين منهنجو تعلق آهي ته مان گذارش ڪندس ته مون کي عورت جي قتل وارين ڪارروائين کان پري رکيو وڃي ته ڏاڍو ڀلو ٿيندو. *(هلندڙ)*

# امين پٿو جا غزل

رنگ وانگر نِڪار جهڙا ها
خواب، پنهنجا بهار جهڙا ها
ڇا ٻڌايان ته ڪنهن هنيو خنجر
يار سب اعتبار جهڙا ها
هُن جواني جو جيئن ڀڳو آرس
ڳوٺ تي پيا خمار جهڙا هئا
ساڻ توسان پرين سمورا پل
چين جهڙا قرار جهڙا ها
هڪ نشيلي ملي هئي ان جا
هوبهو نيڻ يار جهڙا ها.

كوئي پوندو مري سنڀالي ڪڻ
نيڻ پنهنجا وري سنڀالي ڪڻ
تازو جوڀن چڙهيو اٿئي تڏهين
پير پنهنجا پري سنڀالي ڪڻ
نيڻ ڇا لاءِ جهڪاءِ ويٺي آن
نيڻ پوندا ٺَري سنڀالي ڪڻ
ڳوٺ توتي سڄو فدا آهي
ان ڪري وڪ ڇري سنڀالي ڪڻ
راهه ڪاوا ۽ ڏگ به اٿئي اهنجو
پيار جي هر ڀري سنڀالي ڪڻ.

زمين آ نه پنهنجي نه پنهنجو مڪان
حياتي سموري ٻٽي امتحان
گلابن مٿان ڄڻ پؤنر ويٺا هِن
چپن تي ڳلن تي چمين جا نشان
هي سيني جو انبڙيون ڍڪي ڇڏ سکي
جواني ٿئي پئي پري کان عيان
قداور بدن جي ڪجي ڳالهه ڇا؟
ڪِٿان کان ڀلا پو ڪجي ڏس بيان
نه پل جو پتو آ نه پل جي خبر
مٿان شام ڌاري هليو مان وڃان

تون ۾ نظرون جهان جون آهن
ڪجهه گهڙيون امتحان جون آهن
ڳل مٿان هي نشان جيڪي هِن
سوڪڙيون مهربان جون آهن
شال ۾ ويڙهيون وڃن جيڪي
پوپٽيون گلستان جون آهن
نيڻ ناسي ۽ ٻت ڀريل جن جا
ڇوڪريون ڪاغان جون آهن. ■

# اسٽيل جا پنج گلاس...



ڊاڪٽر رسول ميمڻ



ايترو ضرور ٿيو، جڏهن هڪ دفعي ماستر نوردين اوطاق تي آيو ته ڪو گلاس نه ڀڳو. بابا هن کي خاص اوطاق تي گهرايو هيو ۽ شيشي جي گلاس ۾ ڪرن ڦلن جو شربت پياريو هيو. ماستر نوردين چڱو لکيل پڙهيل هيو جنهن کي سنڌ سرڪار پرائمري اسڪولن جو سپروائيزر مقرر ڪيو هيو. مون ٽئين ڪلاس جو امتحان ڏنو هيو. ان ڪان اڳ جو نتيجو ظاهر ٿي. بابا کي خبر پئي ته ماستر نوردين وٽ نتيجي جي لسٽ موجود آهي. بابا نوردين کي گهرائي ڪيس عرض ڪيو.

”ماستر صاحب ٻڌو آهي توهان وٽ ٽئين ڪلاس جو نتيجو آهي. منهنجي پٽ به امتحان ڏنو آهي. جيڪڏهن نتيجو ٻڌائيندا ته مهرباني ٿيندي.“

ماستر نوردين مرڪندي اٿيو، ڪيس خوشي محسوس ٿي رهي هئي ته ٻئي ملڪ ڪان ايندي، نئين ملڪ ۾ عزت ۽ اهميت وڌي وئي آهي. هو گهر ويو ۽ ٿوري دير ۾ هڪ رجسٽر کڻي آيو. جنهن ۾ نانءُ ۽ ولديت ڏسي بابا کي مبارڪ ڏنائين، ”تنهنجو پٽ پاس ٿيو آهي.“

ان ڏينهن اڱوڻ شام جو بابا منهنجي لاءِ چوٿين درجي جو ڪتاب وٺي آيو هيو، جنهنجي ڳاڙهي ٽائيٽل کي ڏسي مون کي نواڻ جو احساس ٿيو هيو. خوشيءَ ڪان ائين پئي محسوس ٿيو جيئن منهنجو قد هڪ فوٽ وڌي ويو هجي.

ان ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي دل ۾ ماستر نوردين لاءِ عزت وڌي وئي. اهو پاڙي ۾ جڏهن به نظر ايندو هيو ته ڪيس نوڙي سلام ڪندو هيس. هڪ دفعي ان جي پٽن سان ڪيڏي رهيو هيس ته انهن مٿي گڏ ڪري وچ گهٽيءَ ۾ به قبرون ٺاهيون ۽ پوءِ چپل لاهي انهن قبرن کي ڪٽڻ لڳا.

”نهرو ڪتا.... هائي هائي- شاستري ڪتا... هائي هائي.“

اهي مٽيءَ جي قبرن مٿان زور سان چپليون هڻي وڏي آواز ۾ چئي رهيا هيا. مون کي ڪا خبر نه هئي ته اهي ڪنهن جا نالا کڻي رهيا هيا ۽ سندن مقصد ڪهڙو هيو. اسان سڀ پاڙي جا ٻار انهن جي اهڙي حرڪت تي کلي رهيا هياسين. نهرو ۽ شاستريءَ جا نالا کڻڻ وقت انهن جا منهن نفرت ۽ ڪاوڙ ڪان ڳاڙها هيا.

ماستر نوردين جي گهر پر سان جنهن ٻئي مهاجر جو گهر هيو. اهو حلوو وڪڻندو هيو. مان روز صبح جو حلوو وٺڻ ان جي گهر ويندو هيس. اهو هڪ وڏي پتل جي ٿانوَ ۾ حلوو وجهي ان جي وچ ۾ تيل جو تلاءُ ٺاهيندو هيو. جڏهن به ڪنهن کي حلوو ڏيندو هيو ته پليٽ ۾ حلوو وجهي تيل جي تلاءَ مان ڏوئي پري مٿان وجهي ڏيندو هيو. جڏهن ڪو پاڙي جو ماڻهو ان ڪان حلوو وٺڻ ويندو هيو ته ٻين جي پيٽ ۾ ان کي پليٽ پري ڏيندو هيو. صبح جو اجان هو حلوو ٿالهه ۾ وجهي مس ٻيهندو هيو ته مان پليٽ کڻي ان جي گهر ويندو هيس. هو هڪ آني ۾ ايڏو حلوو ڏيندو هيو جو اسان سڀ ڀاتي مانيءَ سان ڪائي پيٽ ڀريندا هياسين.

سڀ ڪان ٻاهرين جاءِ جنهن جي دري روڊ سان ڪلندي هئي اتي هڪ بيواهه مهاجر عورت رهندي هئي، جنهن کي هڪ نوجوان نياڻي هئي. اتان ايندڙ ويندڙ کي ائين محسوس ٿيندو هيو ته اها نوجوان ڇوڪري لوهه گهاٽي چاريءَ پويان بيٺل آهي. ڇو جو اتي گهڻو ڪري چوڙين جي ڪڙڪڻ جو آواز ايندو هيو. پاڙي ۾ هڪ رياستي عورت هوندي هئي. جنهن کي گوري رنگ ڪري مائي پناڻي چوندا هيا. مائي پناڻيءَ کي گهوڙن جو تنبيلو هيو جتي ڏهه پندرهن گهوڙا ٻڌل هوندا هيا. ان جو ڪم بگي گهوڙا ڪرائي تي ڏئي پئسا ڪمائڻ هيو. مائي پناڻيءَ جو نوڪر پاڙي ۾ گهوڙا ٻڌي انهن کي ڪر ڪٽو هڻندو هيو. اهو اڪثر گهوڙو ان دريءَ وٽ ٻڌندو هيو جتي اها نوجوان مهاجر ڇوڪري بيٺل هوندي هئي. اهو گهوڙي کي ڪر ڪٽو هڻندي دريءَ وٽ ويهي ائين چپ چوريندو هيو ڄڻ پت سان پيو ڳالهائي. نه دريءَ واري پاسي ڪان آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هيو ۽ نه ان گهوڙي کي ڪر ڪٽو هڻندڙ جو. اهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي ويهي ڄڻ خود ڪلامي ڪندو هيو. مرڪندو هيو. ڪلندو هيو پر ان جا ٿڪ ڪنهن نه ٻڌا.

ڪوئيٽا واري پناڻ جي انهن جاين ۾ نورو ۽ شڪورو به رهندا هيا. ٻئي پائر قد جا ڏگها ۽ سنها هيا. سندن مٿين چپ تي هلڪيون مڇون هونديون هيون. سدائين سائي گوڏ ۽ ململ جي قميص ۾ نظر ايندا هيا. اهي سٽ رنگڻ جو ڪم ڪندا هيا. تن ڏينهن ميمڻ پاڙي ۾ هڪ گهر ڇڏي ٻئي ۾ ڪپڙي اٽڻ جي کڏي هوندي هئي. ڪپڙي اٽڻ وارا ڪاريگر ڪاٺ جي ڦٽن تي ويهي نار ائين هلائيندا هيا جيئن گهوڙي تي ويهي ريس پچائيندا هجن.

نوري ۽ شڪوري ڪانسواءِ اتي گاجي خان جي سٽ رنگڻ جو ڪارخانو به هيو. اهو تڪ جي وڏن ڪارخانن مان هڪ هيو. اندر وڏي هال ۾ ٻاهه جون چار ٻنيون هيون جن ۾ سدائين ٻاهه پئي ٻرندي هئي. ٻنين تي وڏا ٽينڪ رکيل هوندا هيا جن ۾ مختلف قسم جا رنگ ٽهڪندا هيا. پريان تختن تي تيزاب جون بوتلون ائين سجائي رکيل هونديون هيون جيئن بار ۾ شراب جون بوتلون. اهو تيزاب گاجي خان رنگ پڪو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هيو. ڪارخاني جي وچ تي وڏو ڪاٺ جو صليب لڳل هوندو هيو. ٽانڪين مان سٽ رنگي ٻاهر ڪڍي صليب جي ٻانهن ۾ لڙڪائي ننڍن لڪڻن سان ويڙهي نيپوڙيو ويندو هيو. تن ڏينهن اهڙو ڪاروبار عروج تي هيو. گاجي خان زال سوڌو پاڻيءَ واري جهاز ۾ پنج حج ڪيا ۽ جڏهن به ايندو هيو ته سون جو ڳنڍيو سندس ڪيسي ۾ پيل هوندو هيو. تن ڏينهن سعودي عرب ۾ سون سستو ۽ اسان وٽ مهانگو هوندو هيو. حاجي حج ڪري سون ضرور خريد ڪندا هيا. گاجي خان کي گهر ۾ به پوريون مينهون ٻڌل هونديون هيون. هن جا ٻار صحتمند ۽ ٿلها هيا.

نورو ۽ شڪورو به ڪندا ته ساڳيو ڪم هيا پر انهن گاجي خان جهڙو اوج نه ڏٺو. گاجي خان جي وڏي ڏيٽ ويٽ هئي، پر نورو ۽ شڪورو گهرو مسئلن ۾ ڦاٿل هوندا هيا. اهي گرميءَ جا ڏينهن هيا جڏهن نوري جي گهر واري ٻار کي جنم ڏئي ٻار سوڌي دنيا مان هلي وئي. اها سيني پاڙي وارن لاءِ ڏک ۽ صدمي جي گهڙي هئي. ڇو جو ماڻهو هڪ ٻئي کي ويجها هيا. گهر اندر ايڏيون سهولتون نه هونديون هيون. بجلي نه هئي. گيس نه هئي هرڪو ڇٽڪار ڪري گهر اڳيان ڪٽ وجهي ويهندو هيو. ڪي ريڊيو ٻڌندا هيا ته ڪي ڪچهرين ۾ مشغول هوندا هيا. نفسانفسي نه هئي. جيڪو آٽيندا هيا سو چاڙهيندا هيا.

جڏهن نوري جي زال ۽ سندس تازو ڄاول ٻار گذاري ويا ته صبح سان ان پلنگ جي نوار جنهن تي ويم ٿيو هيو ڪڍي ٻاهر گهٽيءَ ۾ اڇلائي وئي. مان اٽڪل اٺن سالن جو هيس ۽ گند مٿان ٻيهي ان نوار کي ڏسي رهيو هيس. پاٽيءَ ۾ آلي هئي ۽ ان تي رت جا داغ هيا. گهر اندران روج ۽ راڙو اچي رهيو هيو. گهٽيءَ ۾ ماڻهو گڏ هيا. مون کي نوار مان خوف محسوس ٿي رهيو هيو. مون اوڪارا ڏنا ۽ گهر هليو ويس. جڏهن نوري جي زال ۽ سندس ٻار جو جنازو گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هيو ته مان گهر جي چائنٽ تي بيٺل هيس. جنازن پويان نوري کي ٻه شخص ٻانهن ڪان جهلي ڄڻ گهليندا پئي آيا. نورو هلي نه پئي سگهيو. هو روئي نه رهيو هيو چپ هيو، سندس اکيون ڪنهن انڌڙي جيان مٿي چڪيل هيون. ڄڻ گهن ۽ جسم ۾ طاقت نه هئي. اهو صفا لڙڪيل هيو.

نورو ۽ شڪورو هر محرم تي ملڪروز جي سبيل هڻندا هيا. هڪ وڏي ڊرم ۾ ڪير ۽ پاڻي وجهي ان ۾ ڳاڙهو شربت ملائي ڪنڊ سان گڏ سيڪرين جي پڙي به ملائيندا هيا. شڪورو جڳ کي ٿوٽ تائين ڊرم ۾ وجهي پري مٿي کڻي ائين هاريندو هيو جو ملڪ روز آبشار جيان ڊرم ۾ واپس ڪرندو هيو. اهو عمل هو هر هر وڏي جوش ۽ ولولي سان ورجائيندو هيو ۽ ان ڪانپوءِ هو شربت ورهائڻ شروع ڪندو هيو. ماڻهو گلاس، ديگڙا ۽ جڳ کڻي هن سامهون بيٺل هوندا هيا. ملڪ روز هيٺ هارڻ ڪري گپ هوندي هئي. هرڪو ملڪ روز احتياط سان وٺندو هيو ته مٿان ترڪي نه پوي.

شڪورو جاٽي واٽي برتن ڪنن تائين پريندو هيو جو اهي وهڻ لڳندا هيا. اهو ان ڪري ته جيئن ونندڙن ڪي احساس ٿئي ته ورهائيندڙ وڏيءَ دل وارو آهي.

اهو منهنجو نندو ڀاءُ هيو جيڪو ٽڪڙ مان شيشي جو گلاس ڪٽي ٻاهر پڳو ته متان ملڪ روز ورهائجي ختم نه ٿي وڃي. پويان امڙ رڙ به ڪيس ته ’اسٽيل جو گلاس کڻي وڃ متان ڀڄي نه پوي.‘

هو تيستائين ڊڪندو در ٽپي ويو. جڏهن شڪوري هن کي گلاس پري ڏنو ته گپ ۾ ترڪڻ ڪري هيٺ وڃي ڪريو ۽ شيشي جو پنجون گلاس ڀڄي پيو.

ڇهين گلاس ڀڄڻ جو ڪارڻ مائي پناٽيءَ جو گهوڙو هيو. اهو سانجهيءَ جو وقت هيو جڏهن پاڙي ۾ ڇٽڪار ڪري هرڪو ڪٿون ڪدي وينل هيو. هزاري خان بابي سان اچي ڪٽ تي وينو ۽ بابي هن کي برف ۾ ڳڙ جو شربت پياريو. هزاري خان جو ٻئريج روڊ تي بقالڪو دوڪان هيو. اهو نالي ۾ بقالڪو دوڪان هوندو هيو. اندر سڀ دٻا ۽ ٻوريون خالي هوندا هيا ڇڙو نقل ۽ ريوڙيون ملندا هيا. هزاري خان دوڪان اڳيان دوستن سان ويهي پينگ گهوٽي پيئندو هيو. هو ڳالهائيندو تمام گهٽو هيو. هن جي ڳالهين ۾ ڪي نقطا فڪر انگيز به هوندا هيا. اهو مذاق جو ماهر هيو. وات مان ڏيڏر ۽ گهوڙن جا آواز ڪيندو هيو پوڙهو مڙس هيو لٺ تي گهمنيدو هيو. اهو سخت اونهارو هيو ۽ هو بابي سان ڪٽ تي ڳڙ جو شربت پي رهيو هيو. ننڍي قد وارو شعبان جنهن کي گنجي ۽ گوڏ بدل هوندي هئي. اتان لنگهيو ته سامهون طنبيلي مان هڪ گهوڙي جاري مان ڪنڌ ڪڍي ڪيس ٻانهن ۾ چڪ پاتو. گهوڙو به ڪو سچو ڏينهن بگيءَ سان ٻڌجي سکر جي گرميءَ ۾ اچي چتو ٿيو هيو. ان چڪ اهڙو پاتس جو ڏند شعبان جي ماس ۾ گهري ويا. هن جي ٻانهن وٺان رت وهڻ لڳو. شعبان جنهن تي ابوالڪلام آزاد جو اثر هيو. اهو اتي جو اتي ببهجي ويو ۽ ان تقرير شروع ڪئي.

”آهي ڪو شريف ماڻهوءَ جو حال؟ پاڙي مان ڪو لنگهي نٿو سگهي.“

اٺ ڏهه ماڻهو هن آڏو گڏ ٿي ويا ۽ هن جي ٻانهن مان وهندڙ رت کي ڏسڻ لڳا.

”پاڙي ۾ گهوڙا ٻيهارڻ ڪهڙو انصاف آهي؟“ ان تقرير جاري رکندي چيو،

”جيڪڏهن گهوڙا ٻيهارڻ اهڙو ئي ضروري آهي ته ائين ٻيهارڻ گهرجن جيئن پاڙي وارن کي چڪ پائي نه سگهن.“

پوءِ هو پاڙي وارن تي ڏمريو ۽ چيو،

”ڪونهي حال پاڙي وارن ۾. صفا عورتون ٻنجي گهرن ۾ لڪي ويهي رهيا آهن. جيڪڏهن پاڙي وارن ۾ ٻڌي هجي ها ته اڄ هيءُ ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها.“

مائي پناٽيءَ جو پٽ قادر بخش جنهن کي ’قادو‘ چوندا هيا. اهو شهر جو نامي گرامي غنڊو هيو. چرس وڪڻندو هيو ۽ ور ۾ چاڪو رکندو هيو. اهو ٻاهر نڪتو ۽ اچي شعبان کي ڪنڌ کان ورتو.

”اڙي چاتو ٻڪين ڊيندا. ٻڪ ٻڪ بند ڪندين ڪن ڪيان ور مان چاڪو؟“

هزاري خان جيڪو ڪٽ تي ويهي ڳڙ جو شربت پي رهيو هيو ان ٻهتري ان ۾ سمجهي ته شعبان کي سمجهائي، چو جو قادو سمجهائڻ جهڙو ماڻهو نه هيو. ان پنهنجي مسخريءَ واري انداز ۾ شعبان کي چيو،

”اڙي شعبان، ڪا ڳالهه نه آهي. گهوڙي چڪ پاتو ٿي ته چا ٿي پيو. گهوڙن کان نفرت نه ڪر. انهن جو ويجهو ويندين ته براق پيدا ٿيندا.“

شعبان نه مڙيو. ان جوش ۾ چيو،

”مان گڏهن سان پيار ڪندس ته ٻل قادوءَ جهڙا چمن. جهيڙو وڌي ويو. قادوءَ شعبان کي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي هيٺ دسيو، ٻئي هزاري خان مٿان ڪريا ۽ شيشي جو گلاس ڀڄي ويو.

جڏهن شيشي جا ڇهئي گلاس ڀڄي پيا ته ڄڻ وقت رڪجي ويو. هر شيءِ برف جيان ڄمي وئي. ٻئريج تي وڄندڙ فونن جا رڪارڊ بيهجي ويا. روڊ تي لوٽا وڄائي خيرات گهرندڙ ميراثٽين جا هٿ ڄسي ويا.

اسان ٽي مهينا شيشي جا گلاس استعمال نه ڪيا. اسان امڙ کي چيو،

”بابي، کي چئو ته شيشي جا گلاس وٺي اچي. زمانو بدلجي چڪو آهي. ماڻهو چا چوندا ته هنن جي گهر ۾ شيشي جا گلاس به نه آهن.“

امڙ هڪ ڏينهن بابي کي چيو،

”شيشي جا گلاس ڀڄي چڪا آهن، ٻيا وٺي اچ.“

بابي بيزاريءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو،

”جڏهن اسٽيل جا گلاس آهن ته شيشي جي گلاسن جي ڪهڙو ضرورت.“

*(هلندڙ)*



## امين چانڊيو

## غزل

ماڪ آ احساس تي
زندگي پٽڪي پئي
چلولايون چنڊ جون
چاندني پٽڪي پئي
ڄڻ تماشو لفظ لفظ
شاعري پٽڪي پئي
ريت رسمن جي رسيءَ
چوڪري پٽڪي پئي
سنڌ ۾ پاٽي بنا
چيٽ ڪتي پٽڪي پئي.

## وائي

منهنجي ٿهڪن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
رت ٿو ٿهڪي هر گهڙي
دل جي دڙڪن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
شعلو شعلو لفظ لفظ
گيتن غزلن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
ٿي نه سگهيا جي ساييان
هاٽي سپنن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
لوڪ لتاڙي ٿو وڃي
ڪريل گلڙن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
ڪالهه نه ماڪي مڪڻ ها
اڄ چو سڄٽن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن
توڏي آءٌ اچان پيو
پويان رستن ۾
ٽاندا ٽاندا ٽا ٻرن



## رضا بخاري

رقص ڪري ٿي ناوَ
ڄڻ ته سُريلي ساز جي
ڇيڙي تند تلاوَ

آئي کهڙي مُندَ
ٽاري ٽاريءَ تي ٽڙيا
گُلڙن بدران گهاوَ

گُذري ويئي ڪيرَ؟
رستن ۾ رهجي ويا
پايل جا پڙلاوَ

ڳول نه تن ۾ چانوَ
سچ کي پي ساڙين پيا
جن نيڻن جا ٽاوَ.

ايئن شاعر جو خوابُ
هٿيارن جي ڊير ۾
جيئن ڪو سرخ گلابُ

هو بس هڪڙو لڙڪُ
نڪتو جو نيڻن منجهان
ٻڌجي پيو سيلابُ

هاءِ مُئو فنڪارُ
گهرَ ڪنڌڙيءَ ۾ آ پيو
هيڪل هاڻ ربابُ

لفظن ۾ آ شورُ
لئمپ اڪيون ٻوٽي ڇڏيون
جاڳي پو به ڪتابُ

آئيني ۾ عڪسُ
عڪسُ سُنهري چنڊَ جو
آئينو تالابُ

تنهنجو چنڊَ، چتاءُ
گهرو ويتر ويو ڪري
منهنجي من جو گهاءُ

هو ڪرڻن جو رقصُ
۽ مان آهيان پونءِ تي
بيٺل ڄڻ ته تلاءُ. ■

# اي.سي.آر (A.C.R)...



جهان آرا سومرو

مان پنهنجي ڪرائي واري واچ ۾ ٽائيم ڏسندي عظيم انٽرپرائيزز جي عظيم الشان عمارت جا ڏاڪا ٽپندو ويس. اڄ مونکي عظيم انٽرپرائيزز جي مالڪ عظيم صاحب کان انٽرويو ڪرڻ جو وقت مليل هو. مونکي ٻڌايو ويو هو ته عظيم صاحب وقت جو ڏاڍو پابند هو ان ڪري مون گهڻي ڪوشش ڪئي ته مليل وقت تي پهچي وڃان. عظيم انٽر پرائيزز جي شاندار وسيع هالن مان گذرندي مان عظيم صاحب جي پرسنل آفيس جي ٻاهران پهتس. اتي وينل گارڊ کي اندر اطلاع ڏيڻ لاءِ چيم. هو اندر ويو ته مان چوڌاري ڏسڻ لڳس. هر طرف دولت ۽ شان شوڪت جو نظارو هو. شيشي جو پٽيون ۽ روشنين وارا جهرمر فانوس ۽ جهومر نظر اچي رهيا هئا. عظيم صاحب ملڪ جو هڪ مشهور صنعتڪار هو. هميشه اخبارن ۽ ٽي.وي تي هن جون خبرون پيون ملنديون هيون. اڪثر سندس انٽرويو به ايندا رهندا هئا. منهنجي مئگزين جي ايڊيٽر مونکي سندس انٽرويو جي تاريخ ۽ وقت وٺي ڏيندي چيو،

"عظيم صاحب تمام مصروف ماڻهو آهي وڏي ڪوشش ڪانپوءِ هن جي انٽرويو جو وقت مليو آهي ان ڪري ان کي ضايع ڪرڻو ناهي ۽ ها خاص ڳالهه هو وقت جو تمام گهڻو پابند آهي ٿوري دير به برداشت نه ڪندو آهي. ان ڪري پوري ٻارنهين بجي پهچي وڃجاءِ."

مون آفيس جي پرسان واري پٽ تي لڳل وڏي سائيز جي گهڙيال ڏانهن ڏٺو. ٻارنهن لڳي ڏهه منٽ ٿيا هئا. ان وقت گارڊ اندران نڪتو ۽ مونکي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. مون اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ شيشي وارو دوازو کولي اندر گهڙيس. هال جهڙي وڏي آفيس جو شان شوڪت ان جي مالڪ جي ذوق ۽ مرتبي جو شاهد هو. سامهون ڊگهي ويڪري شيشي جي ٽيبل جي ٻي پاسي کان وڏي ريوالنگ ڪرسيءَ تي عظيم صاحب وينو هو.

اهو اڌڙوٽ عمر جو سانوري رنگ ۽ هلڪي سلڪي جسم وارو عام ماڻهو هو. البت چهري تي پنهنجي شهر ۾ رتبي وارو شان ظاهر هيس.

مون ڪيس سلام ڪيو جنهن جو جواب هن ڪنڌ ڌوڻي ڏنو.

"تون ڏهه منٽ ليٽ آهين جنٽلمين." هن رعبدار پر دوستاڻي لهجي ۾ چيو.

"سوري سر." مون چيو، "ڪوشش جي باوجود ٽرئفڪ ۾ دير ٿي وئي."

"اوڪي." هن ڪنڌ ڌوڻي چيو، "ليٽ اس اسٽارٽ."

هن پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿندي چيو. پوءِ هڪ پاسي سيٽ ٿيل سيٽنگ ايريا ڏانهن هلندي چيائين،

"مون توکي اڌ ڪلاڪ جو ٽائيم ڏنو هو جنهن مان ڏهه منٽ گذري ويا. ان ڪري تو وٽ فقط ويهه منٽ آهن."

اسين وڃي صوفن تي ويناسين. هن انٽرڪام کڻي سيڪريٽريءَ کي چانهه موڪلڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ مرڪي مونڏانهن توجهه ڏنائين. هن جي چهري تي نرمي ۽ مرڪ ڏسي منهنجي دل ڪجهه مضبوط ٿي پر تڏهن به مونکان سوالن جي اها ترتيب وسري وئي جيڪا مان سوچي آيو هيم. مون ٽيپ کولي ٽيبل تي رکي ۽ بنا ترتيب جي سوال پڇيم:

"سائين اوهان جي عمر ڪيتري آهي؟"

منهنجي غير متعلق سوال تي هو مرڪيو ۽ چيائين،

"چاڻونجاهه سال."

"نو وي." مون حيرت مان ڏانهس ڏٺو.

هو پنهنجي صحتمندي ۽ هوشمندي واري چمڪ سان ڀريل چهري ۽ قدّت جسم مان چاونجاهه سالن جو بلڪل به نه ٿي لڳو.

هو ٿورو اڳتي جهڪيو ۽ مرڪي پڇيائين،

"توکي منهنجي عمر ڪيتري ٿي لڳي."

"پنجيتاليهه-ڇائيتاليهه کان وڌيڪ نه." مون چيو.

هن هڪ ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين،

"اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو مان پنهنجي عمر کان ڏهه سال ننڍو ٿو لڳان."

"اوهين سچ پچ فٽ ٿا لڳو."

"اصولن تي زندگي گذارڻ سان ماڻهو فٽ رهندو آهي. صحت ۾ به بزنس ۾ به."

"توهان جا اصول ڪهڙا آهن؟"

"وقت ۽ وسيلن جو قدر ڪرڻ ۽ انهن جو صحيح استعمال ڪرڻ." هن وراڻيو.

ان وقت ماحول ڪافي هموار ٿي چڪو هو ان ڪري منهنجن سوالن ۾ ترتيب ۽ رواني ايندي وئي. مون پڇيو،

"سر، اوهان جي ڪاميابيءَ جو راز ڇا آهي؟"

"منهنجي محنت ۽ حوصلو."

"ڀلا، اوهان جي ڪاميابي پنيان ڪنهن جو هٿ آهي؟"

هن ڇت ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ فخر وچان اوچو ڳاٽ ڪري چيائين، "مان سيلف ميڊ ماڻهو آهيان جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو اٿم پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان حاصل ڪيو اٿم."

"ڇا اوهان کي وراثت ۾ ڪجهه نه مليو؟"

"نه، منهنجو والد پرائمري ماستر هو ان ڪري مونکي ورثي ۾ غربت ڪانسواءِ ڪجهه نه مليو."

"پوءِ اوهان هن مرتبي تي ڪيئن پهتا؟"

"پنهنجي ارادي جي طاقت ۽ اڻٿڪ ڪوشش سان."

"سر، مون ٻڌو آهي اوهان ابتدائي تعليم کان وٺي بزنس مئنيجمينٽ جي اعليٰ امتحانن ٽائين نمبر ون پوزيشن کڻندا رهيا آهيو ان جو راز ڇا آهي؟"

"مان ٻارن انٽيليڪچوئل آهيان." هن صوفي جي پٺ کي ٽيڪ ڏيندي چيو، "جڏهن کان هوش سنڀاليم محنت ڪيم. هڪ هڪ منٽ جو قدر ڪيم. بنا وقت ضايع ڪرڻ جي ڪاميابيءَ جو سفر جاري رکيو. ان ڪري هيءُ بزنس امپائر ٺاهي سگهيس."

"سر، اوهان ايڏي اوچي تعليم حاصل ڪرڻ بعد اعليٰ درجي جو سرڪاري عهدو حاصل ڪري سگهو پيا ته پوءِ اوهان هي بزنس جو رستو ڇو اختيار ڪيو؟"

"ان جو هڪ سبب آهي." هن ڊگهو ساهه کڻي چيو،

"نوجواني واري عمر ۾ مونکي هڪ حقيقت معلوم ٿي جنهن ڪري مون بزنس وارو رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو."

"ڪهڙي حقيقت سر؟"

"اها ته ملازمت ڪيتري به اوچي عهدي واري هجي هر اعليٰ کان اعليٰ درجي جو ملازم پنهنجي ترقي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ A.C.R جو محتاج هوندو آهي جيڪا ان جا سينئر ان لاءِ لکندا آهن. ۽ اها A.C.R يا ته انهن کي ڪاميابي جي مٿين منزل تي پهچائيندي آهي يا ذلت سان هيٺ ڪيرائيندي آهي. ان ڪري مون فيصلو ڪيو ته مان اهڙو رستو اختيار ڪندس جنهن ۾ مان ڪنهن A.C.R جو محتاج نه هجان."

ان وقت ملازم چانهه جي ٽرالي کڻي آيو ۽ چانهه ٺاهي اسان جي اڳيان رکيائين. مون هڪ بسڪٽ کڻي چانهه جو ڍُڪ ڀريو ۽ پڇيم،

"سر، ڪجهه پنهنجي پرسنل لائيف جي باري ۾ ٻڌايو. اوهان جي فيملي ۾ ڪير ڪير آهي ۽ اوهان جي فيملي ۾ اوهان جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟"

هو ڪجهه دير خاموش رهيو پوءِ چانهه جو ڍُڪ ڀري ڪوپ ٽيبل تي رکيائين ۽ چيائين،

"منهنجي فيملي تمام مختصر آهي. بس اسين چار ڀاتي آهيون منهنجي گهر واري، مان ۽ منهنجا ٻه پُٽ. منهنجي گهر واري اعليٰ تعليم يافته ۽ ملڪ جي مشهور صنعتڪار فيملي مان آهي. هوءَ پاڻ به بزنس وومين آهي. منهنجا ٻئي پٽ يورپ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. منهنجا ٻار ۽ گهر واري منهنجو تمام گهڻو خيال رکندا آهن. مان هنن لاءِ خاص آهيان."

"۽ اوهان جا والدين؟" مون پڇيو.

"منهنجا والدين عمر رسيده آهن. اهي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. مون اتي انهن لاءِ شاندار گهر ٺهرايو آهي. جتي انهن جي خدمت ۽ خيال رکڻ لاءِ نوڪرچاڪر به رکيا آهن."

"جڻ، الله تعاليٰ اوهان کي هڪ بي فڪر ۽ ڪامياب زندگي عطا ڪئي آهي؟" مون گهڙيال ڏانهن ڏسندي چيو جيڪو ساڍا ٻارنهن وڄائي رهيو هو.

"بيشڪ." هن چيو.

پوءِ مان ڪانئس اجازت وٺي رخصت ٿيس.

هڪ هفتي ڪانپوءِ عظيم صاحب جو انٽرويو مئگزين ۾ شايع ٿيو پر ان بعد ٻيو ڪو انٽرويو شايع نه ٿيو ۽ عظيم صاحب آهستي آهستي خبرن مان به غائب ٿيندو ويو. مان پاڻ ٻين مصروفيتن سبب عظيم صاحب کي ياد رکي نه سگهيس. زماني جي يادداشت ايتري ته ڪمزور هوندي آهي جيڪو ماڻهو خبرن ۾ نه رهي پوءِ ڇاهي اهو ڪيترو به مشهور ڇو نه هجي زماني کان وسري ٿي ويندو آهي. ڪافي وقت ڪانپوءِ هلندي هلندي مان عظيم انٽرپرائيزز جي عمارت وٽان لنگهيس جيڪا ان وقت تبديل ٿي وڃي سميع انٽرائزز ٿي چڪي هئي ته

مونکي عظيم صاحب ياد آيو. پر وري مصروفيتن جي انبار ۾ گم ٿي ويو. ان ڳالهه کي اٺ سال گذري ويا.

*

مان پنهنجي ڪالوني جي پر واري پارڪ ۾ روزانو صبح جو واڪ ڪرڻ ويندو هوس. ڪجهه ڏينهن کان اتي هڪ بئنچ تي هڪ پوڙهو نظر ايندو هو. جيڪو پنهنجي اسٽڪ جهليون ڪنڌ جهڪائي ويٺو هوندو هو. مان واڪ ڪندي جيترا دفعا اتان لنگهندو هوس هو ڪنڌ هيٺ ڪيون ساڳي طرح ويٺو هوندو هو. هڪ ڏينهن ساهه پٽڻ لاءِ مان وچي هن جي پرسان ويٺس پر هن مون ڏانهن نه ڏٺو.

”چاچا، اوهان روز هتي ويهندا آهيو.“ مون ساڻس ڳالهائڻ خاطر پڇيو.

هن ڪنڌ کڻي مونڏانهن ڏٺو. هو ستر کان مٿي عمر جو ٿي لڳو ۽ چهري جي هڪ طرف فالج جو اثر هيس. اڇي ڏاڙهي ۽ ڪومائل چهري واري ان پوڙهي جي چشمي مان نظر ايندڙ اکين ۾ عجيب قسم جي اداسي هئي.

”چاچا، اوهان کي ڪا پريشاني آهي؟“ مون همدردي ڪندي پڇيو، ”مونکي ٻڌايو ته مان اوهان جي ڪنهن ڪم اچي سگهان ٿو.“

هن ڪو جواب نه ڏنو. اسٽڪ کي ٽيڪ ڏئي اٿري ڪڙو ٿيو ۽ وڃڻ لڳو. پر پير اسٽڪ ۾ اٽڪي پيس ۽ وري بئنچ تي ويهجي ويو. مون وڌي ڪيس سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن منهنجو هٿ پري ڪيو. مونڏانهن گهوري ڏنائين ۽ چيائين،

”آءِ ايم ڪيپيبل.“

”سوري سر.“ مون چيو، ”اوهين منهنجي والد جي عمر جا آهيو مونکي اوهان جي مدد ڪري خوشي ٿيندي.“

”تنهنجي والد جي عمر ڇا آهي؟“ هن پڇيو.

”سر، ٻاهتر سال.“

هن هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ چيائين، ”اها منهنجي بدنصيبي آهي جو مان پنهنجي عمر کان ڏهه سال وڏو ٿو نظر اچان.“

هن جي اها ڳالهه تير جيان منهنجي دماغ جي حافظي واري خاني ۾ وڃي لڳي. مون ڪيس غور سان ڏٺو ۽ حيرت واري آواز ۾ پڇيم،

”سر عظيم صاحب.“

هن به ڪنڌ ورائي مونڏانهن ڏٺو.

”سر مان محمد نواز.“ مون ڪيس ياد ڏياريندي چيو، ”اوهان جو آخري انٽرويو مون ڪيو هو.“

هن مونکي سڃاڻندي ڪنڌ لوڏيو.

”سر، اوهان ته آخري آنٽرويو ڪانپوءِ غائب ئي ٿي ويا؟“ مون چيو، ”اوهان جي عظيم انٽرپرائزز به بدلجي وئي.“

”مون سڀ ڪجهه پنهنجن پٽن کي ڏئي ڇڏيو.“ هن اطمينان سان چيو.

”پر توهان ايترو جلدي سڀ ڪجهه ڇو ڇڏي ڏنو. اوهان ته ڪاميابيءَ وارو رستو ڇڏڻ وارا نه هيا؟“

هو ڪجهه وقت ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري مونڏانهن ڏٺائين ۽ تڪليف ۽ پيڙا واري آواز ۾ چيائين،

”محمد نواز، سڀ A.C.R تي مدار رکي ٿو.“

”A.C.R“ مون حيران ٿي پڇيو، ”پر سر، اوهين ته سرڪاري ملازم نه هيا. پنهنجو ذاتي بزنس هو اوهانجو.“

اها ماڻهن جي غلط فهمي آهي ته A.C.R رڳو سرڪاري ملازمن کي ملندي آهي. A.C.R ته سڀني کي ملٽي آهي. سو مونکي به ملي. سڄي عمر ڪاميابيءَ جي خوشفهميءَ گذارڻ ڪانپوءِ عمر جي هن گريس پيرڊ ۾ خبر پئي ته مان ته ڪڏهين ڪامياب هيم ئي نه. مان فيل هيم.“

هو ڪجهه دير خاموش رهڻ بعد اٿيو ۽ اتان وڃڻ لڳو.

”سر.“ مون ڪيس سڏ ڪيو، ”اوهان کي اهڙي A.C.R ڪنهن ڏني.“

پر هن ڪو جواب نه ڏنو اتان هليو ويو.

مونکي اڻ تڻ لڳي وئي. مان هن کان پڇڻ پيو چاهيان. ٻي ڏينهن ڪافي دير تائين پارڪ ۾ سندس انتظار ڪيم پر هو نه آيو. ٽين ڏينهن وري ساڳي بئنچ تي ويٺو هو. مان وڃي سندس پرسان ويٺم. هن مونڏانهن ڏٺو ۽ پڇيائين،

”ڪيئن آهين محمد نواز؟“

”سائين، اوهان ڪيئن آهيو؟“

”ٺيڪ آهيان.“

”سر، معاف ڪجو.“ مون چيو، ”مونکي عجيب اڻ تڻ آهي. اوهان وقت کان اڳ سڀ ڪجهه ڇڏي هيءَ زندگي اختيار ڪئي ان جو ڪارڻ نه ٻڌائيندؤ؟“

”انٽرويو ڇاپيندين ڇا؟“

”نه سر، مان هاڻي اهو ڪم نه ڪندو آهيان. هڪ سرڪاري اداري ۾ ملازم آهيان. بس پنهنجي تسليءَ لاءِ ٿو پڇان.“

”ماءُ پيءُ زنده اٿئي؟“

”الحمدلله سر.“

”اوڪي.“ هن چيو، ”ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟“

”سر، توهان جي زندگيءَ ۾ هي بدلاءُ ڪنهن آندو؟“

”مان پاڻ.“

”ڇو؟“

هن ڪنڌ ورائي مونڏانهن ڏٺو چيائين، ”ڪاميابين جي فخر سان ڀرپور زندگي جو سفر طئي ڪندي اوچتو اوهان کي اها A.C.R ملي ته توهان اصل ۾ ناڪام انسان آهيو ته ماڻهو ڇا ڪري؟ زندگي هڪ دفعو ملندي آهي. واپس وڃي سڀ ڪجهه صحيح به ڪري نه ٿو سگهجي. پر بچيل زندگي ناڪاميءَ جي سرٽيفڪيٽ سان گذارڻ به ڏکي آهي. اهو سرٽيفڪيٽ جيڪو توهان کي فيل ڪري ڇڏي.“

”پر سائين، توهان جي A.C.R ڪنهن لکي؟“

هن غور سان مونڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”منهنجي پيءُ.“

مان هڪوٻڪو ٿي ڪيس ڏسڻ لڳس پوءِ پڇيم،

”اها A.C.R ڪٿي آهي؟“

”اها هر وقت مونسان گڏ هوندي آهي. منهنجي اعمالنامي جيان. اڄ تائين ڪنهن کي نه ڏيکاري اٿم. پر توکي ڏيکاريندس. ممڪن آهي تون بچي وڃين اهڙي A.C.R ملڻ کان.“

پوءِ هن پنهنجي ڪوٽ جي اندرين کيسين مان هڪ ڪاغذ ڪڍي مونڏانهن وڌائيندي چيو،

”توسان انٽرويو ڪرڻ کان هڪ مهينو بعد منهنجي والده گذاري وئي. ڇهن مهينن بعد والد به وفات ڪري ويو. ان جي وفات بعد سندس سامان مان مونکي هي ڪاغذ مليو.“

مون ڪانئس ڪاغذ وٺي کوليو ۽ پڙهڻ لڳم.

”مان ماستر الله ڏنو، مرڻ کان اڳ پنهنجي پٽ عظيم کي ڪجهه ڏئي وڃڻ ٿو چاهيان. مون وٽ ڪو قيمتي مال ملڪيت ناهي. جيڪو ڪجهه آهي اهو عظيم جو ئي ڏنل آهي. منهنجي پٽ اهڙي واٽ ورتي جنهن لاءِ ڪا A.C.R نه ملندي آهي. پر مان هن کي A.C.R ڏئي وڃان ٿو.

”منهنجو پٽ چوي ٿو هن جي ڪاميابي جو راز وقت ۽ وسيلن جو قدر ڪرڻ ۽ صحيح استعمال ڪرڻ آهي. هن ڪوڙ ڳالهايو ان لاءِ ڪيس زيرو مارڪ. هن جي ڪاميابيءَ جو وسيلو هن جا پيءُ ماءُ هيا. اها ڳالهه ياد نه هيس. وقت جو قدر به هن وٽ نه هو. ورنه هو ان وقت کي وڃڻ نه ڏي ها جڏهن هن جي ماءُ سخت بيمار هئي. ان کي اسپتال کڻي وڃڻ جي ضرورت هئي. پر هو فون بند ڪري ميٽنگ ۾ مصروف هو. جنهن ڪري بار بار ڪوشش ڪرڻ سان به هن سان رابطو ٿي نه سگهيو ۽ وقت گذري وڃڻ ڪري هن جي ماءُ فوت ٿي وئي. هن وقت هر ڪم لاءِ وقت هيو پر پيءُ ماءُ کي ڏيڻ لاءِ وقت نه هو. هن نوڪر چاڪر ته رکي ڏنا پر اهو سمجهه ۾ نه آيس ته ٻڍاپي ۾ پيءُ ماءُ کي نوڪرن ۽ آرام واري گهر جي نه پر اولاد جو توجهه ۽ وقت جي ضرورت هوندي آهي.

”هن چيو ته هو بارن انٽلڪچوئل آهي. هن ڪوڙ ڳالهايو . ان لاءِ هن کي زيرو مارڪ. ڪو به انسان ڄائيندي ڄام نه هوندو آهي. اهو جڏهن ماءُ جي پيٽ مان جنم وٺي هن دنيا ۾ ايندو آهي ته ايترو ته ڪمزور ۽ محتاج هوندو آهي جو پنهنجي هٿن کي کڻي وات تائين آڻي کاڌو به نه کائي سگهندو آهي. اهي پيءُ ماءُ هوندا آهن جيڪي محبت سان ان کي کارائيندا پيئاريندا آهن. پاڻ جاڳي هن جي ننڊ جي حفاظت ڪندا آهن. هو اٿي گهمڻ جي قابل نه هوندو آهي. آڱر جهلي ڪيس گهمڻ سيکاريندا آهن.

”هن چيو هو سيلف ميڊ آهي ۽ جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي اهو فقط پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان حاصل ڪيو آهي. هن ڪوڙ ڳالهايو ان لاءِ هن کي زيرو مارڪ. هن کي اهو ياد نه رهيو ته هن کي پهريون سبق هن جي ماستر پيءُ پڙهايو. هن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو چاهه پيدا ڪيو . هر قدم تي هن جي همت وڌائي ۽ حوصلو جاڳايو. هن کي اهو به ياد نه رهيو ته هن جو پيءُ ٽيوشن پڙهائي پڙهائي هن لاءِ مهانگا ڪتاب وٺي ايندو هو ته جيئن هن جي پٽ جو علم وڌي ۽ هو وڏي کان وڏو امتحان به شاندار ڪاميابيءَ سان پاس ڪري. هن کان اهو به وسري ويو ته هن جو پيءُ هن سان گڏ جاڳي ڪيس امتحانن جي تياري ڪرائيندو هو.

”هن چيو هن جي فيملي ۾ فقط هڪ گهر واري ۽ ٻه پٽ آهن اهو چئي هن انهن پيءُ ماءُ کي پنهنجي فيملي مان خارج ڪري ڇڏيو. جن هن هڪڙي اولاد ڄمڻ بعد ان خوشيءَ ۾ سڄي زندگي گذاري ته هنن جي فيملي مڪمل آهي.

”منهنجو پٽ وڏا وڏا امتحان ته پاس ڪري ويو پر زندگيءَ جي سڀ کان ضروري امتحان ۾ فيل ٿي ويو. اهو امتحان هو سٺي اولاد هجڻ جو. ان ڪري هن کي زيرو مارڪ. ۽ هن جي فيل ٿيڻ ڪري اڄ مان ماستر الله ڏنو پنهنجي پٽ عظيم کي پنهنجي ولديت جي خاني مان خارج ڪيان ٿو. اڄ ڪانپوءِ هو منهنجي اولاد ناهي.“ ■

# گوءِ ميدان...



**محمد علي پٺاڻ**

سڪل ۾ هڏيون نڪتل سانوري ڇهري تي مٺ جيڏي سونهاري رڪيل، سنهڙي سيپڪڙي، گوڏ ۾ پهراڻ سان مٿي تي انگوڇي ٻڌل پنجاسي ورهين جي ڦڙتي ۽ چستيءَ سان هلندڙ ڪاڪي ڪريم ڏني جو منهن ان وقت ڪيڏو نه ٻهڪي رهيو هو، جڏهن ٻنيءَ تان ڪم ڪار ڇڏائي، گهر موٽيل ٽنهي پٽن کي سڏي سامهون ويهاري، ڪچڙيءَ منجهند ڪان سيني ۾ سانديل خوشيءَ جي خبر کي وائکو ڪندي چئي رهيو هو ته، ”ابا، مبارڪ هجيوَ مڙسن چئن لکن ۾ نيٺ ڳالهه هڪ پاسي ڪئي.“

”ڪنوار تو کي ڏيکاريئون يا؟“

”ها، بلڪل ڏيکاريئون.“ وڏي پٽ جي ڳالهه کي ڪٽي ڪلندي ڪاڪي ڪريم ڏني وراڻيو، ”اڳيان ٻه مان هومانِ. ڏسڻ ڪانسواءِ ان هيڏي ساري رقم لاءِ اصل راضيِ نه ٿيانِ ها ...“

”ڪيئنَ هئي؟ عمر ڪيتري ٿيندس؟“

”اڙي ابا، منهنجو ڀاڳ ڦاٽو آ ڀاڳ، سورنهن سالن جي صفا ڇوڪري. الهڙ سهڻي ايڏي جو وينو ڏسجيس. چنڊ ته پتيءَ ۾ ٻه نه ٿيندس.“

”واهه واهه. هونئن ٻه تنهنجو ڀاڳ ٻين ڪان سدائين سرس ٿي رهيو آ. اسان جي امڙ ٻه ته سڀني تر جو نڪ هئي. تڏهن ته اسان سڀ پائر ۾ پينرون صورتن ۾ ٻين سيني ڪان وڌيڪ سجهندي وارا آهيون.“

”۽ رڳو سهڻي ئي نه، جي سچ پڇو ته منهن ۾ ماٺهين واري مٽيا ٻه ڏني مانس. حيا ۽ شرم ٻه سود پود توهان جي ماءُ وارو هوس. گهٽو ئي ڇيئونس ته اکيون مٿي ڪري پنهنجي ٿيڻ واري مڙس کي ڏس. پر پنهنجي ليکي ڪان نه نڪتي ۽ اکيون زمين ۾ ئي رهيس.“

”مبارڪ هجئي بابا.“ ٻئي نمبر پٽ ڇهري تي سرهائي آڻيندي چيو. ”الله ڪندو ته امڙ وانگر ئي گهر سان نيبهه ڪندي ۽ تو کي سهڻا ٻار ڄڻي ڏيندي.“

”تنهنجي وات ۾ گلاب.“ ڪاڪي ڪريم ڏني وڌيڪ خوش ٿيندي ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي پنجن سون جو نوٽ ڪڍندي چيو، ”اڃي هي وٺ ۽ وڃي مجوءَ جي دڪان تان پڪي مٺائي وٺي آ، ته خوشيءَ ۾ ٻچڙا وات مٺو ڪن.“

”بيانو ڏئي آئين؟“ ٽئين نمبر ۾ ننڍي پٽ ٻئي جي اٿڻ ڪان پوءِ پڇيو.

”لک ڏئي آيو مانِ. باقي پئسا سپاٽي ٽيپهريءَ جو وٺڻ ايندا.“ ڪاڪي ڪَريم ڏني ٻڌايو.

”شاديءَ جي تاريخ؟“ ننڍي پٽ ٻيو سوال ڪيو؟

”اها ايندڙ جمعي رات جي ڏني ٽئون.“

”ڏاڍو سٺو.“

”امان وڏيءَ جي موت پڄاڻان ڪاڪي جي خدمت ۾ اسان ڪا ڪمي ته ڪونه ڪئي آ ادي، جو هروڀرو دانهون ڪري ڪري نيٺ وڃي شاديءَ جي تاريخ ٻڌي آيو آ.“ ڪاڪي ڪريم ڏني جي وڏي ننهن وچينءَ سان مخاطب ٿيندي چيو.

”اهي هروڀرو واريون دانهون ڪاڪي ڪيون ئي انهي لاءِ پئي، ته جيئن پٽ پاڻ ئي ڪيس چون ته شادي ڪر. ۽ ٿيو ٻه ائين. سيني ڪيس رضا خوشيءَ سان شاديءَ جو چيو.“ وچينءَ ڇهري تي ناگواريءَ جو تاثر آڻيندي چيو.

”شادي وهيءَ جي ٺهندي آ پيڻ.“ ننڍي ننهن ٻنهي جي ڳالهه ۾ دلچسپي وٺي پنهنجي ڳالهه ڪئي، ”پيريءَ جي شادي چونداهن ته خواري ئي خواري هوندي آ...“

”اڙي، اها ڳالهه ڪلهه مون مڙس سان ڪئي. چيائين ته بابي جي حڪيمن طبيبن سان پراڻي ياري آ. سو پئون ٻارنهن ٿي ويندو ۽ زال چوڙي چڙهندو.“ وڏيءَ ٽورو معنيٰ خيز انداز ۾ مرڪندي چيو.

”هنئه، چوڙي چڙهندو، جو آهي ٻه اڪ جي ماڪي لاهڻي. ڪپي ٿو، گهڻو ڪجهه ڪپي ٿو پيڻ.“

”بروبر.“ ننڍيءَ جي ڳالهه کي ٽيڪو وٺائيندي وچينءَ چيو، ”پوڙهو ڏاند پلي ڪيترو ٻه وس ڪري گوءِ ائون ميدان ڪئون پري ئي پري هوندو آ...“

”آهستي ڳالهيو ته ڪاڪو ڪريم ڏنو نه ٻڌي وٺي ۽ پٽن کي دانهن ڏئي ڪدائي نه سيني کي سنهي ٻه مان...“

”ها ادي، ڇڏيو انهي ڳالهه کي. ڪا ٻي زماني جي ڳالهه ڪريو. پٽن کي پيءُ ڏاڍو پيارو آ.“ وچينءَ وڏيءَ جي مام پروڙيندي وراڻيو.

”اڙي يار، اهو ڦهر ڪيئن ٿيو، ٻڌاءِ ته سهي؟“

”ڪهڙو؟“ ڪاڪي ڪريم ڏني جي وڏي پٽ هٽ واري نورل جي ڳالهه نه سمجهندي سوال جو جواب سوال سان ڏنو.

”ڪاڪي ڪريم ڏني جي شاديءَ جو. ماڻهن پئي ٻڌايو ته چئن لکن ۾ سورنهن سالن جي ڇوڪريءَ جو سڱ وٺي آيو آ.“

”ها، ته انهي ۾ ڦهر جي ڪهڙي ڳالهه آ؟“ وڏي پٽ لهجي کي ترش بڻائيندي چيو.

”توهان راضي آهيوس؟“

”ها، بلڪل آهيونس.“

”مار، پر اهو آهي ظلم يار. ڪاڪو شاديءَ واري عمر ڪائي ويو آ، سورنهن سالن جي ان پرائي ڄائيءَ سان ڪيئن منهن ڏئي سگهندو؟“

”بابو سچن گيهن جو پليل آ نورل، تون چنبي ڏئي ڏسينس ته پاڻهي خبر پئجي ويندئي. هاڻ ٻه ڪوڏر جو لپو هٽي اچل جو ڏيندو آ، مٿي الائي ڪاٺي وڃي ڪرندي آ. يقين نه اچئي ته شرط رک. بابي کي گهرايان ٿو. اچا ڪارا پاڻهي پڌرا ٿي پوندا.“

”پاڻ ڄاڻو پائو، باقي چئجي سچ ته اهو چڱو نه ٿو ٿئي.“

”نورل، اسان تنهنجي پيءُ جيتري عزت ڪندا آهيون. اهڙي ڳالهه زبان تي آڻي ادب مان نه ڪڍ. سمجهين ٿو نه؟“

ٻنهي جي وچ ۾ ڳالهه گهٽي وڌي وڃي ها، پر اتي وينل پيرسن ربنواز ٺڏي تي معاملي جي نزاڪت کي سمجهندي چيو، ”هنڌ اهو سڙي ڄاتي باهه ٻري بابا. مڙس ته زال، نه ته لاش جو لاش. جنهن جي منهن تان مک هڪلڻ ٻه ڏکي لڳي. سو ننهر پلي ڪيڏيون ٻه سونيون ٿي پون، پر زال جيتري خدمت انهن ڪان ٿورئي ٿي سگهندي، هي ته ڪريم ڏني جو بخت بالا آ، جو توهان هونديءَ سونديءَ جي ڪري قدرت هن ڏکي گهڙيءَ ۾ هن کي حيلو وسيلو ڪري ڏنو آ. نه ته اهو سور مون ڪان پڇو ادا مونڪان، جنهن جا پٽ ننهرن ڪان ٻه وڌيڪ بيزار هن. تڏهن ته گهر ڇڏي وتان ٿو نيهان ڪائيندو. جي هجي ها زال جيئري ته ...“ چوندي چوندي هو چپ ٿي ويو ۽ هن جو اکيون پرجي آيون ...

شاديءَ واري ڏينهن ڪاڪي ڪريم ڏني جي گهر ۾ خوشيءَ وچان ٽنهي پٽن ڪاغذ جون رنگبرنگي جهنڊڙيون ٻه ڏاڳن ۾ ٻڌي ٽنگيون ته ڊيڪوريشن وارن ڪان ساين ڳاڙهين بلبڙين جون لڙهون ٻه لڳرائي ٻارايون، پوءِ انهن جي جهلمل ڪندڙ روشنين ۾ جڏهن مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جي وارن کي خضاب ڪيل ڪاڪي ڪريم ڏني کي عطر عنبير هٽي ٻوسڪي جو وڳو ۽ پٽڪي بجاءِ سونهريءَ رنگ ۾ خوبصورت ٽڪڙن وارو ٽوپ پهرائي، مٿي تي موڙ ٻڌي وڄندڙ دهل ۾ نچندڙ ۽ ڳائيندڙ عورتن جي وڏي ميڙ آڏو کٽ تي ويهاريو ويو، ته ڏسندڙن ڪان ڪاڪي جي خوشيءَ جو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿي ويو هو.

اندازن رات جو سادي يارهين وڳي چاليهن جي چنگچين جي قافلي جي اڳيان سينگاريل ڪار ۾ وينل ڪاڪي ڪريم ڏني جي ڄڃ گيتن جي گونج ۾ تاڙين جي ٺڪي سان سندس ساهراڻي گهر ڏانهن رواني ٿي.

ٽن ڪلو ميٽرن جي ان رستي ۾ ڪيترا ئي دفعا گاڏيون روڪائي ٽنهي پٽن، نياڻن ۽ ٻين ڄاڃين خوب جهمريون هنيون ۽ شادمانه ڪيا.

نڪاح جي طئه ٿيل وقت ڪان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ ڪاڪي ڪريم ڏني جي ڄڃ جيئن ئي سندس ساهرن جي ڳوٺ ٻاهران انهن جي ٻن ڪکائين جهوپڙين وٽ پهتي، ته اتي اوندهه لڳي پئي هئي ۽ ڪو ٻه ماڻهو نظر نه پئي آيو.

ڄڃ مان اوچتو خوشي اڏامي وئي. سڀ حيران پريشان ٿي ويا.

پوءِ وڏي پٽ سان گڏجي وڃي ڪجهه همراهن ڳوٺ مان حقيقت معلوم ڪئي ته جڏهن اها خبر ڪاڪي ڪريم ڏني کي اچي ٻڌايائون ته هن جي چئن لک سميت سندس ساهرا ٺڳي ڪري، لڏو ڪٽي ڪنهن نا معلوم هنڌ هليا ويا آهن. اهو ٻڌي ڪاڪو ڪريم ڏنڊٽجي ڪار ۾ ڪري پيو ۽ هن جا مٿي ڪيل موڙ جهٽڪي سان سندس منهن تي اچي پيا. ■

# اڪين جي غربت...



محمد صديق منگيو

آئون نہ چمڙو آهيان، نہ چبرو. جو رات جي ماٺ ۾ مست رهندو هجان. پوءِ بہ يار دوست مون کي ’چمڙو‘ چوندا آهن؟ آئون سچ پيو چوان، تہ آئون چمڙاپوش بہ ناهيان، جو راتين ۾ ويس مٽائي واءُ سواءُ لهڻ نڪرندو آهيان، پوءِ بہ مٽ مائٽ مون کي، ’راتين جو رولاڪ‘ چوندا آهن. يقين ڪريو، تہ آئون ڪاٽڙيو يا جماٽڙيو چور بہ ناهيان، جو لوڪَ سُتي، ٻليءَ وارا چَپَ هڻي، پراوا مال نُوسيندو آهيان. پوءِ بہ شهر وارا مون کي، ’ڏاڪي، ٽِڙيل‘ چوندا آهن. ٻلي پيا چوَن. چوڻ وارن کي جَهل آهي ئي ڪانہ. ماڻهن جا واتَ، ڪوهن جي مُنهن کان بہ وڏا ٿيندا آهن. ڪوهن جا منهن بند ٿي ويندا آهن، ماڻهن جا واتَ بند ٿيڻ جا نہ آهن. هر ماڻهو پنهنجي سوچ ۽ مزاج جي قيدخاني جو قيدي هوندو آهي. ماڻهن جي اهڙي ورتاءَ تي مون کي نہ تہ چڙ آهي، نہ ئي ڪو اعتراض. ان ڪري تہ شب خوريءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهن جي اکين ۾، لهندڙ سج اندائپ جي اونداهي پري ويندو آهي. هونئن بہ جن وٺ نَمي، ڪَمي ۽ نيڻ نائي نهارڻ واري ديد هوندي ئي ڪانهي، انهن جون دليون، دلبرن جا ديرا ٻڌجي نہ سگهنديون آهن.

آئون صحافي بہ آهيان، تہ ڪهاڻيڪار بہ. سانتيڪين راتين جي رولاڪي، منهنجي منتشر من کي ساهس ڏئي سانتيڪو ڪندي آهي. رات جي سانت جو رومانس ئي پنهنجو ٿو ٿئي. سارو شهر ننڊ نگر جي سيرسپاٽن ۾ گم هوندو آهي. آئون ٽِمِ ٽِمِ جي ميڇن ۾ ڳالهيون ڪندڙ تارن جي دلڪشي ۽ رات جي گهوگهٽ ۾ ويڙهيل فطرت جي حسناڪ جلون ۾ موهجي، پاڻ کي پنهنجي ئي وجود ۾ وڃائي ويهندو آهيان. جڏهن هوائون، ڪومل جهوٽن ۾ شادمانين جا گيت آلاپينديون آهن. ۽ سانت جهومي ڳائڻ لڳندي آهي، تڏهن رات پنهنجي ڪُک مان ڪهاڻين کي جنم ڏيندي آهي. آئون رات، جي سانت کي قلهوري، پنهنجي ڪهاڻين جا وڃائجي ويل ڪردار، رهجي ويل منظر ۽ لکڻين لاءِ مواد ميڙيندو آهي.

شهر جي مُک چوواٽي تي چوڪيدار جو ٿاڪُ ئي اصل ۾ منهنجو نڪاڻو بہ آهي. شهر جي گهٽين ۽ بازارن مان گهمي ڦري ان ٿاڪ تي اچي ويهندو آهيان، جتي مُلي ٻانگ تائين ڪچهري پئي هلندي آهي. سراءِ ساڳي آهي. مهمان مٽبا رهندا آهن. هن ٿاڪ تي وڏا ڪٿاڪار بہ اچي ويهندا آهن. اُهي وڏيون ڪٿائون بيان ڪندا آهن. انهن وٽ پَرين، ديون، شهزادن ۽ بادشاهن جون ڪٿائن تہ هونديون آهن، پر انهن ڪٿائن جون پاڙون، زندگيءَ جي پاتال ۾ کُتل هونديون آهن. اُهي ڌرتيءَ جي ڏکن ڏاکڙن مان جنم وٺنديو آهن. آئون پنهنجي ڳالهہ نہ پيو ڪريان نہ ئي انهن سان ڪلهو هڻي، ٻَرُميچڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. آئون تہ انهن سيٺين جو پير بہ انهن جي جُتيءَ ۾ وجهڻ جي ڪوشش نہ پيو ڪريان، جن وٽ نرم بسترا تہ آهن، پر ننڊ جهڙي نعمت لاءِ سِڪي مُئا آهن. ننڊ جي گورين جي لپ ڪائڻ ڪانپوءِ بہ ننڊ ديوي ڪين پنهنجي آغوش ۾ پرڻ کان پئي ڪيٻائيندي آهي. اُهي سياري ۾ ٻاهہ جي سِهي ۽ آرهڙ ۾ ڪليل ماحول ۽ قدرتي هوا ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ گهرن مان نڪري، چوڪيدار جي ٿاڪ تي اچي ويهندا آهن.

آئون تہ انهن گشتي پوليس آفيسرن ۽ سپاهين جي بہ ڳالهہ نہ پيو ڪريان، جيڪي وائرليس تي ڪنٽرول روم کي پوزيشن تہ شهرن کان ٻاهر جي ٻڌائيندا آهن. پر تيل جا پئسا ۽ توانائي بچائڻ لاءِ ويٺا چوڪيدار جي ٿاڪ تي هوندا آهن. آئون تہ غربت جي لڪير کان هيٺ حياتي گهاريندڙ طبقي جي اُنهن اُڙين ٿِڙين مسافرن، پورهيتن، مالشين ۽ پاڳلن جي ڳالهہ پيو ڪريان، جن کي زندگيءَ ڌوٻيءَ جيان داٻڙن تي سَٽيو ۽ نپوڙيو آهي. پر سندن حوصلن جي لالائيءَ کي ڦِٽائي، مات نہ ڏئي سگهي آهي. زندگيءَ جي ٻوائتي روپ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ وارا اُهي ئي ماڻهو اصل ۾ وڏا ڪٿاڪار آهن، جن جا سينا زندگيءَ جي سچاين جا دفينا هوندا آهن. اُهي جڏهن ڪٿا بيان ڪندا آهن، تہ زندگيءَ جا پاسا بند گوپيءَ جي ڪلن جيان کُلندا ويندا آهن. ڪڏهن شهر ۾ اڌ اگهاڙي حالت ۾ ڦِرندڙ ڪنهن چرئي کي چُونگون ڏئي، چوري ڇڏيندا آهيون، تہ ڪڏهن ڪنهن مسافر يا پورهيت جي سُتل سورن جي ساز جي تندُ ڇيڙي ڇڏيندا آهيون ۽ پوءِ زندگيءَ جي سچي تشريح ۽ ڪول ڪري، نيون نيون ڪٿائون بيان ڪندا آهن. انهن ڪٿاڪارن ۾ هڪڙو جانُو مالشي بہ آهن، جيڪو هر رات نئين ڪٿا بيان ڪندو آهي.

جانُو مالشي آهي. ٿَڪل جسمن ۽ ساڻن سرين کي هٿن جي پرتن سان حرارتون ڏئي ڪڙو تڙو ۽ تازو توانو ڪرڻ، سندس هُنر بہ آهي، پيشو بہ، تہ روزي روٽيءَ جو وسيلو بہ. پورو پُنو قدُ، هڏڪاٺ ۾ ڇيڙهو. مضبوط هاٿي. رنگ سانورو. عمر پنجٽيهہ-ڇٽيهہ سال. ڇاپئين ڏاڙهيءَ تي وٺيل شهپر. مٿي تي حاجين جي رومال جي پيندي ٻڌل. ڪلهي تي پوتڙو. ۽ هٿ ۾ تيل جي شيشين جو لوهي ڇڪو.

هو راَت جو سئنيما چوڪ جي لائين وارين هوٽلن تي تيل جي شيشين واري ڇڪي کي ڇٽڪائيندو يا ڪنهن ڊرائيور کي تيل مالش ڪندو نظرا يندو آهي. ٽرڪن جا ڊرائيور تہ مٿس موهت آهن. اُهي سوين ميلن جي مسافريءَ جا چوڪڙا ڪٽي، جانوءَ جي وَر چڙهندا آهن، تہ سمورا ٿڪ لهي ويندا اٿن. هوائي روزي اٿس. ’لڳي تہ عيد، نہ تہ هلبو هوا تي.‘

ڪيسو پرتو اٿس يا خالي، ان لاءِ ڪانئس پڇڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي آهي. سندس چهري مان پيو بکندو آهي. ڏهاڙي ڪري لڳنديس، تہ ٻهڪندو پيو ايندو. ۽ هوٽل تان ٿيلهيءَ ۾ چانهہ بہ پارسل ڪرائي کڻيو ايندو.

پاڇي پُٺي ۽ ڪُني پات جي پورت ڏهاڙي لڳيس، تہ ٿلهين هٿين لڏندو لمندو پيو ايندو. پر چند اوڻٽيهين هڙتال ڪري. ٽريفڪ بند هوندي، تہ منهن لٿل ۽ اباڻڪو پيو لڳندو.

هن جي عمر تہ ڪا گهڻي وڏي بہ ڪانهي، پر ڳالهيون عمر کان وڏيون ڪندو آهي. ننڍپڻ جي يتيميءَ جي ڏکن ڏوڙن گهڻو ڪجهہ سيکاريو اٿس. گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتل اٿس. مامي خُدو مالشيءَ جي مرڻ ڪانپوءِ، چوڪراٽ وهيءَ ۾ جيئن ڇڪو هٿ ۾ ڪنيو اٿس، تہ اڄان تائين نہ ڇڏيو اٿس. شهر، شهر جي رولاڪين کان پوءِ، شادي ڪري مس وڃي ٽانيڪو ٿيو آهي.

ڳالهہ ڪرڻ جو وٽس ڏانءُ آهي. ڳالهہ ڪيتري بہ رواجي ۽ معمولي هجي، پر پنهنجي وڻندڙ ڏانءَ سان سُٺ جي ڍيري جيان، ڳالهہ سان لاڳاپيل احساساتي پاسا بہ ائين کوليندو پيو ويندو جو نہ رڳو ٻڌندڙن جو ڌيان ڇڪائي وٺندو، پر معمولي ڳالهہ بہ نئين لڳندي. ڪا بہ ڳالهہ ڪندو يا واقعو بيان ڪندو، تہ پهرين ان جو ٿلهہ ٻَڌندو. ٻُسي ڳالهہ ڪرڻ، تہ سندس وَڙُ ئي ڪونهي. هڪ رات، ڪنهن غريب سان ٿيل وارتا ٻڌائڻ کان اڳ، مون ڏانهن ڏسي، چيائين،

”سائين، غربت توهان ٻڌي ضرور آهي، پر ڏٺي نہ آهي. الله، شل دشمن کي بہ نہ ڏيکاري. غربت ڪچن گهرن ۽ ميرن ڦاٽل ڪپڙن مان، نہ پر ماڻهوءَ جي اکين مان بکندي آهي.“

هو ڪلمڪ ۽ پو ڳائي مزاج رکندڙ، دلبر ماڻهو آهي. گفتي جو اهڙو پڪو، جو ڳالهہ ڳالهہ ۾ اهڙو چرچو هڻي ويندو، جو ٻڌڻ وارا تہ پيا کل ۾ رڙهندا ۽ پاڻ منهن پڪو ڪري ويٺو هوندو. هڪ رات جيئن آيو، تہ ڍاڪو ڪن ماڻهو، مچ جي چوڌاري بينچن تي ويٺل هئا. سيٺ معراج دين ڀرو ۽ ڏگ مڙس، ويهي ويهي ٿڪو، تہ بينچ جي ٻانهن تي مٿو رکي اهلجي پيو هو. جانوءَ اڇڻ ساڻ سيٺ ڏانهن ڏسندي چيو،

”هيءُ ٽانگي جو گهوڙو، ڪيئن ڪِريو آهي؟“

ويٺلن کان بي اختيار کِل ڇڏائجي وئي. جيئن جيئن پئي سيٺ جي ٿولهہ ۽ ڪاري رنگ تي نظر پين، تيئن پئي کل ڇُٽڙين. سيٺ معراج دين سڌو ٿي ڪرڙين اکين سان جانوءَ ڏانهن ڏٺو، پر گهڻي دير تائين ڪاوڙ کي برقرار رکي نہ سگهيو ۽ پنهنجو پاڻ تي کِل ڇڏائجي ويس.

هڪ رات شهر کان ٻاهر هئس. دوست جي شاديءَ ۾ حيدرآباد آيل هئس. رات ٽڪي، ٻئي ڏينهن ڳوٺ موٽڻ لاءِ پر ڳڙي روڊ تي، وين اسٽاپ تي ٽڪيٽ بک ڪرائي ويٺو هئس. شام جا سوا پنج ٿيا هئا. موبائيل فون جي رنگ ٽون وڳي. اسڪرين ۾ ڏٺم. جانوءَ جي ڪال هئي. ڪال اوڪي ڪيم، تہ جانوءَ جو گهٻرايل آواز آيو،

”سائين عرفان پيا ڳالهايو نہ؟“

”ها جانو، خيرُ تہ آهي؟“ آئون پريشان ٿي ويس.

”خيرُ ڪٿي آهي سائين.“ هن کان اوڇنگار نڪري وئي.

”ڇو، ڇا ٿيو؟ ڳالهہ تہ ڪر.“ مون اتاولائيءَ مان چيو.

”سائين، منهنجو ٻچڙو منٺار...“ هو روئڻ لڳو.

”ڇا ٿيو آهي منٺار کي؟“ مون کان رڙ نڪري وئي.

”سائين، لغڙ اڏائيندي گهر جي ڇت تان، لونڊڙيءَ پر سِرن جي ڍير تي ڪريو آهي. ڊاڪٽرن جواب ڏئي

چڙهيو. حيدرآباد ڪٺائي آيو آهيانس.“ هن ٻڌي ٻڌي ٻڌايو.

”پر، تون آهين ڪٿي؟“

”سرڪاري اسپتال جي لال بتيءَ ۾ آهيان.“ هن وراڻيو.

”ٺيڪ آهي. تون گهبراءِ نه. آئون اچان پيو.“

منهنجي بت ۾ رڦٽي پئجي وئي. اکين اڳيان ڏهن سالن جي منٺار جو ڪلمڪ ۽ معصوم چهرو ڦرڻ لڳو. جانو مالشيءَ جو گهر پريس ڪلب جي پرسان هو. منٺار مون کي ’چاچا اکبار وارو‘ چوندو هو. روز خرچي وٺڻ لاءِ مون وٽ پريس ڪلب ايندو هو. ۽ مون سان ڳالهيون پيو ڪندو هو. سچ لهي ويندو هئس، ته ماڻس مريم ڪيس وٺڻ لاءِ پريس ڪلب اچي نڪرندي هئي ۽ ڪلي چوندي هئي،

”ادا، تو منٺار کي هيرائي خراب ڪري ڇڏيو آهي.“

بڪنگ ڪلارڪ کي وين جي بڪ ڪرايل ٽڪيٽ موٽائي ڏنيم. ۽ تڪڙيون وکون کڻي هلڻ لڳس. وين اسٽاپ کان سرڪاري اسپتال گهڻو پري ڪانه هئي. گهڻيءَ مان ڦيرو ڏئي، اسپتال جو گيٽ اُڪريس ته هو حادثات شعبي جي ٻاهران بيٺو هو. وار ڪندريل ۽ ڪپڙا رت ۾ ٻاڙها هئس. مون تي نظر پيس، ته ڄڻ مئل جسم ۾ ساهه پئجي ويس. ڊوڙندو آيو ۽ منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي اوڇنگار ڏئي چيائين،

”سائين، منهنجي دنيا اُجڙي ويندي. دين دنيا ۾ هڪڙي ٽندُ اٿم...“

هو وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيو. مون کيس آٿت ڏيندي چيو،

”دل نه لاهه جانو، حوصلو رک. الله سٺائي ڪندو.“

اندر داخل ٿيس، ته سامهون ڪاٺ جي وڏي ٽيبل تي، رت ۾ ٻاڙهو منٺار بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيو هو. هڪ سينئر ۽ ٻه نوجوان ڊاڪٽر، سندس جان بچائڻ ۾ رُڌل هئا. ڪاپي لونڊڙي ڪان مٿو، پٽ تي ڪريل هنداٽي جيان چيچي گُهبُ هٽي ويو هئس. آئون وڌيڪ بيهي نه سگهيس. دل ٻُڏڻ لڳي هئي. منٺار کي ان حالت ۾ ڏسڻ جو مون ۾ وڌيڪ حوصلو نه هو. ٻاهر نڪتس، ته هن اتاولائيءَ مان پڇيو،

”سائين، ڪيئن آهي منهنجو ٻچڙو؟“

”بهتر آهي. ڊاڪٽر علاج ڪن پيا. وڳائتا آهيون. ڳڻتي نه ڪر.“ کيس دلداري ڏنيم.

گهڻي دير ڪانپوءِ ابتدائي طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ منٺار کي سي ٽي اسڪيننگ لاءِ ڪڻي ويا، ته آئون سينئر ڊاڪٽر سان ملڻ لاءِ سندس آفيس ۾ هليو آيس. سلام ڪري، ساڻس تعارف ڪرايم، ته هٿ جي اشاري سان ويهڻ لاءِ چيائين. منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو،

”ڪيس ڳرو آهي. ابتدائي ٽريٽمينٽ ته ڏني اٿئون. پر لڳي ٿو، ته دماغ جو ميجر آپريشن ٿيندو ۽ اهو به تُرت.“

”ڊاڪٽر صاحب، ڇوڪري جا مائٽ مسڪين آهن.“ مون ڪجهه ڇوڻ گهريو. ڊاڪٽر منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو،

”ڏسو، سرڪاري علاج جا طريقا به سرڪاري آهن. ۽ مريض وٽ ايتري انتظار جو وقت ڪونهي.“

آئون سوچ ۾ ٻڏي ويس. مون کي سوچ ۾ ٻُڏل ڏسي، ڊاڪٽر ٻيهر ڳالهايو،

”مون کي توهان سان همدردي آهي. اسان جي اختيار ۾ جيڪو ڪجهه هوندو ضرور ڪنداسين. پر ڪا وڏي سفارش يا وڏي رقم ئي معصوم ٻار جي حياتي بچائي سگهي ٿي.“

ڊاڪٽر کان موڪلائي ٻاهر نڪري آيس. اتاولين سوچن ڍڪر ڏئي ڇڏيا. گهڻي دير کان پوءِ منٺار کي وارڊ ۾ منتقل ڪرائي. کيسي ۾ ياڙي جيترا پئسا رکي، ٻيا سڀ جانوءَ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. ۽ جانوءَ سندس ياءُ خانوءَ کي دلداريون ڏئي اسپتال مان نڪري آيس.

دل ۾ پکو پُهُ ڪري ڇڏيم، ته صبح ساجهر سنگت ساٿ ۽ سرند ماڻهن آڏو جهولي جهلي، منٺار جي آپريشن لاءِ پئسا گڏ ڪندس. رات جا نَو ٿيا هئا. وين سروس بند ٿي وئي هئي. فورسيٽر تي ٻڪراپڙي بس اڏي تي آيس. ڪابه سواري نه هئي. گهڻي دير کان پوءِ، حيدرآباد کان سکر ويندڙ نائيٽ ڪوچ ۾ چڙهي. شهر جي ٻاهرِ پاس اسٽاپ تي لٿس. رات جا پوڻا ٻه ٿيا هئا. چنگچي رڪشا ڪري ڄاڻي واٽي شهر جي سئنيما چوڪ تي لهي پيس. ٺُهه سيارو. سيءُ به ڇوي، اچ نه پوان، ته ڪڍهن پوان. ويتر ڪليل چنگچيءَ ۾ اتر جي ڳگريل چوٽ هوا، لڳ ٺاري سُن ڪري ڇڏيا هئا. اڳتي وڏي لائين واري هوٽل جي وراندي ۾ چئن ڪتن جي وچ ۾ ٻرندڙ باهه جي مچ تي ويهي رهيس. هوٽل ۾ ساڳي چهل پهل هئي. پر جانوءَ جي ڪوٽ ڪري، ٻُسو ٻُسو پئي لڳو. ائين، ڄڻ ڪنوار جي سينگار ۾ ڪو ڳُهه ڪٽل هجي. باهه جي تئه ۽ چانهه جي ڪوساڻ ڪجهه سامت ۾ آندو، ته چانهه جا پئسا ڏئي، بازارن مان چڪر هڻندو، چوڪيدار جي ٿاڪ ڏانهن هلڻ لڳس. بند بازارن ۽ شهر جي گهٽين ۾ چوڪيدارن جي سيٽين ۽ ڪتن جي ڀونڪن جا آواز جاڳيا پئي.

بازار مان نڪري گهٽيءَ جي مُهڙ وٽ آيس، ته گهٽيءَ ۾ ڳُگهه اونداهي هئي. اک نه ڏسي گوڏي کي. گهٽيءَ جي وچ ۾ رڳو هڪ دڪان جو بلب ٻريو پئي، جنهن جي روشني محدود دائري ۾ هئي. ڪجهه وکون کڻي، کيسي مان موبائيل فون ڪڍي، ٽارچ ٻارڻ وارو ئي هئس، ته گهٽيءَ ۾ ڪتن جي اوچتي ٻاهوڙ تي ٽارچ ٻارڻ جو ارادو مٽائي، فون کيسي ۾ رکي ڇڏيم. ساهه جهلي بيهي ڪنائڻ لڳس. ڪتن جي ٻاهوڙ مون تي نه هئي. ان ڪري، ته بازار جا ڪتا منهنجا پراڻا شناسا هئا. انهن مان ڪيترن جا ته آئون ڄمر به سنبران. اهي مون تي ڀونڪندا ناهن. پر پڇ لوڏي پنهنجائپ ڏيکاريندا آهن. ڪتن جا به جهنگ جي جانورن، پينو فقير، ڪدڙن ۽ غندن جيان علائقا ورهايل هوندا آهن. اهي رڳو اوپري ماڻهوءَ يا سندن حد ۾ آيل نئين ڪتي تي ڀونڪندا آهن.

’اڳتي وڌي وڃان يا پوئتي موٽي ڪنهن چوڪيدار کي هڪل ڪريان؟‘ اڃان ان ٻڌتر ۾ هئس، ته بلب جي روشنيءَ ۾ ڪو ماڻهو ظاهر ٿيو. منهن تي ٻُٺ ٻڌل، بت تي لوئي ويڙهيل، هڪ هٿ ۾ سڪمي لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ شاپر هئس. هو پڪ چور هو، جيڪو ڪنهن دڪان کي ٻَرو ڏئي، سرانجامي ڪري ويو پئي. چور کي سڱ به ته ڪونه ٿيندا آهن. پنڊپهڻ ٻڌجي، جتي هئس، ڄمي ويو هئس. مون کيس ڏسي ورتو هو. پر هن شايد مون کي نه ڏٺو هو. پر مون غلط پئي سوچيو. هن کي منهنجي موجودگيءَ جو احساس ٿي ويو هو. ان کان اڳ جو آئون کو رد عمل ڏيکاريان. هو تيزيءَ سان پوئتي مُڙيو ۽ مون تي ٻه هٿڙي لٺ ورائي اُلر ڪيائين. آئون پوئتي هٽڻ بدران ٻه چار وکون ڦُرتيءَ سان اڳتي وڌي ويس. ائين ڄاڻي واڻي نه ڪيو هئم. پر منهنجي بدحواسي هئي، جنهن مون کي مٿو ڦاڙائڻ جي جوکم کان بچائي ورتو هو.

ٻئي ڇتي روشنيءَ ۾ هئاسون. آئون دڪانن اڳيان رکيل ڪاٺ جي ٻن صندلن جي وچ واري وٿيءَ ۾ بيٺو هئس. ڀڄڻ جي وٿي به ڪانه هئي. هو آسانيءَ سان مون کي لٺ سان آهوڙي، ڀڄي پئي سگهيو. پر مون تي نظر پوندي ئي، لٺ وارا ٻئي هٿ هوا ۾ اُڀا ئي رهجي ويا هئس. اونها ساهه پئي کنيائين. ’ڌڪ هڻان يا نه هڻان.‘ فيصلو نه پئي ڪري سگهيو. پڪ سان مون کي سڃاڻي ورتو هئائين. ’گدڙ ڪنهن کي سڃاڻي نه سڃاڻي، پر گدڙ کي هرڪو سڃاڻي.‘ جيان صحافيءَ کي پوليس به سڃاڻي، ته چور به سڃاڻن. منهنجو ڊپُ، اعتماد ۾ تبديل ٿيڻ لڳو هو. هن جي اکين ۾ چتائي ڏٺم. اکين ۾ چورن ۽ ڦورن واري شيطانيت نه هئس. دل ٻڌي چيم،

”بيهي ڇو رهئين جوانڙا. ڌڪُ اُلاريو اٿئي، ته وهائي ڪَڍُ.“

”جوان جا پُٽ، ڇگائي ان ۾ اٿئي، ته جتي آهين اُتي ئي بيٺو رهه. ڀڄڻو ڪرڻ يا واءِ واءِ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ.“

هن بس ايترو ڳالهايو ۽ ڪاٺ جي صندل تان شاپر هٿ ۾ کڻي تڪڙو وڃڻ لڳو ۽ گهٽيءَ مان نڪري، روڊ ڪراس ڪري، ڪالونيءَ جي اونداهين گلين ۾ گم ٿي ويو. آئون بت بڻيو کيس ويندي ڏسندو ئي رهجي ويس. نه سڏ، واڪا ڪيم، نه ئي هڪل هوڙ ڪري چوڪيدارن کي ڄاڻ ڪيم. الائجي ڪهڙي شڪتي هئي، جنهن مون کي ائين ڪرڻ کان روڪيو پئي. هو ويندي ويندي منهنجي بُت ۾ رڦٽي ۽ ٽنگن ۾ ڏڪٽي ڇڏي ويو هو.

ستُ ساهه ڇڏايل ٽنگن سان ساٽيون وکون کڻندو، چوڪيدار جي ٿاڪ تي آيس، ته ڪچهري متل هئي. روڊ سان پوليس جي موبائيل بيٺل هئي. هڪ اي، ايس، آءِ- ٻه سپاهي، ڊرائيور، ٻه سيٺيون ۽ چوڪيدار باهه جي مچ تي ويٺل هئا. چوڪيدار مچ جي ڪاٺين کي سوري ۽ چڻڱ پئي رکيو. ڪچهريءَ ۾ جانو مالشيءَ جو ذڪر پئي هليو. ويٺلن کي ڪيڪار ڏئي وٺي، باهه تي ويٺس، ته چوڪيدار ڳالهايو،

”ابا، جانوءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻُڌو اٿئي؟“

”ها چاچا، آئون به اتان ئي اچان پيو.“ مون وراڻيو.

”ڇوڪرو ڪيئن اٿس؟“ اي ايس آءِ، رسمي سوال ڪيو.

”حالت ڳڻتيءَ جوڳي اٿس. رب کي پارت آهي.“ وراڻيم.

”ها يار، غربت جا به سُورَ آهن. ويچارو ڪٿان آڻيندو علاج جا پئسا؟“ سيٺ معراج دين ڏکي اوٻاسيءَ ۾ ڳالهايو.

دل ۾ آيم، ته چئي ڏيانس، ”سيٺ، رڳو ڪپڙن کي چنڊڪو ڏين، ته به ويچاري جانوءَ جو پُٽ بچي پوي.“ پر چئي نه سگهيس. اندر ۾ اوتجي آيل ڪروڌ جا ڪارتوس، اکين جي دونالين ۾ ڀري ڏانهس ٻچان مان فائر ڪندي رڳو ايترو چيم،

”سيٺ، بس ماڻهپي جو ڪالُ آهي، نه ته جانوءَ ٻارن جا سڪيلڌا پُٽَ هوند ائين نڌڻڪا ٿي نه مرن.“

پاڻ سان پيش آيل واقعي جي ڪچهريءَ ۾ باقاعدو به
ڪانه ڪيم. متو ڳرو ڳرو پئي لڳم ۽ ڪابه ڳالهه نه پئي
وڻي. سفر جي ٿڪاوٽ جو بهانو ڪري، ڪچهريءَ کان
موڪلائي گهر اچي، سوڙ ۾ پاڻ کي ويڙهي سمهي پيس.
ٿڪاوٽ هوندي به ننڊ نه پئي آئي. چور جون اکيون ۽
منار جو چهرو، بند اکين جا ٽاڪ کولي، تارن ۾ ٽڪيا
ڪري ٽڪي پيا هئا.

صبح ساڻ موبائيل فون جي رنگ ٽون، ننڊ ۾
ڦيٿهڙو وجهي ڇڏيو. پڪي ننڊ مان اکيون مهٽي اٿيس.
گھڙيال ۾ ڏٺم. صبح جا نَو ٿيا هئا. منهنجو ڌيان منار
ڏانهن ڪڇي ويو. سڄو ڏکي ويس. 'رب منهنجا خير
ڪجانءِ.' دل ۾ چيم ۽ ڌڄندي ڌڄندي فون اسڪرين ۾
ڏٺم. صحافي دوست ذڪريا جي ڪال هئي. تڏو ساهه
کڻي ڪال اوکي ڪيم. ذڪريا ڳالهايو،
"اڃان سُتو پيو آهين ڇا؟"
"تنهنجو ڪمُ سيڙائي سُتو آهيان ڇا؟" بيزاريءَ
مان وراڻيم.
"شهر ۾ واردات ٿي آهي." هن ٻڌايو.
"ها ها، خبر اٿم." منهنجي واتان نڪري ويو.
"توکي ڪيئن خبر پئي؟" هن حيرت ظاهر ڪئي.
"توکان اڳ، ڪنهن فون ڪري ٻڌايو آهي." هڪ
ڪوڙ کي پرتي ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪوڙ هنيم.
"سيٺ سلامت جي ڇت پچي، ٽي لک روپيا ڪڍي
ويا آهن." هن مقصد واري ڳالهه ڪئي.
"ٺيڪ آهي. اڃان ٿو." مون ڳالهه ڪٽائڻ لاءِ چيو.
ننڊ ڦِٽي وئي هئي. سيٺ سلامت جي باري ۾ سوچڻ
لڳس. بندري قد تي، ٿلهو ٿنيرو ۽ پڪڙيل ٻُت. ڏاڙهي
مڇون چٽ ۽ متو ڪوڙيل. هو مون کي ڊينٽونڪ ٽوٿ
پاؤڊر جي اشتهار جو ڪارٽون لڳندو آهي. شهر جي
چڱي موچاري سٽيي پارٽي ۽ واپاري يونين جو اڳواڻ
آهي. ان ڪري شهر جي چڱهڙ ۾ ڳڻجي ٿو. نالي ۾ ته
جنس جي واپار جي پيڙهي ٿو هلائي. پر اصل ڪاروبار
وياج جو اٿس. ننين زميندارن ۽ آبادگارن کي ته قرضن ۾
ڪارو ڪري، ڏوڙي نيوڙي ڇڏيو اٿس. ڪٽل ڪاٽي ۽ نالي
۾ نهال وڏيرن کي نه رڳو ٻج، ڪلر ۽ زرعي دوائون، فصل
جي اوڌر تي ڇماهي وياج مڙهي ڏيندو آهي. پر ڪوٽ ٽُٽ
۾ ساڳئي حساب سان ڪين روڪ پئسا به ڏيندو آهي ۽
فصل لهڻ تي ٽڪو، ٽڪي تي چاڙهي اوڳاڙيندو آهي.
واهه واهه جا ٻڪيا وڏيرا، سيٺ جي پيپسي بوتل ۽ سڪٽي
ڦونداٽپ تي، سُڪي پاڪيءَ سان متو ڪوڙائي اچي گهر
پيڙا ٿيندا آهن. چيهه جو مرچوٽُ ۽ سياڻو ڪانءُ آهي.
دڪان تي پئسا رکي ئي ڪونه. پر چوندا آهن، 'الله، چور
جي به ٻڌي ٿو.' دڪان بند ڪرڻ مهل ڪيس ٽي لک روپيا
مليا هئا. هن پئسا گهر کڻي وڃڻ ۽ صبح ساجهر گهران
کڻي اچڻ جو جوکم ڪٽڻ بدران، رات جا چار پهر، ٽيبل
جي خاني ۾ رکي، تالو هڻي ڇڏيو هو.
صبح ساڻ اڃان سج ڪني به نه ڪڍي هئي. سيٺ
سلامت، ٻن ملازمن کي ساڻ ڪري دڪان تي آيو.
روزاني معمول جيان دڪان جي شٽر اڳيان بيهي،
ڪاروبار جي برڪت ۽ ترقي لاءِ چپن ۾ آيتون ۽ وظيفا
پڙهي دڪان تي شوڪاريا ۽ چاٻيون ملازم کي ڏنيون.
ملازم دڪان جا وڏا تالا کولي شٽر متي ڪنيو، ته ڇت جو
پاڻي ڦاٽل ڏسي، سيٺ جي هانءُ جو بهِ جڻ پاڻي ڦاٽي پيو.
ذري گهٽ ڊوڙندو وڃي ٽيبل تائين پهتو، ته ويتر هٽ پير
نري ويس. ٽيبل جي پئسن واري خاني جو تالو پڳل ۽
پئسا غائب هئا. ٻئي هٿ متي تي ڏئي ويهي رهيو. هن
پوليس کي اطلاع ڪرڻ کان ڊاگ سينٽر تي به فون ڪري
ڇڏي هئي. پوليس جيئن واردات واري هنڌ پهتي، ته
پنيان ڊاگ سينٽر وارا به ڪوجي ڪتي کي ساڻ ڪري اچي
پهتا. ڪتي کي ٽيبل جو خانو، ڇت جا ٽيئر ۽ رنبو
سونگهائي هٽ ڪڍيائون، ته هو گهٽيءَ مان پير
سونگهيندو هلڻ لڳو. پوليس به سرڪاري پيريءَ کي
ساڻ ڪري، پنيان پنيان پئي آئي. ڪتو پاڙي جي گهٽين
مان ٿيندو، ريل جي پٽڙيءَ سان لڳولڳ ڪچي رستي
سان هلندو، روڊ تي چڙهي، روڊ جي ڪناري سان لڳل
سائن بورڊ جي پاڇولي ۾ ويهي، ڄڀ ڪڍي سهڪڻ لڳو.
ڪتو، جڏهن اڳتي هلڻ کان پڙ ڪڍي بيٺو، ته ڊاگ سينٽر
جي اهلڪار پهرين ڪتي ۽ پوءِ سيٺ ڏانهن ڏٺو. ٻنهي جو
هانبارو پئي لڳو. اهلڪار ڌيرج سان چيو،
"سيٺ صاحب، لڳي ٿو اسان جو ڪم ختم ٿي
ويو."
"اهو مسئلي جو حل ته نه ٿيو نه؟" سيٺ ساهه جائيتا
ڪندي وراڻيو.
"ڪتو، ماڻهن جا پير سونگهيندو آهي، گاڏين جا
ٽائر نه." اهلڪار جي لهجي ۾ رڪاٽ هئي.
"ڇا مطلب؟" سيٺ موڳائپ مان سوال ڪيو.
"مطلب، ته چورُ هتان ڪنهن گاڏيءَ ۾ چڙهيو
آهي." اهلڪار وراڻيو.
"پوءِ ڇا ڪجي؟" سيٺ جي لهجي ۾ نراسائي هئي.
"اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟ چور به سياڻا ٿي ويا
آهن." اهلڪار رڪائيءَ مان وراڻيو.
هوڏانهن پوليس جو پيري جُوسبُ، ريلوي لائين جي
ڪچي رستي سان، چور جا پير آهوڙيندي، پرسان هلندڙ
ايس.ايڇ.او جي ڪن ۾ سرٻات ڪري چيو،
"سائين، پيرُ، تر جي چور جو آهي ئي ڪونه. چورُ يا
ته نَوبلُ آهي يا مور ڳو ٻاهريون."
"تون پڪ سان پيو چوين، جُوسا؟" آفيسر ڪڙڪائي
سان چيو.
"ها سائين، سورهن جا ارڙهن آنا خاطريءَ سان.
اڄڪلهه ٻاهريان چور ۽ ڦورو به ته وارداتون ڪن پيا."
جوسب اعتماد سان وراڻيو.
"ڪو، ته تَر جو به گڏ هوندس. نئين ماڻهوءَ کي شهر
جي گهٽين ۽ رستن جي ڪهڙي خبر؟" آفيسر سوال
ڪيو.
"ڪو صلاحو هجيس ته هجيس، سا خبر خدا کي.
باقي واردات ۾ گڏ ڪونهيس." پيريءَ وراڻيو.

اخباري رپورٽنگ ڪري پريس ڪلب آيس، ته صبح
جا ساڍا ڏهه ٿيا هئا. ٻن چئن ويجهن صحافي دوستن کي
ساڻ ڪري، منار جي آپريشن لاءِ شهر جي سڪين سٽابن
ماڻهن ۽ دوستن کان مدد وٺڻ لاءِ نڪتس پئي، ته جانوءَ
جي ڪال اچي وئي. مُنهن جو پنو ئي لهي ويم. انديشا ۽
وسوسا، سرير جون سريڙون بڻجي ويا هئا. ڪال اوکي
ڪري ڪن تي رکيم، ته هن ڳالهايو،
"سائين، منهنجي ٻچڙي جو آپريشن ٿي ويو آهي.
مولا جا ڪروڙين ڪرم ٿيا آهن."
"شڪر ٿيو جانو. پر اهو ٿيو ڪيئن؟" مون تڏو
ساهه کڻي وراڻيو.
"سائين، راتوڪا، منار کي ڪٺائي راجپوتانا
اسپتال آياسين. جتي فجر مهل وڏو آپريشن ڪيو اٿن."
هو ڏاڍو خوش پئي لڳو.
"منهنجو مطلب آهي ته پئسن جو بندوبست ڪيئن
ٿيو؟" مون حيرت مان پڇيو.
"سائين، الله ڇڏي ڪونه ٿو. آئون ته آسروپَلي،
روئي پٽي ويٺو هئس. پر خدا جي مدد ٿي. ڪو نيڪ
ٻانهو آيو. جنهن کي اسان جي حال تي جهڄي اچي وئي.
هن منار کي ڪٺائي راجپوتانا آندو ۽ آپريشن ۽ علاج جا
پئسا جمع ڪرائي هليو ويو." هن تفصيل سان ٻڌايو.
مون کي خدا جي نيڪ ٻانهي جي واهر کان وڌيڪ
معصوم منار کي نئين حياتي ملڻ تي خوشي پئي ٿي.
اونهو ساهه کڻي چيم،
"نيڪ آهي جانو، توکي منار جي نئين حياتي
مبارڪ هجي."
"آمين.ثم آمين سائين." هن فون بند ڪري ڇڏي.

چوريءَ جي واردات کي اٺ ڏينهن گذري ويا هئا.
هڙتالون ٿيون. احتجاج ٿيا. پر وريو ڳالهه مان ڪجهه به
ڪونه. چور کي زمين ڳهي وئي هئي. الائجي ته آسمان
کڻي ورتو هو. سياسي يوٽارن ۽ واپارين جي دٻاءَ ۾
پوليس، نه رڳو سيٺ جي ملازمن ۽ چوڪيدارن کان پڇا
ڳاڇا ڪئي. پر تر جي چورن ۽ اينڊن کي ٻڌي، ٿاڻي جا
لاڪپ ۽ بيرڪون ڀري ڇڏيون. پر نتيجو ڪوبه نه نڪتو.
شايد ان ڪري ته چور اڪيلو هو. تڏهن ئي ته ڪٿان به
ڦاٽ ڦاٽي نه سگهيو هو. تڏهن ته چوندا آهن، 'هيڪل
چوري، ڪير ڪٽوري، ٻن جي چوري، جيءَ جي جهوري.'

جانوءَ جي پٽ منار جي صحت سڌرڻ لڳي هئي.
جانوءَ کان روزانو منار جي صحت جي باري ۾ پڇندو
رهندو هئس. شام ڌاري فون ڪيم، ته جانوءَ بدران منار
اٿيندڙ ڪئي. ڏاڍو خوش هو.
"چاچا، اڪبار وارو آهين نه؟" هن معصوميت مان
چيو.
"ها پُٽَ، تون نيڪ ته آهين؟" مون پاٻوهه مان
وراڻيو.
موٽ ۾ هن معصوم لهجي ۾ جيڪو ڏوراپو ڏنو، ان
مون کي ڏوڏي ڇڏيو. چيائين،
"چاچا، تون ملڻ ڪونه آيو آهين. ايترا ڏينهن خرچي
به ڪونه ڏني اٿئي. گريب آهيون نه چاچا؟"
مون وٽ سندس معصوم ڏوراپي جو ڪوبه جواب نه
هو. لڄي ٿيندي چيم،
"ڪوڙ خرچيون پٽ، آئون سڀاڻ توسان ملڻ اچان
پيو. هاڻي ته ڪاوڙ ختم."
"ها چاچا، پوءِ ڪوڙ ڳالهيون ڪنداسين." هن کلي
وراڻيو.

ٻئي ڏينهن حيدرآباد ۾ اخبار جي گڏجاڻي رکيل
هئي. گڏجاڻيءَ مان واندو ٿي ٻاهر نڪتس، ته منجهند جا
ٻه ٿيا هئا. 'اڃان گهڻو سج آهي.' دل ۾ چيم ۽ جانوءَ کي
فون تي اچڻ جو اطلاع ڏئي رڪشا ۾ چڙهي راجپوتانا
اسپتال آيس. هو ٻاهرئين گيٽ تي بيٺو هو. وڏو پاڪر
پائي اُڪير مان مليو.
اسپتال جي پرائيوٽ ڪمري ۾ داخل ٿياسين ته
نرس، منار جي زخمن جي ڊرسنگ ڪري، ٻاهر پئي
نڪتي. منار بيڊ جي سيرانديءَ کان ويٺل ماءُ جي جوٽ

تي متو رکي سُڏڪيو پئي. ۽ امڙ سندس معصوم سُڏڪا پنهنجي جهوليءَ ۾ ميڙيندي پئي وئي. مون تي نظر پيس، ته روئڻ وسري ويس ۽ ماءُ جي جوٽ تان متو کڻي ويهي رهيو. جانوءَ جي زال مريم. مون کي ’ادا، ڀلي آئين.‘ چئي ڪيڪار ڏني ۽ بيڊ تان اُٿي وئي. مون منّار کي پاڪر ۾ ڀري ڳلن ۽ نراڙ تي چميون ڏنيون، پاڻ سان آندل فروٽ، بسڪيٽ، چاڪليٽ، جوس ۽ رانديڪن جو شاپر کيس هٿ ۾ ڏنو. ته چپن تي مُرڪ تري آيس. مون ڏانهن تورائيتن نگاهن سان ڏسڻ لڳو. سندس ڳوڙهن ڀنل ڳلڙن ۽ اکين واري معصوم مک تي تري آيل مرڪ، مون کي ڏوهن، ثواب جي ملائي ۽ رياستي تصور کان گهڻو متانهين لڳي. هو ٿڪ ڏئي مون سان ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڪجهه دير ساڻس ڪچهري ڪري، خرچيءَ جا پئسا ڏئي، ٻاهر آيس ته جانو ٻاهرئين گيٽ تائين موڪلائڻ آيو. مون سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو.

"جانو، زندگي اهڙو نصاب آهي، جيڪو امتحان وٺي، پوءِ سبق ڏيندي آهي."

هن ٿڌو ساهه کڻي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڌيرج سان وراڻيو.

"سائين، اسين ته آهيون ئي ڏيَ. ڏکن ڏاکڙن جا ڏاڍا ۽ ٻڏتڪ. زندگيءَ جو هر ڏک ۽ امتحان، اسان جي جياپي جي موهه کي چهنڊڙي هٽي جاڳائي ويندو آهي."

مون لاڳيتو سندس اکين ۾ ڏٺو پئي. سندس نهارن کي ڦلهوري ڪا وڃائجي ويل شيءِ ڳولڻ جي ڪوشش پئي ڪيم. مون کي مات ڏسي هن ٻيهر ڳالهايو.

"سائين، غريب جي زندگي ته سانداڻ جي ان برنيءَ جيان هوندي آهي، جنهن ۾ ڪرڙيون، منيون ۽ ڦِڪيون شيون، پنهنجا اصل سواد وڃائي، ڪناڻ ۾ تبديل ٿي وينديون آهن."

"جانو، توکي ياد آهي ته هڪ رات تو چيو هو ’غربت ڪچن گهرن ۽ ميرن ڦاٽل ڪپڙن مان نه پر ماڻهوءَ جي اکين مان بکندي آهي.‘-" مون سندس اکين ۾ لاڳيتو ڏسندي چيو.

"ها سائين، ياد اٿم." هن وراڻيو.

"ها جانو، اکين مان بکندڙ اها غربت، جيڪا مون کان وڃائجي وئي هئي، اڄ تنهنجي اکين ۾ ڳولي لڌي اٿم." مون چيو.

هو سمجهي نه سگهيو ۽ حيرت مان مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ اونهو ساهه کڻي چيائين.

"سائين، توهان جا ته مون تي وڏا تورا آهن. آسن، اميدن جي تند. زندگيءَ جي بيوسين جي ٻنگهرن ۾ اٽڪي چڪي پوي ها." مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي مُرڪي وراڻيو.

"جانو، ڪهڙي توري جي ڳالهه پيو ڪرين؟ تورو ته تنهنجو آهي مون تي."

"تورو. ڪهڙو تورو. سائين؟" هن حيرت مان چيو.

"اهو ته اُن رات به هتڙي لٽ وهائي ڪيئين ها، ته اڄ منّار سان گڏ آئون به اسپتال جي ڪنهن بيڊ تي هجان ها." مون وراڻيو.

هو اکيون ڦاڙي حيرت مان ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ امالڪ پيرن تي ڪري پيو. مون کيس اٿاري پاڪر ۾ ڀري چيو.

"جانو، جتي ماڻهپو مرڻ لڳندو آهي. اُتي انساني مجبوريون پنهنجا گس ۽ قانون، پاڻ جوڙينديون آهن."

سندس پريل پاڪر مان نڪري رڪشا ۾ وينس. ته ٻنهي جون اکيون ڳوڙهن هاڻيون هيون. ■

# پتڪڙيون ڪهاڻيون...



**شيام ڪمار**

## پير سُوري جي ڏکن جي ڳنڍڙي...

ڏيرا ٻگٽي کان موٽر ذريعي اٽڪل اڍائي ڪلاڪن جي مفاصلي تي هڪ متاهين جابلو ٽڪر تي پير سوري جي زيارت گاهه موجود آهي. روايت آ ته ماضي بعيد ۾ هن بزرگ وحدة الوجود ۽ وحدة الاشهود جي فڪري جنڪشن تان بولاتي ڪائي، آدم ذات کان خالي هن مقام کي الائجي ڇو پنهنجي آخري آرام گاهه بڻايو هو؟ هتي پنهنجو ليڙون ليڙون ’چولو بدلايو‘ ۽ هميشه لاءِ هن مقام ۾ سمائجي ويو.

ان زيارت گاهه هيٺان دامن ۾ بارش جي پاڻي جي ڪک مان پيدا ٿيل ’بينل‘ پاڻي جو هڪ بدبودار تلاءُ آهي. ان تلاءُ مان زائرين، سندن جانور ۽ ٻيا پکي پسون پنهنجين انواعي ضرورتن جي پورت ۾ ڪو عار محسوس ڪين ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ان پاڻي جي مٽيل رنگت ناسازگار آهي.

## خدا جو گهر...

ايسترونات جوڙو ٻن ورهين جي ڏکهي مسافري ڪانپوءِ مريخ تان موٽيو هو. ۽ انا طلسماتي پراسرار گرهه تي هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذاريو هو.

صحافين سان پنهنجي مشاهدن ۽ تجربن بابت ڳالهائيندي هنن ’مريخي مخلوق‘ جي ’ارضي مخلوق‘ سان ڀيٽ ڪندي پهرين کي وڌيڪ ترقي يافته ۽ مهذب ڄاڻائيندي ڪافي ثابتيون به هنن آڏو رکيون هيون. مريخي مخلوق ڀاران سائنسي ميدان ۾ عقل چرخ ڪندڙ ايجادن ۽ ڪوجنائن جا گهڻيئي نمونا به پيش ڪيا.

پر، هڪ ڳالهه پرولي جيان ياسي هئڻ ۽ اڻ ٽڪ جتن جي باوجود ان کي ڪين سمجهي سگهيا هئا. ايسترو نات جوڙي مطابق، ’مريخي مخلوق‘ جي عبادت گاهن جو رخ ’زمين طرف‘ آهي ۽ دعا گهرڻ وقت سندن ڇهرا، هميشه هيٺ زمين ڏانهن جهڪيل هوندا آهن.

## ايڏي بلندي ايڏي پستي...

جڏهن ڪيس هڪ وڪيل ۽ سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان ڄاتو ويندو هو ته ماڻهو ڪيس ديوتا سمان سمجهندا هئا.

جنهن ريت هن اعليٰ عدالت جي ايوان ۾ قدم رکيو هو ته جيئن تيئن ڪري، پنهنجي رفيقن ۾ هڪ چڱي انسان جو درجو ۽ سڃاڻپ حاصل ڪري ورتي.

جڏهن هو وقت جي حاڪم جي حيثيت سان ’سنگاسن‘ تي براجمان ٿيو هو، ته ڏسندڙ اکين ڪيس تيزي سان، اڳوڻين حيثيتن جي ڀيٽ ۾، اونهين پستين ڏانهن ڪرندو محسوس ڪيو.

پر، جڏهن سوبياوان شهر جي سندرتا، سگند ۽ تازگي ۽ ماحولياتي توازن جي ضامن، ورهين کان بيٺل ٿڏڙي ڇانوَ، ميوي ۽ تازي هوا ڏيندڙ شانت سياوي ’وڻن‘ جو قتلام، سنديس ’پستين‘ جي گهراين ۾ ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيو ته ’زندگي‘ متانئس پستين جا دروازا به بند ڪري ڇڏيا.

## پوپٽ، پنيوريون...

صبح جو پنير ڪي مهل مغل گارڊن ۾ معمول مطابق پسار ڪرڻ واري عادت جڻ علت بڻجندي پئي وڃي. صبح جي ٿڌڙي هير جا مڌماتا جهوتا، باک جا نرم ۽ ملائم ڪرڻا، روح گرمائيندڙ اڇيري روشني، ۽ خوش رنگ برنگي گلن جو پنهنجين تارين، شاخن ۽ وڻن تي ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي نرت، ۽ ان نرت ذريعي چوڏس ڦهلجندڙ سگند مان جڙندڙ انڊلٺ گلاب، رابيل، چنبيلي، موتيو، ٻگونيا، گينڊو، رتن جوت، ڪچنار، چمپا، ٻوگن ولا، گل مهر، متان قرمزي، نيري، پيلي، گلابي، سائي، اڇي، واڱڻائي، پوري، خاڪي، سونهري، نارنگي، ڪاري ۽ چتڪبري رنگت وارن پوپٽن، پنيورين ۽ پنورن کي لڏڪندي لهرائيندي پرڪرما ڏيندي، پنهنجي پنهنجي بي زبان ’زباني‘ سان سندن زندگي بخش عظيم عمل جي شام ۾ نرت ڪندي، مڌر سرن وارن الوهي گيتن وسيلي سندن خوشنودي ۽ رضامندي حاصل ڪرڻ بعد ساڻن ’پيار ۽ محبت‘ جي ميلاپ ۽ سنگم کي امرتا بخشڻ وارو اهو نظارو ئي ته جيون جو جوهر آهي. ان الوهي نظاري ۾ ئي ته تخليقي عمل چلڪندو پسي سگهجي ٿو.

هينئر مان محسوس ڪرڻ لڳو آهيان ته اهي ’انامر‘ پوپٽ، پنيوريون ۽ پنورا روزاني اچ وڃ ڪارڻ منهنجي ذات کان چڱي ريت باخبر ٿي ويا آهن. جو جو جنهن مهل آئون باغ ۾ داخل ٿيندو آهيان تنهن مهل انهن مان ڪوئي منهنجي ٻانهن کي هلڪڙائي سان ڇهندو. منهنجي هٿ جي پُٺِ تي بي وزن ٽپڪي ڏيندو، منهنجي ڳچي تي ’منڙي‘ جي انداز ۾ پنهنجي نرم پرن سان ڇهندو ڪنهن گل متان وڃي ويهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندن ان هلڪي، ٽپڪ، ڇهاءُ يا منيءَ سان منهنجي ٻانهن، هٿ جي پني يا ڳچي تي پيلي، نيري يا ڳاڙهي رنگت به نمايان طور نظر اچڻ لڳندي آهي. اهائي ته انهن جي زبان آهي جن اندر اڻ ڳڻيا گيت آلاپجندا رهن ٿا. انهن اندر اڻ ڏٺايل ڪهاڻيون، لافاني قصا، پريم ۽ گيان جا الوهي نڪتا پوشيده آهن.

جيڪڏهن ڪنهن انهن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو شرم ٻوٽي جيان هميشه لاءِ پنهنجو اکيون ٻوٽي ڇڏيندا. ۽ اهو دنيا جو تاريخ جو، انسانن هٿان، وڏو ظلم شمار ڪيو ويندو. ان ڪڌي ڪرتوت سان ڏاهپ، اُپج ۽ تخليق جون پاڙون ڪومائجي خشڪ ٿي وينديون.

ان ڪارڻ وينتي آهي ته توهين انهن کي ڏسو، ٻڌو ۽ ساڻن مترتا جو ناتو ڳنڍيو ته جيئن پريم جي آبياري وسيلي تخليقي عمل جاري رهي سگهي.

## سرڪش

"او متوالي حسينه، تنهنجي حسن جو جادو ايڏو سرڪش ڇو آهي؟"

"ان ڪارڻ جو ’سر‘ ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو هنڌ بچيوئي ڪونهي." ■



# پڪا لال ليار...

منظور ڪلهوڙو

ڏاڍا اڻ تہ هلون. اجايو وينا ٿا خوامخواهه هيڏانهن هوڏانهن نهاريون. هاڻي ڪير ايندو، جيڪو اسان کي مزدوريءَ تي وٺي هلندو؟"

بندر روڊ جي مزدور پڙيءَ جي فٽ پاٿ تي ويٺل الله رکئي پنهنجي پر ۾ ويٺل محمد يوسف کي چيو.

"ٽائيم گهڻو ٿيو آهي، الله رکيا؟"

"يارنهن ڪان مٿي ٿيو آهي."

"يارنهن؟" يوسف دانهن ڪندي چيو.

"ها ٻيو نہ تہ؟"

"اي، جلدي يارنهن ٿي ويا اڄ الله رکيا؟"

"جلدي ٿي ويا يار، آهين ڪو زورآور مڙس محمد يوسف. ويهي ويهي ٻنڊڻ ۾ سور پئجي ويو آهي. سڄ ولايت تي اچي پهتو آهي. اڃان ٿو چوين تہ جلد يارنهن ٿي ويا؟" الله رکيو اهو چوندي اٿي بيٺو.

"ويهہ تہ الله رکيا، مٿان ڪو اچي. من نہ من اڄ ڏهاڙي لڳي پوي."

"ڪوئي بہ نہ ايندو يوسف، ڏسين ٿو تيرنهون مهينو لڳو پيو آهي. بازار ۾ سڄ واڪا پئي ڪري. دڪاندار ڏس وينا مکيون ٽا مارين. هڪ اٺهوند ٻيو ڏسين ٿو ملڪن ۾ بجليون بند لڳيون پيون آهن. ڪاڏانهن ڪم ڪاريون ٿيندا. لڳي ٿو هاڻي ملڪ مان ڏنڌا ويا."

"پوءِ بہ الله رکيا، مٿان ڪو اڙيو ٿڙيو اچي وڃي."

"اڙيئي ٿڙيئي لاءِ تون پلي ويهہ، مان تہ هلانءِ ٿو. خير شاهہ جي درگاهہ تي، جي هلين تہ دل سان صلاح ٿي."

"رڳو مائي شاهيءَ ڪان سائيءَ جي پڙي وٽ. باقي ٽاڏل، ست مغزءِ مصري مان ٿو وٺان. پوءِ ٿا هلي خير شاهہ تي ڪوندو گهوٽيون. پاڻ بہ پيئنداسين ۽ سنگت جو هنيانءُ ٺارينداسين. ۽ جي دل چوئي تہ بہ چار سلفيون سر ڪري وڃجاءِ. ايستائين خير شاهہ تي ڪا سُک يا باس بہ اچي ويندي. پوءِ بہ چار پاٿوڙا پَٽ جا ڪائي ڏاڍي قرار سان ننڊون ڪري شام جو گهر پيڙا ٿينداسين."

"يار الله رکيا، مان انهن ڪمن مان نہ ڄاڻان، پنهنجا تہ کيسا خالي لڳا پيا آهن." يوسف پنهنجي قميص جي آڏو ۾ پاسي وارو کيسو ابتو ڪري الله رکئي کي ڏيکاريندي چيو.

"مان اڃان ٿورو وقت ويهان ٿو. مٿان ڪو الله جو ٻانهو اچي وڃي. ڏسين پاڻ ٿو ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آهن. اصل تنگي لڳي پئي آهي. ننڍڙا ننڍڙا ٻچا آهن. گهرن جا ڪيڏا نہ خرچ آهن، هڪ غربت ٻيو اٺهوند ٽيون وري گهرن جا بار. اصل ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو آهي، الله رکيا."

"چڱو يار يوسف، پاڻ تہ هلون ٿا خير شاهہ باشاهہ ڏي. هيءَ منهنجي ڪوڏر پئي اٿئي. جي ڪم تي وڃين تہ پاڻ سان ڪنيون وڃجاءِ. نہ تہ ديوان جي دڪان تي رکجاءِ. صبح جو تہ پاڻ گڏ آهيون. چڱو موڪلاڻي ناهي يوسف، ماشا مولا."

مزدور پڙيءَ جي فٽ پاٿ مزدورن ڪان خالي ٿي وئي. يوسف ڪانسواءِ هاڻي فٽ پاٿ تي ٻيو ڪو بہ مزدور ويٺل نہ هيو. اُس اڌ جسم تائين اچي ويس، ٿورو سُرڪي اڳتي ٿي ويٺو. ۽ الله رکئي جي ڪُوڏر اڳيان ڪري رکيائين. مٿي تي ويڙهيل رومال ڇوڙي منهن ۽ نرڙ تي آيل پگهر اگهيائين.

اتڻ ڪان ٿورو اڳ هڪ پيرو وري هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڦيرائي ڏٺائين.

"اُٿ هاڻي اُٿ. ڪير ايندو هاڻي؟" پنهنجو پاڻ سان ڳالهايائين.

ڪُوڏر ڪٽي رنگ واري ديوان جي دڪان اندر رکي، ڪولر مان ٿڌي پاڻيءَ جا ٻہ گلاس پيري پي ڇڏيائين.

"هاڻي ڪاڏي وڃان. گهر وڃي ڇا ڪندس؟"

دڪان مان ٻاهر نڪري پاڻ ڪان سوال ڪيائين.

پاڻ ڪي بنا جواب ڏيڻ جي ئي بند روڊ طرف نڪري پيو.

"اڄ ڏاڍي گرمي آهي هوا بہ صفا بند لڳي پئي آهي. هڪ گرمي ٻيو بجلي بند. جنريٽرن جو ڪيڏو نہ گوڙ آهي. مٿان وري چنگچين ۽ رڪشن جو شُورُ. مٿو ئي ڪائي ٿا وڃن."

"پنهنجي ڳوٺ ۾ تہ گُوڙ ئي نہ آهي. نہ رڪشن جو آواز نہ چنگچين جو شُور. ۽ نہ وري جنريٽرن جي گڙگڙ."

پاڻ سان ئي ڳالهائيندو ڳالهائيندو اچي باغ ۾ وڻ هيٺان ويهي وري پوتڙي سان پگهر اگهيائين.

"چار مهينا ٿيا آهن ڳوٺان لڏي آئي پر سڪون نہ مليو آهي. رڳو بي چيني ئي بي چيني آهي. ڪڏهن ڪم آهي تہ ڪڏهن نہ آهي. نہ ڪو مٽ نہ مائٽ. نہ ڪو دوست ساٿي. هاڻي ڪنهن سان سُورَ سلجن. شهر ۾ اچي ڏاڍو اڙيو آهيان."

پوئتي سُري وڻ کي ٽيڪ ڏئي اڃان وڌيڪ سُولُو ٿي ويٺو.

"ڳوٺ تہ وڏو سڪون هو نہ؟ اتي تہ ڪڏهن بہ بي چيني نہ ٿيندي هئي نہ. اتي تہ سدائين ڪم سان لڳو پيو هوندين هئين نہ؟ سچو ڳوٺ تنهنجو مٽ مائٽ ۽ دوست ساٿي هئا نہ، جن سان دل جا حال اوريندو هئين؟ جو هاڻي اچي شهر ۾ اڙيو آهين؟"

"..."

"ياد اٿئي مُورَ ڪان بہ سؤ اوڏارا گُهريا هيئي تہ ڪيئن نہ ٻچڙو منهن ڪري جواب ڏنو هئائين. اهو بہ تہ تنهنجي ابي جي ياءُ جو پٽ سڳو سؤٽ هيئي نہ؟ ۽ هُو تنهنجو دوست گلاب جنهن تي ساهہ ڏيندو هئين. ان کي جڏهن رونبي جي ونگار لاءِ چيو هيئي تہ ها ڪري بہ ڪونہ آيو هيئي. ۽ نہ وري اچڻ ڪان پوءِ ڪو عُذرُ پيش ڪيو هئائين. پر ياد اٿئي جڏهن شهر وڃڻ لاءِ موٽر سائيڪل گهرڻ لاءِ گهر ويو هئينس تہ چيو هئائين تہ گاڏي خراب آهي. پر شام جو پاڻ بار ڪنيون شهر ويو هو."

"..."

"اهي هئا نہ تنهنجي ڳوٺ جا مٽ مائٽ ۽ دوست ساٿي جن سان دل جا حال اوريندو هئين؟"

"..."

"اهي ننڍڙيون ڳالهيون آهن. انهن جي ڪري پيلا کي رساما ٿيندا آهن. هر ڪنهن جي ڪنهن نہ ڪنهن وقت ڪانہ ڪا مجبوري هوندي آهي."

پنهنجي اندر پيدا ٿيل سوالن جا پاڻ ئي جواب ڏيندي پاڻ کي مطمئن ڪندي باغ مان اُٿندي پاڻ مرادو رڙ ڪيائين،

"مار اڄ تہ ڏاڍي گرمي آهي."

پوتڙي سان پگهر اُگهي ريلوي اسٽيشن طرف روانو ٿيو. ٽرئفڪ جام لڳي پئي هئي. گاڏين جو شُور. هارن جا آواز. ٽرئفڪ پوليس واري سپاهي جي سيٽن جا ڪڙڪا. هُو آهستي آهستي گاڏين جي وچان ٻچيل جڳهن مان رستو ٺاهيندي روڊ جي ڪنڊ وٺي ريلوي بند تائين پهچي اسٽيشن طرف وڌڻ لڳو.

"اجايو رن جي چوڻ تي لڳي ابي ڏاڏي جي ملڪيت بہ جريب ٻنيءَ جا ۽ ڳوٺ واري جاءِ کپائي شهر هليو آيس. ٿورو تہ سوچيان هان، ايڏي تڪڙ نہ ڪيان ها. الائي ڪهڙو جادو ڪيائين جو هم نہ ڪيم تم ٻني کپائي لڏو کڻي اچي شهر لاٿم. هتي تہ زاريءَ جو جهان آهي. ڪو سنئين منهن ئي نہ ٿو ڳالهائي. هر ڪو پنهنجي وٽ پڪڙ ۾ آهي. رڳو ڀڄ ڀڄان لڳي پئي آهي. ڪير ڪنهن جو ڪونهي. وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي گڏي آهي. هتي تہ ٽڪو بہ پئسن جو نہ آهي. ۽ پاڻ وٽ تہ ٽڪو؟ بہ نہ آهي. هاڻي ڪيئن گذارو ٿيندو؟"

"..."

"چار ٻار ' امان، مان ۽ رن- ڇهہ ڀاتي ٽي ويلا ڏهاڙي. هل!! ٽي ويلا نہ تہ بہ ٻہ ويلا ئي ڪٽي، ڪٽان اچن اَٽا، چانورَ، گيهہ، لوڻَ، مرچَ، ڀاڄيون؟ اسان لاءِ تہ پٽاٽا بہ گوشت برابر ٿي پيا آهن. مٿان وري بجلي ۽ گيس جا بل. ابووؤُ."

اسٽيشن جي اليڪٽرڪ ڪولر مان گلاس پاڻيءَ جو پيري پي ڇڏيائين. پوتڙو پُسائي ۽ پوءِ نُپوڙي مٿي تي رکي پليٽ فارم نمبر 2 جي شيڊ جي آخري ڪنڊ ۾ پيل بينچ تي ويهي رهيو.

"اسٽيشن تي تہ ککڙوکو لڳي پئي آهي. رڳو سُڄُ ۽ ويراني آهي."

اوچتو هوا جو جهُوٽو اچي جسم سان ٽڪرايس. مٿي تي رکيل ٿڌي پوتڙي جي پُسي آسيس ڏئي ڇڏيس. ۽ بي ساختہ نڪري ويس، 'هاءِ هاءِ.

"..."

"اڃان ڳوٺ ويهين ها؟ شرم نہ ٿو اچئي؟ ٻُڏي مر. رئيس جي چوڻ تي قمرو جمعدار ڪيئن مقام مان تاس ڪيڏندي اچي پڪڙي پوليس پوسٽ تائين سوٽيون هڻندي هليو. سچو ڳوٺ گڏ ٿي ويو هو. پوليس پوسٽ

تي!! اگهاڙو ڪري ٿي چار سَچُو پُٽرَ وهائي ڪديا هئائين؟“

”...“

”ڇئي جُوا پيا ڪيڏو نہ؟ پاٽاريون ٽا هلايو نہ؟ وسند شاخ وٽان موٽر سائيڪل توهان مان ڪنهن ڦري؟ اڙي جُوسا سچ ٻڌاءِ، نہ تہ ڪُتي ڪُتي منهن ڌڙ هڪ ڪري ڇڏيندو سانءِ ۽ پوءِ ڪيئن نہ لٽين جو وسڪارو لائي ڏنو هئائين؟“

”...“

”پُورا ٻہ ڏينهن بي عزتو ڪري چار چار هزار وٺي خالي اچي پني تي آڳوٺا هٽائي اهو ڇئي ڇڏيو هئائين تہ وري مقام تي تاس نہ ڪيڏجو، جي نہ وري رئيس گهرائي مون کي دانهن ڏني تہ اُڦٽ ماريندو مانءِ. يا سزا ڏياري سينٽرل جيل چالان ڪرائي ڇڏيندو مانءِ.“

”...“

”اجان ٻہ ان غريب کي وينٺو ٿو رن رن چوين، جنهن روپيو روپيو گڏ ڪري اٺن هزارن ۾ پنهنجي لاءِ سُونا والا نهرايا هئا تن کي پنجن هزارن ۾ وڪٽي ٽاٽي تان آزاد ڪرايو هو توکي.“

”...“

”اهو ڳوٺ دل تان لهئي نہ ٿو جنهن ڳوٺ جو ڪارو پاٽي، نہ نالي نہ گهٽي، نہ اسڪول نہ اسپتال- اونهارو تہ ٺهيو پر سياري ۾ بہ بجلي نہ هوندي آهي. ان ڳوٺ کي وينٺو سارين؟“

”...“

”هوءَ تہ تنهنجي عزت خاطر ڳوٺ کان توسان گڏجي شهر هلي آئي. ڇا ٿي پيو جيڪڏهن ڪير نہ ٿو سُڃاڻي. آهستي آهستي اوڙي پاڙي ۾ واقفيتون ٿي پونديون. جيڪڏهن تون ڏکيو آهين تہ هوءَ پلا کهڙا ويٺي ٿي طعام ڪائي. اها بہ تہ دال، ٻصرن ۽ پٽاٽن تي ويٺي گذارو ڪري نہ؟“

”...“

”تون تہ شڪر ڪر توکي تہ پنهنجو شهر ۾ گهر آهي. اهو بہ ان جي محنت ڪري سستو ملي ويو. جيڪڏهن هُو پنهنجي ماسات کي ايلازمنٽون نہ ڪري ها تہ توکي ڪهڙي خبر هئي تہ اها جاءِ ڇهن لکن ۾ ملي ها.“

”...“

”اڄ بہ جيڪڏهن اها جاءِ کپائين تہ منافعو ملندءِ. نقصان نہ ٿيندو. ان ڏينهن بہ جاين جي دلال پريل چيو نہ، تہ هڪ سني پارٽي آهي پلو ملهہ وٺي ڏيندو مانءِ. سوچي جلدي ٻڌاءِ. تو نہ گهر ڳالهہ ڪئي نہ دلال پريل کي جواب ڏنئي. باقي ائين ڇئو نہ ڪمائڻ نٿو پڇئي... روز روز ڪير وينٺو مزدوريون ڪري، تغاريون ڪٽي. ڳوٺ ۾ تہ ٻصرن جي ڪڙهي، مٽرن جي دال تي مارو هوندو هو، نہ تہ عجيبان وارن جي لَسي ۾ جڳ پاٽيءَ جو ۽ چپٽو لوڻ جو ملائي چانورن جي مانيءَ جا بہ چلا هڙپ ڪري ويندو هئين. پر ٻارن کي ڏنو هيئي تہ ڪيئن نہ ڪڙهي ۽ دال ڪائي ڪائي بيزار ٿي بہ مجبوريءَ وچان ڪائي ويندا هئا. پر هن ويچاريءَ ڪڏهن ڪا شڪايت ڪئي تہ ڪڏهن پلجي گوشت يا مڇيءَ جو ٽڪر وٺي آءُ. سدائين صبر، شڪر ڪري ڪائي وجي رلهين ۽ ٽوپن جي ٽُوپي کي لڳي ويندي هئي. امي بہ چار سؤ روپيہ بہ جڏهن ملندا هيس تہ خوشيءَ سان تنهنجي هٿ تي رکندي هئي نہ؟ هاٽي بہ تہ هوءَ ئي گهر جو گاڏو هلائي ٿي. سڄو ڏينهن رلهيون سبڻ ۾ لڳي پئي آهي. امان جون بيگرون، گهر جو ڪم ڪار، ٻار سنيالڻ، ٽوپا ڏيڻ، هر مهيني روپيو روپيو گڏ ڪري بجليءَ جي بل جو پر وارن کي حصو ڏيڻ، گيس جو بل پيئارڻ ۽ ٻيا ڪم ڪاريون ڪير ٿو ڪري؟“ سوچن جي صحرا ۾ پٽڪندو رهيو.

”جڏهن توکي مزدوري نہ ٿي لڳي تہ اٽي جا بہ ٽئي ڪلو اٽائي اها ئي تہ ويچاري ويلا ٽاريون وجي. پوءِ بہ ان جو تو وٽ ڏُکو داخل نہ آهي؟“

اوچتو ڌڙنگ جي آواز تي يوسف شيدبہ جي ڇٽ ڏانهن نهاريو. بجلي اڇي وئي. پکو هلڻ لڳو. سندس مٿي تي رکيل رومال گرميءَ جي تپش تي سڪي چڪو هو. پکي جي گرم هوا ٿوري دير کان پوءِ چمڙي ساڙڻ لڳس. پرسان سموسا وڪٽندڙ نينگر اچي هوڪو ڏنو،

”گرم گرم، ڪوسا ۽ تازا سموسا.“

”بک بہ ڏاڍي لڳي آهي پر ڏوڪڙ تہ آهن ئي ڪونہ؟“ نينگر بيٺي پير هوڪو ڏئي واپس هليو ويو. هو ٻيهر سوچن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو.

”جمعدار قمرو رڳو مون کي تہ مار نہ ڏني. مون سان تہ گڏ عيسو، دوسو، شهبازي ۽ ڍولو بہ تہ هئا نہ. پر اهي تہ ڳوٺ ڪونہ ڇڏي ويا. اجان ويٺا تاس راند ڪيڏن.“

پلا رئيس تہ ابي ڏاڏي کان وٺي رئيس آهي نہ؟ رڳو توکي تہ نہ ٻڌرايائين نہ، توسان گڏ تہ ٻيا بہ هئا نہ؟ بس رن کي ڏائي هٿ اچي وئي. موقعو مليس ان جو فائدو وٺي مون کي ۽ امان کي برغلائي شهر وٺي آئي.“

پکي جي گرم هوا، شيدبہ جي تپش ۽ سڄ جي لاڙي ڪري اُس يوسف کي وٺڻ لڳي. بينچ تان اٿي وري بند طرف هلڻ لڳو.

شديد گرمي، سخت بک ڪري بہ ننڊ جو احساس ستائڻ لڳس. گهر طرف منزل مقرر ڪري قدم اڳتي وڌائيندو رهيو. پر گهر وڃڻ جو ارادو نہ هيس. ۽ وري پٽڪڻ شروع ڪيائين،

”هن تي الزام ڇو ٿو ڏئين؟ هن تہ شهر لڏي اچڻ لاءِ نہ چيو هو. اهو تہ تون ئي هئين جو ٽاٽي تان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ جذبات ۾ اچي پنهنجو فيصلو ٻڌايو هئي تہ هاٽي هن ڳوٺ ۾ نہ رهبو. بس سڀ ڪجهہ وڪٽي شهر هلبو. وڏيرن جي غلامي نہ ڪبي. انهن جي چوڻ تي نہ ووٽ ڏبو ۽ نہ ونگار وهبي. شهر وڃي ٻار پڙهائبا ۽ پنهنجي مرضيءَ تي ووٽ ڏبا.“

اوچتو ٿاٻو آيس. ڪرندي ڪرندي وڃي بچيو. ساڄي پير جو آڱوٺو وڃي نوڪدار پٿر سان ٽڪرايس. شدت سان سُورَ جو احساس ٿيس. آڱوٺي جو ننهن پڇي پيو. نوڙي ڏنائين، ٿوري رت بہ نڪري آيس. اڙي چمپل جي ڪَهي بہ پڇي پئي. اڳ ئي پراڻي هئي وري جو ٿاٻو آيو تہ سَٽ ئي نہ سهي سگهيائين. هاٽي ڇا ڪيان؟“

چمپل جو پادر هٿ ۾ ڪٽي، ڦاٽڪ ڪراس ڪري روڊ جي سائيڊ ۾ ڇانوري ۾ ويهي مٿي تان پوتڙو لاهي پگهر اگهي پوتڙي مان پاسي سان بہ ٽڪرا ڦاڙي هڪڙي اڳڙي آڱوٺي کي ٻڌائين. ٻي چمپل جي ڪَهي ۾ ٻڌي سوراخ مان ٽپائي هينان ڪاني ٻڌي ڳنڊ ڏئي پير ۾ پائي آهستي آهستي هلڻ شروع ڪيائين.

”سچ چو آهي وڏن تہ رنون الله رلايون، مان بہ دربدر، ٻارڙا بہ دربدر. بس ڇا ڪيان پنهنجي وڍيءَ جو ويچ نہ طبيب.“

”...“

”اجايو اچي ڇتو ٿيو آهين؟ ڇو اچي ڪل ٽڙي اٿي؟ ڇا جو دربدرَ ٿيو آهين؟ هوءَ ڪا پرائي تہ نہ آهي. تنهنجو ننگ آهي. توکان سواءِ هن جو ٻيو ڪير آهي؟ هوءَ تنهنجي ٻچڙن جي ماءُ آهي. تنهنجي گهر جي ڌياڻي آهي.“

”...“

”شهر ۾ رهڻ لاءِ تہ ڳوٺن جا ماڻهو سڪندا آهن، تون تہ خوش نصيب آهين شهر ۾ اچي وينٺو آهين. هي بجليون، اسپتالون، هوٽلون، هي باغ، اسڪول ڇاڇا نہ آهي. نہ ڪو رئيس نہ ڪو ڪمدار ڪارائو، نہ قمرو جمعدار.“

”...“

”پنهنجا ٻار ڏنا اٿئي ڪيڏا نہ خوش لڳا ٽا وتن. ڪڏهن توکي تنگ ڪيو اٿائون. ڳوٺ ۾ سڄو ڏينهن مٽيءَ ۾ پيوت لڳا وتندا هئا وڙهندا. هاٽي شهر اچڻ ڪانپوءِ اسڪول وجن ٽا. مفت ۾ ڪتاب ملين تہ ڪيڏو نہ خوش پئي ٿيا. ۽ هر هر پئي ڏيڪاريائون.“

هلندو هلندو گهاڙ واهہ جي ريگيوليٽر جي پارڪ ۾ اچي وينٺو. پوتڙو مٿن کان رکي ننڊ جو هڪ بہ سُو پُو بہ ڪري ورتو هئائين. سُورُ جهڪو ٿيو هوس. گرميءَ جي شدت بہ ختم ٿي چڪي هئي. سج لهڻ وارو هو.

پوتڙو ڇنڊي، چمپل پائي گهر طرف هلڻ جو ارادو ڪيائين. اندر ۾ آنڌمانڌ هيس. گهاڙ جي ڪڙ سان ٽڪڙا ٽڪڙا قدم ڪڻندو اڳتي وڌندو رهيو. قدم قدم سان ڪاوڙ وڌندي ويس. ڳلو ۽ چپ سُڪي ويس. وڏا وڏا ساهہ ڪڻندو گهر طرف هلندو رهيو.

”اڄ وڃي لاهي پادر وٺانس ٿو. جي نہ گوڙ ڪيائين تہ وٽواد کي وٺي وڃي ڪمري ۾ چڱي پلي ڦيهہ ٿو ڪيانس. اهڙي سيڪت ٿو ڏيانس جو سڄو سال ياد رکندي. چوانس ٿو اسان کي شهر ۾ ناهي رهڻو. سپاٽي ئي پريل دلال کي چئي جاءِ مُور ۾ کپائي ڳوٺ ٿو ٽپڙ کڻان. پر ڳوٺ ۾ تہ رهڻ لاءِ جاءِ ئي ڪونهي؟“

اوچتو پاڻ کان سوال ڪيائين.

”ابو، ادو وڏو بہ جاءِ کپائي ساهرن جي ڳوٺ هليو ويو. جي اهو نہ کپائي ها تہ ان جي ئي جاءِ ۾ وڃي ويهان هان. پر اهو تہ مون کان بہ اڳ کپائي ويو. بس ڳوٺ جي جاءِ نہ کپايان ها تہ اڄ ايڏو ڏکيو نہ ٿيان هان.“

ٽڪڙو ٽڪڙو گهر اندر داخل ٿيو. ٻارڙا راند ۾ مشغول هئا. ماءُ کي پکي اڳيان ٻاهر اڱڻ ۾ سُتل ڏٺائين. زال کي رلهين جي ڪاتر ڪتريندي ڏٺائين. اڱڻ ۾ پيل ٻين ڪٽن تي بہ رلهيون وڇايل هيون. هڪ ڪٽ تان ڪاوڙ مان تيزيءَ سان رلهي هٽائي واڻ تي اچي وينٺو.

”اڄ پلا ڏاڍي دير ڪيئي؟“ پاڻيءَ جو گلاس زال آڏو رکندي ڳالهائڻ لڳس.

”اڄ اسان توکي ڏاڍو ساريو آ، ڪيئن امان، اڄ هن کي ڏاڍو ساريو آ نہ؟“ جوٽس سس ڏانهن منهن ڪري ڳالهائي کلي ويٺي.

”ها يوسف، اڄ توکي اسان ڏاڍو ساريو. پر جيترو توکي ساريو اوترو تون دير آيو آهين؟“

”پاڻي تہ پيءُ.“ زال چيس.

پاڻيءَ جو گلاس کڻي پيئندي چيائين، ”اڄ بہ ڪم

نہ لڳو.“

”خير آ، پر ڪم تي بہ نہ هئين تہ پوءِ ايترو وقت ڪاٿي هئين؟“ وري زال ڳالهايس.

ڪو بہ جواب نہ ڏنائين.

”تو تہ ماني بہ نہ ڪاڌي هوندي. چڱو تون هٿ منهن ڌوءِ تہ مان تو لاءِ اندران ماني ڪٽي ٿي اچان.“

”ڇا جو گوڙ لاتو اٿؤ... بس ڪري ويهو نہ ٿا. مٿو ئي کائي ويا آهيو. ڪڏهن تہ چپ ڪري ويهندا ڪريو.“ ٻارن کي دڙڪو ڏنائين.

”ڇو ٿو چوينَ، ننڍ مان اتي اسڪول جو ڪم ڪري هاڻي تہ ڪيڏڻ لڳا آهن.“ ماءُ يوسف کي ٽوڪيندين چيو.

”تو هٿ منهن نہ ڌوتو.“ زال ماني آڻي اڳيان رکيس.

”اي هي ڇا ٿيو اٿئي پير جي آڱوٺي تي؟ پٽي ويڙهيل ڏسندي زال پڇيس.

”ٺابو اچي ويو رستي تي، ٿورو ننهن پٽجي پيو آهي.“

”چڱو تون هٿ وڏاءِ، هٿ منهن ڌوءِ، ماني کاءُ تہ تو کي خوشخبري ٻڌايون.“ زال ڪٽ تي ويٺي پاڻيءَ جو جڳ وڏائيندي هٿ منهن ڌورايس.

يوسف پوتڙو ڪٽي هٿ، منهن اگهڻ لڳو تہ جوٽس پنهنجي صاف پوتي وڏائيندي ڏيندي چيائين، ”رومال سان نہ اگهہ، ميرو آ، پگهر هاڻو هوندو. منهنجي پوتيءَ سان اُگهہ. هيءُ صفا صاف آهي.“

هٿ منهن اگهي چيائين، ”ڪهڙي خوشخبري آهي، امان؟“

”تون ماني تہ کاءُ.“ جوٽس گرهہ ٺاهي وات ۾ وڌس.

”ٻڌايو ڇو نٿا؟“ ڪاوڙ مان چيائين.

”امان ٻڌائينس ڪٽي.“ سسٽس جوٽس کي مشڪندي چيو.

”هي سامهون ماڙيءَ وارو گهر آ نہ؟“

”ها.“

”ان گهر واري مائيءَ کي مون پنج رلهيون سِبي ڏنيون، ان کي ڏاڍيون وڻيون. ان جي ڌيءَ جي شادي آهي، ان کي ڏاج ۾ ڏيڻيون اٿس. اڳ اسان جي گهر آئي هئي تہ تنهنجي نوڪريءَ چيو هيو مانس تہ چيو هئائين تہ منهنجو مڙس پيٽرول پمپ تي مينيجر آهي، ان کي ضرور چونديس. اڄ اسان جي گهر آئي هئي رلهين جا پئسا ڏيڻ. مان تہ اٺ اٺ سؤ هڪ هڪ رلهيءَ جا چيا هئامانس، پر اڄ هزار هزار هڪ هڪ رلهي جو ڏئي پورا پنج هزار ڏئي وئي آهي. ۽ تنهنجي نوڪريءَ جي خوشخبري بہ ڏنائين تہ سڀاڻي پنهنجي مڙس کي پيٽرول پمپ تي موڪل. هيلپر جو ڪم ڪرڻو پوندس. ٻارنهن هزار مهيني جي پگهار ملندس. چوويهہ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندس. ۽ چويهہ ڪلاڪ موڪل هوندس.“

”سچ ٿي چوين؟“ يوسف ٻهڪندي چيو.

”ها ها سچ ٿي چوانءِ. يقين نٿو اچئي تہ امان کان پڇي ڏس.“

”هان هي پنج هزار بہ وٺ.“ جوٽس پنج هزار هٿن ۾ ڏيندي چيس.

”ٻهريان پنهنجي لاءِ چمپل وٺ، پوءِ پنهنجي سيرب ڪراءِ ۽ وار بہ ٺهراءِ. پوءِ وڃي چانورَ، اٽو ۽ گيهہ ٻڌو وٺي آ، روز روز وٺڻ سٺو نٿو لڳي.“

”...“

”باقي سڀاڻي لاءِ مان پر وارن کان استري گهرائي تنهنجا ڪپڙا استري ڪري رکيا اٿم.“

”جوسف، او جوسف.“ ٻاهران دروازي وڄڻ سان ڪڙو بہ وڳو.

”ادا يوسف، توهان تہ جواب نہ ڏنو، ان ڪري اڄ پاڻ هليو آيم. توسان ڳالهائڻو آهي. بس ڳالهائڻو ڇا آهي، توهان لاءِ خوشخبري آهي.“

”چڱو پائو پريل پريان اوطاق واري پاسي ڏانهن ڦري آءُ.“

يوسف گهر آيو. خوش ٿيندي زال کي چيائين، ”جاين وارو دلال پريل آيو آهي. چوي ٿو توهان لاءِ خوشخبري آهي.“

”يوسف ڇهن لکن ۾ توهان کي هيءَ جڳهہ وٺي ڏني هيم. هاڻي يارنهن لک وٺي ٿو ڏيانوَ. پارٽي مون وٽ پئسا ڪنيون ويٺي آهي. توهان جي لڳ جيڪا جاءِ آهي نہ ان جو سالو آهي. بابا پٽيو و ۽ سالو گڏ ويهڻ چاهين ٿا. بس ايئن سمجهہ گهٽي پنهنجي ڪرڻ پيا چاهين. توهان جو بخت پيو کلي. پراپرٽي جا ريٽ وڌيا آهن. پر ايترا بہ نہ هڪ تہ جاءِ تنهنجي سر ۾ آهي. ٻيو انهن کي گهربل آهي. ٿيون مان بہ توهان جي طرفان وسان نہ گهٽايو آهي.

اهو بہ ٻڌي ڇڏ تون پلو ماڻهو آهين. غريب آهين. اشراف آهين. ٻچڙيوال آهين. تو کي پنهنجي پاڙي مان ٻاهر بہ نہ ڪڍبو. ان ڪري هن ئي پاڙي ۾ چار گهٽيون اڳتي هن جاءِ کان ايراضيءَ ۾ وڏي ٽن ڪمرن، ورانڊي سميت پڪي جاءِ وٺي ٿو ڏيانءِ. اڄ ئي ها ڪر تہ هن جاءِ جو سودو ڪيون تہ هُن جاءِ جو بہ سودو ڪيون.“

يوسف جو وات پٽجي ويو. زبان مان لفظ نہ پئي نڪتس. اڪيون پريل جي ڇهري ۾ ڪتل هيس پر خيال وَس ۾ نہ هيس.

”هن جاءِ کان بہ وڏي جاءِ؟ پوءِ بہ چار لکن جي بچت... اها بہ ڇئين مهينن ۾... ان پئيسن مان هڪ چنگچي وٺان ۽ ٿي مينهون بہ وٺان. ادي وڏي کي بہ هن شهر ۾ وٺي اچان. اهو ويچارو بہ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪلهہ رات هوءَ بہ ايئن پئي چوي تہ پئسا گڏ ٿين تہ تون چنگچي وٺ ۽ وري محنت، پورهيو پال ڪري هڪ بہ مينهن وٺون تہ گذر سفر ڏاڍو سٺو ٿيندو. هوءَ ويچاري بہ منهنجي لاءِ ڏاڍو پريشان رهي ٿي.“

”ادا يوسف، ڇا پيا سوچيو؟ بابا مان توهان کان ٻنهي سودن ۾ ڪميشن نہ وٺندس. توهان فڪر نہ ڪريو. باقي ٻنهي پارٽين سان مان ڊِن ڪيو آهي. منهنجي گنج روزي ٿي پوندي. توهان اصل ڪو الڪو نہ ڪريو. پريل مان توهان کي ڪڏهن بہ نقصان نہ پهچندو.“

”پائو پريل، اوهان ويهو تہ مان گهران ٻارن سان صلاح ڪري اچان.“

”سائين، ڀلي ڪري اچو. پر ڏسجو ڀاڄائي وڏي سياڻي، ڀلي بخت واري ۽ سندري آهي. ياد آهي توهان کي توهان هيءَ جاءِ نہ پيا وٺو. ڀاڄائي اوهان کي اسرار ڪيو تہ هيءَ جاءِ وٺو. اڄ ڏسو توهان کي لکن جو فائدو پيو ٿئي. اهو سڀ ڀاڄائي جي سُٺي سوچ جو نتيجو آهي. ڀلي وڃو صلاح ڪري اچو. جي ها ٿئي تہ فون ڪري پارٽيءَ کي هتي گهرايان تہ ٽوڪن وٺي اڳئين جاءِ جي مالڪ سان روبرو سودو طئي ڪري اچئون.“

”ڇا چيوَ پائو پريل سندري؟“

”ادا يوسف، سندري معنيٰ سهڻي زال، سگهڙ زال، يار يوسف منهنجي زال بہ سندري اٿي. مان ان جي ڏاڍي عزت ۽ قدر ڪندو آهيان. هر فيصلي کان اڳ ان جي صلاح وٺي پوءِ ڪو ڪم ڪندو آهيان. بابا يوسف جيون ساٿي ئي گڏجي درست فيصلا ڪندا آهن. هاڻي زمانو بدلجي ويو آهي. جي ان سان گڏ نہ هلنداسين تہ پٺتي رهجي ويندا سين.“

”سچ پيا چئو پائو پريل، سندري.“

يوسف گهر اندر آيو. جوٽس مشڪي رهي هئي.

”ٻڌ، پوءِ ڇا ٿي چوين؟“ يوسف نماڻائي سان ڳالهائيندي پڇيس ۽ پنهنجي اندر ۾ شرمندگي محسوس ڪندي نظرون جهڪائي ڇڏيائين. ماٺڪيون اکيون ٿي ويس. ساڳئي وقت دل ئي دل ۾ شڪر ادا ڪيائين تہ اندر جو ڪروڌ زبان تي نہ آيو نہ تہ وڏي ذلالت کي منهن ڏيڻو پوي ها.

”پوءِ ڇيئي ٿي چوين. منهنجي سندري؟“ يوسف خوشيءَ مان ٻهڪندي چيو.

”ڇا چئي سندري، اها وري ڪير آهي؟“ جوٽس شرارت ڪندي پڇيس.

”ڪير وري ڪير؟“

”پوءِ بہ؟“ وري بہ شرارتي انداز سان پڇيائينس،

”رات اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي منهن سان ٻڌائيندو مانءِ...“ يوسف بہ ان ئي انداز ۾ خوش ٿيندي جواب ڏنس.

اکيون روشن ٿي پيس. چهرو ٻهڪي پيس. چپن تي مرڪ ڦهلجي ويس. مستيءَ وچان چيائين، ”ڇا؟“

”اڙي اهوئي تہ تون منهنجي سندري آهين. اڄ کانپوءِ تنهنجو نالو سندري آهي.“

پوءِ ڇا ٿي چوين پريل سان ها ڪيان يا نہ؟“

”نيڪي ۽ پوڇ پوڇ؟ ليار پڇڻ جي منڊ موٽي آئي آهي. آيل ڀاڳ کي لَت ٿورو ئي هڻبي؟“ ■

## غزل



### عابد سيوهاڻي

ڪجهہ دل جي ڪٿائن ۾ هو درد لڪي ويٺو
ڪجهہ تنهنجي پڇائن ۾ هو درد لڪي ويٺو
ڪجهہ ڏوهہ دل ڪيو هو جو پاڻ وئي وڪامي
ڪجهہ تنهنجي جفائن ۾ هو درد لڪي ويٺو
ڪجهہ زندگي رواجن رسمن جي وَر چڙهي وئي
ڪجهہ تنهنجي سزائن ۾ هو درد لڪي ويٺو
ڪجهہ درد هوندورو جنهن روح پيڙيو منهنجو
ڪجهہ تنهنجي ادائن ۾ هو درد لڪي ويٺو
ڪاڪا نہ ملي ورندي تڙپان لُڇان پُڇان پيو
ڪجهہ منهنجي صدائن ۾ هو درد لڪي ويٺو.

# ٻہ ڪهاڻيون...



انور شيخ

## صوبيدار سوايو خان سروٽو...

صوبيدار سوايو خان سروٽو ضلعي جي نااليوارن آفيسرن مان هڪ هو. ماڻهو هن جي گاڏيءَ کي ڏسي رستو ڇڏي لکي پوندا هئا. چورن ۽ پاٽاريدار وڏيرن سان ياريون، باقي مسڪين ماڻهن مٿان مارو ڇڻ هن جي زندگيءَ جا اصول ۽ آدرش هئا. جنهن جي بہ مٿي ۾ لڳو تہ سروٽي جيان نڪاءُ ڪري لڳندس اصل مٿو ڦاڙي وجهندس، تنهنڪري ئي علائقي ۾ صوبيدار سروٽي طور مشهور هيو. پر جيڏو ٻاهر صوبيدار سروٽي جو نالو هو وري اوترو ئي گهر ۾ ڪانئر ڪردار هيس، پاڻ ئي پنهنجي سر پٽڪندو هو

”هڪ ڊي. آءِ. جي ٻن ايس. پن سان منهن ڏيڻ سولو پر هڪ زال جي سامهون چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي“

الله جي پناهہ صوبيدار صاحب جي پاڻ سروٽو هو تہ جوڙس بہ وري ڪنهن بٺي جي پختي پڪل پوري سِرَ هئي. صوبيدار گهر ۾ گهرندو تہ ابداڻن تائين تلاشيون وٺندس نہ ڇڏيندس ڪو ڪيسي ۾ رپيو جو ڪا ٻيڙي وٺي دڪائي درد جا دونهان ڪڍي، گاريون تہ ٿوري ڳالهہ آ پر ڪڏهن ڪڏهن منهن تي ٻجا بہ گهرڙي ڏيندي هئس، ڇني ڇهہ ماهي جيڪڏهن ويجهو بہ اچڻ ڏيس تہ سمورو وقت تارا ڦوٽاريندي رهندي هئس. صوبيدار سروٽو خان زال سان رهندي ڏاڍو ڏکيو هو سدائين پيو پنهنجي سهري مرحوم ايس. ايڇ. او جانڻ خان کي بدعائون ڏيندو رهندو هيو جنهن ڪيس هن جنڙيءَ سان ڦاسايو هيو. صوبيدار سروٽو خان جڏهن نئدو صوبيدار ٿيو تہ پنهنجي همذات مائٽ ايس. ايڇ. او جانڻ خان ڪيس ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ جي آڇ ڪئي جيڪا سوائي خان قبول ڪئي هئي. جانڻ خان بہ ساڳئي ٿاڻي تي ايس. ايڇ. او هيو جتي سوايو خان اي. ايس. آءِ ٿيو هو. شاديءَ جي ڪجهہ سالن ڪان پوءِ جانڻ خان تہ وڃي مَٽين مٿين ۾ جائيتو ٿيو پر سورن ۾ سوگهو وڃي ٿيو صوبيدار سوايو خان سروٽو. سوايو خان زال کي طلاق بہ نہ پيو ڏئي سگهي ڇو تہ شاديءَ جي لکيل اسٽامپ پيپر مطابق طلاق جي صورت ۾ ڪيس ايترا پيسا ڏيڻا پيا پون جيڪي هن وٽ ايندڙ ڏهن سالن ۾ بہ اچڻ مشڪل هئا. صوبيدار وڏي مشڪل ۾ ڦاٿل هيو بہ ٽي دفعا گهمڻ جي بهاني زال کي پشاور ۽ ڪوئٽہ بہ وٺي ويو ۽ اتي ڪيس بازار ۾ اڪيلو شاپنگ جي بهاني ڇڏي ڏيندو هيو ان نيت ۽ اميد سان تہ ڪٿي ڪوئي بم آڇپي جون عنايتون ڪندو پر سدائين سروٽو خان خرچ ڪري مايوس ٿي موٽندو هو. غريب ماڻهن کي وڏيرن جي چوڻ تي ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائيندڙ رستي ويندڙ ماڻهن جون وڏيون مڇون پٽيندڙ ۽ ٽوپيون لاهيندڙ صوبيدار سروٽو خان

هڪ ڏينهن حسب معمول صبح جو زال ڪان جُتِ ڪرائي جيئن ئي ٿاڻي تي اچي پهتو تہ اُتي هڪ اچي چادر اوڙهيل عمر رسيده عورت جنهن جي چهري جي حرمت داغدار هئي تنهن روئيندي چادر لاهي سروٽي خان جي پيرن تي ڦٽي ڪئي، سروٽو خان جيڪو اڳ ۾ ئي گهران باهہ ٿيو آيو هو سو ويتر وڏي مچ ٿي ويو ڪاوڙ مان عورت کي چيائين

”صبح ئي صبح ڪهڙو پندڻ لاٿو اٿئي مائي“

ڪراڙي عورت ڪيس چيو،

”ابا منهنجي نوجوان ڌيءَ جيڪا پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهائيندي آهي ان کي رات سردار پلي ڏنو نشي جي حالت ۾ اسان جي گهر گهڙي ڪٽي ويو آهي ۽ وڃي پنهنجي اوطاق ۾ رهايو اٿائينس، تنهن وقت ڪان وٺي مان هت ٿاڻي تي ٻاڏائي رهي آهيان پر تنهنجو اسٽاف ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي“

سروٽي خان جي مٿي ۾ ڪراڙي عورت جي ڌانهن جو سروٽو نڪاءُ ڪري اچي لڳو، سروٽي خان جو آرڊر بہ سردار پلي ڏني انهيءَ ٿاڻي تي ڪرايو هو پر صوبيدار سروٽو سوچڻ لڳو ”ٻيون ڳالهيون تہ پيا برداشت ڪندا رهندا آهيون پر ٻيلي منهنجي حد مان سردار پلي ڏنو نياڻيون ڪٽائي وڃي ريپ ڪري اهڙي بيغرتائي برداشت ڪونہ ڪبي“ صوبيدار سروٽي خان ڪي الاءِ ڇاٽي ويو جو سموري نفري تيار ڪرائي وڃي در پڳائين سردار جي اوطاق جو، سردار نشي ۾ اڌ اگهاڙو بيڊ تي سمهيو پيو هو نوجوان ڇوڪري بيڊ جي ڪنڊ وٽ منهن لڪائي روئي رهي هئي. هم نہ تم سوائي خان سردار جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ڪيس گهليندو ٿاڻي تي وٺي آيو ۽ اچي ڪيس لاڪپ ڪيائين، نوجوان نياڻيءَ کي سپاهي ساڻ ڪري آيا وڏي منشيءَ ڪان FIR بڪ وٺي اتي جو اتي سردار تي اغوا ۽ ريپ ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيائين ڳوٺ جا ماڻهو جيڪي سردار جا تپايل هئا پر پئو ۽ قانون جو ڪردار نہ هئڻ ڪري خاموش هئا سي سروٽي خان جي اهڙي سورهيائي تي اندر ئي اندر ۾ سرها ٿيا. ظاهري طرح ڪجهہ سردار جي حمايتي ماڻهن هُل ڪيو پر سروٽي خان جي گرجدار آواز ۽ اکين جو تاءُ نہ سهي سگهيا سروٽو خان ڪاروائي ڪري گهر پهتو تہ اها خبر سندس گهر تائين بہ پهچي چڪي هئي. زال سامهون صندل تي ويٺي هئس تنهن کي بہ ساڳين اکين سان جو ڏٺائين تہ اها بہ دهلجي وئي، سوايو خان وڃي بيڊ تي ستو جوڙس هونءَ جيڪا گارين ۽ ڪروڌ سان استقبال ڪندي هيس سا خاموشيءَ سان اچي پر ۾ ويٺس، ڪجهہ دير سوائي خان جي اکين ۾ نهاريندي رهي ۽ پوءِ سوائي خان جي سيني ۽ منهن تي چميون ڏيڻ لڳي، پيار ۽ پاٻوهہ جو درياهہ هو جيڪو سوائي خان جي مٿان چوليون هڻي رهيو هو. اهڙو پيار هن کي ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿيو هو، جوڙس ڪيس اکين ۾ ڏسندي چيس

”سوايا خان مان مرد ۾ غيرت، حياءُ ۽ مردانگي ڏسڻ چاهيندي هيس پر بدقسمتيءَ سان اها مان پيڪاڻي گهر ۾ رهندي نہ ابي جي اکين ۾ ڏٺي نہ ئي تو سان شادي ڪان پوءِ تو ۾ ڏٺي. تو ڪان ورتل پئسن مان خدا ٿو ڄاڻي مان ڪڏهن بہ عياشي ڪونہ ڪئي پر غريبن ڪان ڪسيل پئسا غريبن ۾ ئي ورهائيندي هيس، سدائين تو تي ڪاوڙيل رهندي هيس ڇو جو تنهنجي اکين ۾ غيرت نہ ڏسي تو تي غصو ايندو هيو. پر اڄ جڏهن تنهنجي ڪارنامي جي خبر مون تائين پهتي تہ ان خبر منهنجي ساهہ کي نئون ويساهہ ڏنو ۽ اڄ تنهنجي اکين ۾ غيرت ۽ مڙسيءَ جا انبار ڏسي مون کي تون ڏاڍو ٿو وڻين اڄ تون مون کي پنهنجو پهريون دفعو مڙس ٿو لڳين“.

## نڙيءَ ۾ ڦاٿل رُڪا چانور...

گرمين جي مند ۾ جاءِ جو ڪم شروع ڪرائي ويٺو هيس، اوساري تہ ٺيڪي تي ڏني هيم پر پوءِ بہ ڪاريگرن تي ڪهڙو اعتبار سيمينٽ جو ريشو، پٽين جي ليول، ڪم جو سڄو معيار پاڻ نہ بيهو تہ اهڙو ٺوروئي ٿو ٿئي. ٺيڪيدار جو تہ زور رڳو اوستن تي ماپ ڪرائڻ لاءِ هوندو آهي. منهنجي جاءِ جوڙيندڙ ٺيڪيدار پاڻ بہ مستري هيو. تنهنڪري اهي سڀ گُرَ ڄاڻي پيو جنهن سان مزدورن ڪان تيزيءَ سان ڪم وٺي سگهي. جون مهيني جي لڳ ساڙيندڙ اُس ۾ ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ مزدور منهنجي گهر جي ٻي ماڙ جوڙڻ ۾ مسترن جي حڪمن تي مشيني انداز ۾ پورهيو ڪري رهيا هئا. اڌڙوٽ عمر جو سائينداد مَسالو ٺاهڻ تي مقرر هيو، ريتيءَ ۾ سيمينٽ ملائي پاڻي وجهي بيلچي سان ايئن گڏائي رهيو هو ڄڻ هو پنهنجي مقدر جي مڏي ميڙي رهيو هجي. سخت محنت مزدوري ڪرڻ هن جي مقدر جي ڪل مڏي ئي تہ هئي، تن تي ميري ڦاٽل گنجي، گوڏن تائين انگوشو ٻڌل، سڪل پر مضبوط ٻانهون، منهن تي هلڪي ڏاڙهي، اندر پيهجي ويل اکيون ديد ۽ ڌيان رڳو ڪم ۾ منجهند جو مانيءَ جي وقفي مهل سوٽي ڪپڙي ۾ ويڙهيل بہ ڊگڙيون ۽ بصر ڪڍي جڏهن سائينداد ٻين مزدورن جي پر ۾ ماني ڪائي رهيو هو ۽ مان پٽ جي چانوَ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي دل ئي دل ۾ اڄوڪي هن مهل تائين ٿيل ڪم جو حساب ڪتاب ڪري رهيو هيس تہ سائينداد مانيءَ جو آخري ٽڪر هٿ ۾ جهليل منهنجي پر ۾ اچي بيٺو ۽ مون کي چيائين،

”سائين هيٺ جيڪا ريتي پئي آهي اُها توهان مٿي کڻائيندئو ؟“

مون ڪيس چيو، ”ها“

تہ وري اميد ڀريل اکيون منهنجي اکين سان ملائيندي مون کي چيائين

”سائين توهان مستري منظور کي چئو تہ اها ڍوئائي مون ڏي، مان ڪم ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ڍوئيندس.“

مون ڪيس ها ڪئي ۽ مستري منظور جيڪو پريان چانوَ ۾ ڪٽ تي ويٺو ماچس جي تيليءَ سان ڏند ڪوٽيندي هوٽل جي بيري کي ڪٽي آيل چانهن ڪوپن ۾ وجهندي ڏسي رهيو هو تنهن کي مون چيو

”ٺيڪيدار صاحب! سائينداد کي ڍوئائي ڏيو تہ پلي اوور ٽائيم ڪري“

مستري منظور منهنجي جاءِ جي اوساري جو ٺيڪيدار بہ هيو، تنهن هلڪي منهن تي ناراضگي

آٽيندي چانهن جو ڪوپ هٿ ۾ ڪٽندي چيو
”پلي سائين مالڪ آهيو“

شام جو سڀ مزدور پنهنجي مزدوري وٺي روانا ٿي ويا. سائينداد تغاري ۾ ريتي هيٺان ڪٽي مٿي ڇت تي رکي رهيو هو. مستري منظور ۽ مان جاءِ جي متعلق صلاح مشورا ڪري رهيا هئاسون سائينداد جنهن اڄ سڄو ڏينهن مزدوري ڪئي هئي سو پريل ريتيءَ جي تغاري مٿي تي کڻي ڏاڪڻ چڙهي لهي رهيو هو تنهنجي ڪم جي رفتار سست ڏسي مستري منظور کي جَڪَ اچي رهيا هئا. هڪ اڌ دفعو ته منهنجي ڪري پنهنجي ڪاوڙ لڪائي ويو پر ڪانس رهيو نه ٿيو ۽ غصي ۾ اچي چيائينس
”ڪُتي جا پٽ ساهه نه اٿئي ته ڪم ڇو ڪنيُئي“

مستري جو ايترو چوڻ سائينداد ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو تغاري کي جو لَمُ ڏنائين تغاري ڇت تي ڪلابازيون ڪائيندي وڃي پٽ سان لڳي. اڪيون ڪيندي مستري منظور کي چيائين
”مستري لفظ نه ڪَڍُ. مان ماڻهو آهيان ۽ ماڻهوءَ جو پٽ آهيان“

ايئن چئي ڪم ڇڏي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو مشڪل سان ٻه ٽي ڏاڪا هيٺ لٿو هوندو ته وري انتهائي تيزيءَ سان مٿي آيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو پٽ جي پرسان پيل تغاري کڻي هيٺ لهي ويو ۽ وري ريتيءَ کي ڍوئڻ شروع ڪيائين. اسان ٻئي سندس اهڙي متضاد رويي تي حيران ٿي وياسين مستري منظور چپ ڪري هليو ويو. مان سگريٽ دکائي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. رات جا ڪارا پاڇا ڌرتيءَ کي وڪوڙي چڪا هئا. سائينداد ڪم ختم ڪري مون وٽ پئسا گهرڻ آيو مان ڪيس ٻولاليل پئسا ڏنا ۽ پڇيو مانس
”سائينداد! مستري منظور جي گار تي غصو ڪَيُءِ ۽ ڪم ڇڏي روانو ٿئين، وري جلدي ۾ ڇو موٽئين؟“

اڪين ۾ پاڻي پرجي آيس، ڇت جي فرش تي ويهندي ڳالهائيندي آواز ڀورو ٿي ويس چيائين.
”سائين روز منهنجي ڌيءَ مون کي چوندي آهي بابا اسان انب ڪڏهن کائينداسين. روز رات جو رُڪا چانور هاٽي نڙي مان نه ٿا لهن. ته مان ڪيس چوندو هيس جيڪا مزوري لڳي ٿي تنهن مان ته رُڪا چانور ۽ رُڪي ماني ئي ڪائي سگهون ٿا ڌيءَ. انبن جي عياشي اسان جي قسمت ۾ ڪاٿي. پر توسان واعدو آهي جڏهن ٻه وڌيڪ مزدوري ملي تو ڪي انبَ ضرور ڪارائيندس. اڄ هيءَ مزدوري ڌيءَ جي انبن لاءِ ڪئي هيم انهن انبن ئي مون کي موٽايو سائين.“ ■

**(هن ڪهاڻي جي پڇاڙي فني سببن جي ڪري گذريل پرچي ۾ رهجي وئي. معذرت سان ٻيهر شايع ڪري رهيا آهيون - ايڊيٽر)**



## پرويز کي جنم ڏينهن جون واڌايون

مشهور روماني
ڪهاڻيڪار ۽ سوجهرو
ساٿي پرويز کي سالگره
جو واڌيون.

-ادارو

# مير حاجن مير جا بيت



هڪڙي ڳڻتي قوم جي، تنهنجا ڏک ٻيا
ڪاٽي سک مليا، پنهنجي جيون کي پرين

ڳاڙها گُل چُٽي، تو لئه آندا مون
شال قبولين تون، تحفو منهنجو سانوري

ڇو ٿو وڙهي پاڻ ۾، اڄ جو هي انسان
چنڊ پشيمان، آهي انهي ڳالهه تي

سچا سناسي، جوڳي منهنجي جوءِ جا
پٽائي جي پونءِ جا، ڪوڙا ڪڏهين ڪين ٿيا

گوريءَ چيلهه مٿان، مٽ هو پاڻيءَ جو
نيڻ ڪولهياڻي جا، چمڪيا پئي چنڊ جيان

هو جو هڪ صدي، بيٺل رهيو وڻ
گوريلن جو ڏڻ، ڏنئي پنهنجي ديس کي

لهي سج ويو، ڪلهي ۾ ٿيلهو
سيوهڻ جو ميلو، آءٌ اڪيلو لوڪ ۾

ڇتين منجهه ڇتيون، ٽاڪي روز پئي
وڃي ويهه لڳيون، چولي ڦاٽل کي

ڪچو منهنجو گهر، ٻاهر تيز طوفان
ڪاٿي آ پڳوان، جو واهر لاءِ وري.

نيري امبر تي، تارا ٿا ٽمڪن
هيٺان تنهنجا نيڻ هي، پيارا ٿا چمڪن
ڳلڙا ٿا مهڪن، سانئڻ تنهنجي سونهن جا

پاڙي منهنجي ۾، هڪڙي سونهن پري
ڪولي روز دري، ڪنهن کي ڳولي ٿي

پوپٽ گُل مٿان، ڦيرا خوب ڏين
ائين روز چُون، پيار نه مرٽو آ ڪڏهن

وئي وهامي سانورا، تو بن ڪاري رات
اکڙين جي برسات، ساڳي وسندي پئي رهي

تڪي پاڻيءَ ۾ ميهر، ميهر جا ڪري
اُها ڪيئن مري، امر ٿي جا عشق ۾

جيون مهڪي پيو، تنهنجي اچڻ سان
تنهنجي مرڪڻ سان، روشن سانجهي ٿي وئي

شاعر سوچي ٿو سنڌ جي مقدر تي
ڪيٽيءَ بندر تي، ڏاريا ڇو آباد ٿين

گهٽيءَ گهٽيءَ ٿو رلي، ڪٽي ڇولن ٿال
موتي جڏهين لال، تيسي ٻچڙا ٻک تي

آئي هوءَ جا ڏيرڙي، آرٽ فيڪلٽي
هن سان دل لڳي، آيو ڦتڪڻ ياڳ ۾

ڪمرو، سيور ۽ مان، رات سڄي جاڳون
ننڊڙي ئي لاڪون، چاهه هيو توسان

پوپٽ نازڪ پرَ، پنهنجو پيار ائين
ڪچن خوابن کي، چني چو وئين
ڀڃڻ تون ٿئين، آنءٌ اڌورو ئي رهيس

هوءَ جا ايري اپ تي، اندلٽ رنگ ڪٽي
مونکي ويئي وٽي، ڀهريل تنهنجو ويس هئس

نديءَ نيريءَ تي، پکين جو هو ولر
سامهون تنهنجو گهر، ڪيڏو سندر ٿو لڳي

ڪونهي ڪوبه سکيو، ڪيڏو آهي جهان
بکيو هي انسان، ڳولي ڳيو نان جو

وڻ جي لامن تي، جهرڪين جي چُڻ چُڻ
سانجهيءَ جو وڻ وڻ، آوازن جي ٻوڙ ۾

ٻڙ جي گهاٽيءَ ڇانوَ ۾، پوڙهي سوچيو
منهنجي جيون ۾، ڪوبه نه گُل هيو
ائين ڪيئن ٿيو، واسُ نه آيو وس ۾

هٿ کي لوڏين ٿي، چوڙيون ڇٽڪن ٿيون
دليون ڌڙڪن ٿيون، ڏسندي تنهنجي سونهن کي

نيري چولي کي، گل جا ٽاڪي ٿي
راتيون جاڳي ٿي، ساري پنهنجي پيار کي

هوءَ جا مندر ۾، ديپ پئي ٻاري
مرده مورتي کي پيئي جياري
جاڏي نهاري، روشن مندر ٿيو وڃي

لڳي جو گولي، ڦٽڪي ٿو ڳيرو
پکيءَ آکيرو، پن پن ٿي ويو

ويندڙ واٽ منجهن، آلا وار نه چنڊ
مٿان جهونو چنڊ، ڪائي ٽيڙ ڪري پوي. ■

# پہءِ اڌ...



حسيب ڪانهيو

ان ڏينهن هُن جي تصويرن جي نمائش هلي رهي هئي، اعليٰ طبقي جا ڪوڙ سارا ماڻهو، جن ۾ مرد توڙي عورتون ۽ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون شامل هئا، جيڪي هُن جون ناهيل تصويرون ڏسي ڏسي حيران ٿي رهيا هئا ۽ هڪٻئي سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي هِن جي ڪم کي ڀرپور داد ڏئي رهيا هئا ۽ هيءَ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي ويٺي انهن ڏي ڇتائي رهيو هو.

”جمال جي رنگن ۾ زندگي آهي.“

”جمال ڪمال جو مُصور آهي.“

”جمال واقعي به رنگن جو جادوگر آهي.“

”واهه. ڪيڏو نه درد آهي هِن جي تصويرن ۾. جيئرو جاڳندو درد.“

”عجب اداسي آهي جمال جي تصويرن ۾.“

ماڻهو سندس تصويرون ڏسي اهڙا جملا چئي رهيا هئا ۽ هي ماڻهن جا اهي جملا ٻڌي دل ئي دل ۾ اهو سوچي رهيو هو ته، ”جهڙي طرح سرڪس جو ڪرتب باز، ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندو آهي، جهڙي طرح ڪا رقاصه ماڻهن کي مدهوش ڪري انهن جا کيسا خالي ڪندي آهي، تهڙي ئي طرح آئون به هِنن رنگن ذريعي دنيا کي دوکو ئي ڏيندو آهيان ٻيو ڇا ورِي ڇا.؟“

ماڻهو ايندا ويندا ٿي رهيا، هِن جون پينٽنگس ڪپنديون ٿي ويون، ڪيئي هِن کي داد ڏيندا ٿي ويا. ماڻهن جي انهي هجوم منجهان اوچتو ڪي ٻه نوجوان ڇوڪريون ظاهر ٿيون، هُنن به پنهنجي لاءِ ڪجهه تصويرون چونڊيون ۽ هِن وٽ آيون. اهي ٻئي ڇوڪريون ڪنهن برگر فيملي جون هيون، ڪافي پڙهيل لکيل ۽ پئسي واريون ۽ ڪٽنگ فٽنگ ۾ ايڊوانسڊ ٿي لڳيون. اهي ٻئي ساهيڙيون هِن جي سامهون اچي بيٺيون ته انهن منجهان هڪڙي وراڻي، ”جمال صاحب، اوهان جون تصويرون، ڄڻ ته جيئريون جاڳنديون حقيقتون آهن، جي ساهه کڻندي محسوس ٿيون ٿين.“

هِن کي دل ئي دل ۾ کل آئي پر هِن روايتي نموني مرڪي وراڻيو، ”مهرباني اوهان جي.“

”اوهان جو نمبر پليز.“ ان ئي ڇوڪري مهانگي قسم جو فون پنهنجي هٿ ۾ لهرائيندي جمال کان نمبر گُهريو.

ڇوڪري جو ناز و انداز ئي اهڙو هو جو جمال کي پنهنجي ويندڙ جواني به واپس ڇال ڏيندي محسوس ٿيڻ لڳي. پر هُن ويل جواني جي جهوٽي کي اندر ئي اندر ۾ اهو چئي واپس ورائي ڇڏيو، ’اهو سڀ سراب آهي.‘

هُو ڇوڪريون سندس نمبر نوٽ ڪري ۽ سندس شڪريو ادا ڪري هليون ويون ۽ هِن پُٺيان ڇپن ۾ چيو، ”ڇوڪرين جي فطرت آهي. ڇوڪرن جي پيٽ ۾ ڇوڪرين کي رنگ، هوندن ئي وڏيڪ وڻندا آهن.“

نمائش ڏاڍي ڪامياب رهي، جمال جون آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون تصرويرون وڃي بچيون، باقي سڀ خريد ٿي ويون.

شام جو جمال پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو چانهه پي رهيو هو ته ڪال آيس. انهي اميرزادي جي ڪال هئي، جنهن هيلو هاءِ ڪري پڇيس، ”ڪئين رهي نمائش؟“

”تمام ڪامياب.“

”اوهان جو ن ته سيئي تصويرون ختم ٿي ويون هونديون؟؟“

”ها . . . . تقريباً.“

”ڇا مطلب؟؟“ هوءَ پڇڻ لڳي، ”ڪيتريون بچيون؟“

”تمام ٿوريون.“

”اهي سيئي آئون خريد ڪنديس.“ هن چيو، ”ٻُڌايو، ڪٿي آهيو اوهان؟ مان اچان ٿي.“

صُبح جو نمائش مهل جڏهن ان ڇوڪري ڪائنس موبائل نمبر ورتو هو تڏهن جمال اهو سوچيو هو ته، ڇوڪرين کي رنگ هوندن ئي وڏيڪ وڻندا آهن. پر هينئر جڏهن هوءَ سندس جون بچيل سيئي تصويرون خريد ڪرڻ لاءِ اچي رهي هئي ۽ هُن ڪائنس پتو پڇيو هو ته هاڻي هي ڇپن ئي ڇپن ۾ چوڻ لڳو هو، ”سڀ پئسي جو ڪمال آهي. امير ڇوڪري آهي. پئسا اٿس جام سو بس.“

جمال مهمانن جي لاءِ چانهن جو بندوبست ڪيو ۽ مهمان خاني ۾ وڃي ويٺو ئي مس ته مهمانن به ”ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ.“ ڪندي ٺڪ اچي ڪيو.

دعا سلام ڪانپوءِ ٻن منجهان هڪڙي ڇوڪري ڳالهايو، ”اوهان پنهنجي تصويرن سان شالي تي الائي ته ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي جمال صاحب.“

جمال مُرڪيو، هُن پنهنجا وڪريل وار سنوت ۾ آڻيندي جواب ۾ غالب جي شعر کان ڪم ورتو، ”يه اپني هي سرمستي هي. جو مچاتي هي هلچل.

نشا اگر شراب مين هوتا تو ناچتي بوتل.“

شالي، جيڪا جمال جي مهمان خاني جو جائزو وٺي رهي هئي ۽ ڀتين تي لڳل جمال جون پئنٽنگز ڏسي رهي هئي، سا جمال جي جواب تي مُرڪي پئي ۽ وراڻيو،

”50سيڪڙو صحيح، 50 سيڪڙو غلط.“

”ڪيئن؟“ جمال پڇيس.

”50 سيڪڙو پنهنجي ئي سرمستي هوندي آهي. ۽ 50 سيڪڙو وري شراب ۾.“ شالي جواب ڏنو.

”اهو غالب جو شعر آهي.“

”آسماني صحيفو ئي هجي ڪٿي.“ شالي اٿلتا جي انتها ڪئي.

جمال ڪجهه ڪڇي نه سگهيو.

”هي ڪنهن جي ميچيندي ئي ناهي جمال صاحب.“ شالي جي دوست شالي ڏي اشارو ڪندي جمال کي چيو.

”عاشي ته جيستائين منهنجي خلاف نه ڳالهائيندي آهي، تيستائين ماني به هضم نه ٿيندي اٿس جمال صاحب.“ شالي چيس.

جمال صاحب ٻنهي جي منهن ڏانهن ڏسندو رهيو.

”منهنجون تصويرون جمال صاحب؟“ شالي پڇيو.

شالي جي ڳالهه تي جمال اٿيو، ”ڏيکاريان ٿو اوهان کي، ڪمري ۾ پيون آهن.“

جمال اٿيو ۽ ڪمري ڏانهن هليو ته ان جي پُٺيان پُٺيان شالي ۽ عاشي به هليون آيون.

جمال جي تصويرن جي ڪمري ۾ رڳو رنگ ئي رنگ هئا، هر پاسي، هر جاءِ تي رنگ ئي رنگ. ڪينواس، بُرش ۽ رنگ. ڪوڙ ساريون اڌوريون تصويرون، ڪوڙ سارا اڌورا رنگ. ڪيئي ڪاغذ مروڙي اڇليل. شالي پٽ تي اڇليل ڪاغذن منجهان هڪ مروڙيل ڪاغذ کنيو ۽ کولي ڏٺائين. رنگ هئا، نقشا هئا، لائنون هيون. هُن ٻيو اڇليل ڪاغذ کنيو، کوليو ۽ ڏٺو، هُن ٽيون کنيو، هُو هڪ هڪ ڪري اڇليل مروڙيل ڪاغذ کڻندي ۽ ڏسندي ٿي وئي. هُو انهن بيترتيب اڌورن تصويرن ۾ وڃائجي وئي.

”هي آهن بچيل.“ جمال ڪمري جي ڪنڊ ۾ پيل هڪڙي ميز تي سٽيل چند تصويرن تان پردا هٽائيندي وراڻيو.

”ٺيڪ آهي، منهنجيون آهن سڀ.“ شالي بنا ڏٺي ئي چئي ڇڏيو ۽ مروڙيل ڪاغذن ۾ گُم ٿي وئي. عاشي جمال جي ڪمري جي بيترتيبي ڏي نهاريندي چيو، ”جمال صاحب، اوهان جي فيملي؟“ فيملي مان مُراد گهر واري هئي، عاشي جمال کان پنهنجي زال، ٻارن جي باري ۾ پڇڻ لاءِ پڇيو.

”هي ئي آهي منهنجي فيملي عاشي صاحبه.“ جمال وراڻيو، ”هي ڪاغذ، هي ڪينواس، هي رنگ، هي بُرش. اهي ئي منهنجا گهر ڀاتي آهن.“ جمال مُرڪندي چيس، ”ڏسو ته سهي هي ڀاتي. منهنجي گهر ۾ ته ويهڻ جي به جاءِ نه آهي ۽ اوهان فيملي جو ٿا پڇو.“

”نه پر جمال صاحب.“ عاشي چوندي چوندي چپ ٿي ويئي.

جمال سمجهي ويو ۽ وراڻيو، ”شاهه لطيف کان ماڻهن جڏهن سندس اولاد جي باري ۾ پڇيو هو، تڏهن شاهه به پنهنجي راڳي فقيرن ڏي اشارو ڪيو هو، سو فنڪار جي فيملي به بس ان جو فن ئي ٿيندي آهي.“ جمال ڪيس جواب ڏنو، ”اڄڪلهه جون ڇوڪريون ڏاڍيون عقلمند ٿي ويون آهن عاشي صاحبه، مون جيڪي ڳالهيون اوهان کي ٻُڌايون سي سڀ هُو سمجهن ٿيون،“ جمال کلندي وراڻيو، ”انهن کي اها خبر آهي ته فنڪار جي فيملي فقط فن ئي ٿيندي آهي سو اهي فنڪارن سان ته ڦاسنديون ئي ناهن.“

جمال جي ڳالهه تي عاشي کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ شالي کان هلڪو ڇرڪ. شالي ڪي پل جمال جي ڇهري ڏي ڏٺو. جمال سندس دوست جي کلڻ تي ائين کلي رهيو هو، جيئن اداڪاري ڪندو هجي.

ڪجهه لمحن جي خاموشي کان پوءِ، جمال چانهن کي ڪوپن ۾ لاتو ۽ ڳالهيون به هلنديون رهيون. چانهه ختم ٿي ته شالي چيو، ”جمال صاحب، اوهان جي وڏي مهرباني.“ هُن پنهنجي پرس منجهان قيمت ڪڍي ۽

جمال جي ٽيبل تي رکندي وراڻي، ”جمال صاحب. سچ پچ تہ اوهان جي تصويرن جي تہ ڪا قيمت ئي ڪانهي پر.“ شالي چپ ٿي ويئي.

جمال روايتي جملو چيو، ”فن جي اصل قيمت، ان جو قدر هوندو آهي، اوهان جو قدر ئي منهنجن تصويرن جي اصل قيمت آهي شالي صاحبہ. آئون هي رقم ڳڻيندس بہ ڪونہ. اوهان جي مهرباني.“

جمال تصويرون فولڊ ڪرائي ٻاهر بيٺل گاڏي ۾ رکرايون ۽ شالي ۽ سندس دوست هليون ويون.

شالي پنهنجي ڪمري جي ديوارن تي جمال جون پينٽگس سجائي ڇڏيون. شالي دير تائين تصويرن ۾ گُم رهي. تصويرون چتائيندي چتائيندي رکي رکي تصويرن منجهان ڪنهن ڪنهن پل اوچتو جمال جو عڪس نروار ٿي ٿي پيو. سڀ تصويرون اداس ڪندڙ ويرانن جون بہ نہ هيون، انهن ۾ ڪيئي تصويرون ڏاڍو خوش ڪندڙ باغبانن جون بہ هيون پر تنهن هوندي بہ باغبانن منجهان بہ جڏهن اوچتو جڏهن جمال جو عڪس ٿي ظاهر ٿيو تہ اهي باغبانا بہ ويرانا ٿي ٿي ويا. خوشين جا سيئي رنگ آهستي آهستي اُڏامندا ٿي ويا. انهي مُشاهدي منجهان گذرندي گذرندي شالي جي ذهن تي جمال جا اهي لفظ تري اچڻ لڳا تہ، ”هي ئي آهي منهنجي فيملي عاشي صاحبہ. هي ڪاغذ، هي ڪينواس، هي رنگ، هي بُرش. فنڪار جي فيملي بہ بس ان جو فن ئي ٿيندي آهي. اڄڪلهہ جون ڇوڪريون ڏاڍيون عقلمند ٿي ويون آهن عاشي صاحبہ. سڀ ڪُجهہ سمجهن ٿيون. انهن کي اها خبر آهي تہ فنڪار جي فيملي فقط فن ئي ٿيندي آهي سو اهي فنڪارن سان تہ ڦاسنديون ئي ناهن.“ پوءِ شالي جي ذهن تي جمال جو چهرو تري آيو، جيڪو سندس دوست جي کلڻ سان کلي تہ رهيو پر ائين لڳي رهيو هو جيئن اداڪاري ڪندو هجي.

بيحد پيارين تصويرن ڏي نهاريندي نهاريندي شالي سوچڻ لڳي، ”جمال جهڙا ماڻهو بہ محبتن کان محروم. ههڙيون جيئريون جاڳنديون تصويرون ٺاهيندڙ هٿ بہ ڪن هٿن کان خالي.

ڪجهہ ڏينهن تہ ائين گذري ويا، پر پوءِ هڪڙي ڏينهن جڏهن شالي کي انهي سوچ صبر جو دامن ڪسي ڇڏيو تڏهن شالي گاڏي ٻاهر ڪڍي ۽ بنا اطلاع ڏيڻ جي جمال ڏي هلي ويئي.

جمال تصوير ٺاهڻ ۾ ايترو تہ مگن هو جو پُٺيان دروازي کلڻ جو آواز بہ سندس ڪنن تي پهچي نہ سگهيو.

شالي دروازي تي بيهي جمال کي تصوير ٺاهيندي ڏسڻ لڳي. جمال ڪينواس تي ڪيئي ليڪون پاتيون، رنگ پريا. هُن جا وار وري وري سندس چهري تي ٿي وريا پر هُو پنهنجي ڪم ۾ محو رهيو ۽ تصوير ٺاهيندو رهيو. شالي دير تائين بُت بڻي بيٺي رهي، نيٺ پوءِ جڏهن جمال جا رنگ کُٽا ۽ تصوير اڃا اڌوري ئي رهي، سو هُو جڏهن رنگ جي لاءِ پُٺتي مُڙيو تہ شالي تي اک پيس. جمال اچرج وچان ڪيس نهارڻ لڳو. شالي بي ساختہ اڳتي وڌي ۽ وٽس وڃي هٿن کان خالي هٿن تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيا.

جمال جي هٿن ۾ رنگ هيا جيڪي شالي جي چپن چائي ڇڏيا. جمال ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيو. شالي جڏهن ٻئي لمحي هوش ۾ آئي تہ ڳالهہ جو رُخ مٽائيندي وراڻي،

”ايڏيون خوبصورت پينٽگز ٺاهيندڙ هٿ، چمڻ جي ئي لائق آهن جمال صاحب.“

جمال ڪجهہ لمحا پهرين تہ شايد غلط نہ سمجهيو هو پر هاڻي شالي جي انهي ڳالهہ تي هُن کي وري بہ اها شالي جي ناداني ئي لڳي ۽ هُن مُرڪي اڌوري تصوير ڏي اشارو ڪندي چيو، ”هي تصوير اوهان جي ٿي.“

”هن جي قيمت؟“ شالي پڇيو.

”هِن جي قيمت ادا ٿي چُڪي.“

شالي مُرڪي.

”هي تصوير، منهنجي سڀ کان وڌيڪ مهانگي وڪرو ٿيندڙ تصوير آهي شالي صاحبہ.“ جمال مُرڪيو ۽ چيائين، ”مون کي ڪنهن بہ تصوير تي وڌي قيمت اڳ ڪڏهن نہ ملي آهي.“

جمال شالي کي اسٽول تي ويهڻ جو چيو ۽ وراڻيائين، ”اوهان هتي ويهو تہ آئون رنگ کڻي ٿو اچان. ۽ اوهان کي تصوير مڪمل ڪري ٿو ڏيان.“

”نہ. جمال صاحب.“ شالي وراڻي، ”هي تصوير آئون مڪمل ڪنديس.“

شالي جي جملي تي جمال کي اچرج ٿيو. ”اوهان؟“

شالي چيس، ”ها. اڄ کان پوءِ آئون اوهان وٽ سکڻ اينديس، ۽ پوءِ جڏهن سکي ورتم تڏهن اوهان جي هي اڌوري تصوير آئون پاڻ مڪمل ڪنديس.“

جمال ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيو، تصوير شالي جي گاڏي ۾ رکجي ويئي ۽ هُو هلي وئي.

جمال جواني کي الوداع چئي رهيو هو ۽ شالي خوش آمديد. جنهن رستي تي شالي اڃا هاڻي قدم رکي رهي هئي، تنهن سفر تان جمال جي واپسي هئي. جمال اهي سيئي لڪ لتاڙي وريو هو، جن جي لاءِ شالي اڃا پير ٿي پساريا. شالي جواني جي چائنٺ تي ۽ جمال هاڻي پيري جي چائنٺ تي هو. هُن کي اهي سيئي تجربا هئا، جن جي شالي کي ڪا ڪل ئي ڪانہ هئي. اڄ شالي جي وڃڻ کان پوءِ جمال ويٺي ويٺي ڪافي دير تائين شالي جي باري ۾ سوچيندو رهيو.

ٻيو ڏينهن ٿيو ۽ شالي پهچي ويئي.

شالي جي چهري ۾ ڏاڍي چمڪ هئي پر جمال جي چهري تي اهڙو ڪو نہ تاثر نہ هو. جمال رات ئي دل ۾ اهو طئہ ڪري ڇڏيو تہ هِن قصي کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏيندو سو هُن شالي کي ويهاريو ۽ بنا ڪنهن حجاب جي، آرام ۽ اطمينان سان سمجهائڻ لڳو، ”ڏس شالي. تون جنهن راهہ تي پنهنجا پير ڌري رهي آهين، ان راهہ جي ڪائي منزل ڪانهي.“

شالي خاموش ٿي رهجي ويئي، جمال ڳالهائيندو رهيو، ”مان انهن سيني تجربن منجهان گذري چڪو آهيان سو آئون تنهنجي انداز منجهان ئي سمجهي ويو آهيان تہ تون ڇا ٿي چاهين.“

شالي جي منهن جو پنو ائين لهي ويو، ڄڻ هن جو وڏو راز فاش ٿي ويو هجي. هُن جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو. جمال ڳالهائيندو رهيو، ”شالي، سچ پچ تہ تو کي خود کي بہ اها خبر نہ آهي، جيڪا مون پرکي ورتي آهي.“ جمال وراڻيو، ”ڏس، صاف ڳالهہ اها آهي تہ، پاڇن پُٺيان ڊوڙڻ منجهان ڪجهہ بہ نہ ورندئي ڇري. لهندڙ سج جو منظر ڪٿي ڪيڏو بہ خوبصورت ڇو نہ هجي، پر انهي منجهان ٻاڪ ڦُٽڻ جي اميد اجائي ئي آهي. آئون لهندڙ سج آهيان شالي.“

جمال ڪي گهڙيون خاموش رهيو تہ شالي ڪجهہ همت ڪري وراڻي، ”جمال، مون کي تو سان محبت ٿي وئي آهي.“ شالي جون اکيون ڇلڪي پيون، ”جمال، مان تو سان شادي ڪرڻ ٿي چاهيان. مان تو سان زندگي گذ گذارڻ ٿي چاهيان جمال.“

”محبت ڪجهہ بہ نہ آهي شالي.“ جمال وراڻيو، ”اصل ۾ تون عمر جي جنهن شاهراهہ تان گذري رهي آهين، اتي هر منظر حسين ئي نظر ايندو آهي. اتي هر شيءِ ڏاڍي خوبصورت ۽ من موهڻي لڳندي آهي. تون نوجوان آهين. تو کي شادي جي لاءِ جوان مرد گهرجي. ۽ اهو بہ اهڙو جو سڀ کان وڌيڪ تو کي ئي چاهي. آئون نہ هاڻي جوان مرد رهيو آهيان ۽ نہ ئي آئون تو کي هر وقت چاهي ٿو سگهان. مون کان اداڪاري نہ ٿيندي. آئون عشق جي شاهراهہ تان گهڻو اڳ گذري چڪو آهيان، تون جنهن پيار محبت ۽ عشق جي ڳالهہ پئي ڪرين، آئون انهي پيار محبت ۽ عشق کان هاڻي وڏو ٿي ويو آهيان. اسان جهڙي فنڪار ماڻهو سان تو جهڙي نوجوان خوبرو نازنين جي شادي جي تمنا درحقيقت خودڪُشي جي ئي تمنا چئبي ٻيو ڪجهہ بہ نہ.“

”جمال.“ شالي ڪجهہ چوڻ چاهيو پر چئي نہ سگهي، جمال وراڻيو، ”آئون تو کي اهو بہ ٻڌائي ڇڏڻ ٿو چاهيان تہ تون جنهن کي محبت سمجهي رهي آهين شالي. سا تنهنجي غلطفهمي آهي. تو کي مون سان محبت نہ آهي. تو کي منهنجي هِن فن سان محبت آهي.“ جمال ڳيت ڏئي خشڪ نڙي آلي ڪئي ۽ چيائين، ”تو کي تنهنجي اها عمر ڌوڪو ڏئي رهي آهي. جواني ئي تنهنجي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهي آهي شالي.“ جمال کيس چيو، ”تنهنجو مون وٽ اچڻ اجايو آهي. آئون جيڪڏهن چاهيان تہ تنهنجي هِن وقتي پاڳلپڻي سان کيڏي بہ سگهان ٿو، پر مان تنهنجو قدر ڪريان ٿو سو تنهنڪري تنهنجي اکين تان پٽيون لاهڻ ٿو چاهيان ۽ تو کي مُستقبل جي روئڻ کان بچائڻ ٿو چاهيان.“

شالي ڏاڍي اداس ٿي وئي. ڪجهہ دير جي خاموشي کان پوءِ جمال کي چيائين، ”جيستائين آئون ڪالهوڪي اڌوري تصوير مڪمل نہ ڪنديس، تيستائين اوهان وٽ نہ اينديس جمال صاحب.“ شالي ائين چيو ۽ هلي ويئي.

ٻہ اڍائي سالن کان پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو ڪنهن پل جمال جو دروازو کُليو. جمال پُٺتي مُڙي ڏٺو پهرين اها تصوير ظاهر ٿي جيڪا شالي هُن کان اڌوري خريد ڪئي هئي. جمال اهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو جو اڄ اها تصوير مڪمل هئي. تصوير کان پوءِ شالي ڪمري ۾ آئي. جمال جڏهن شالي کي ڏٺو تہ ويتر حيران ٿي رهجي ويو. اڄ کان ٻہ اڍائي سال پهرين هُن جڏهن شالي کي اها اڌوري تصوير ڏني هئي، تڏهن کيس شالي مڪمل لڳي رهي هئي پر اڄ، جڏهن تصوير مڪمل ٿي پئي هئي تہ شالي کيس اڌوري اڌوري ٿي لڳي. شالي جا بہ وار وڪري پيا هئا هُن جي اکين تي چشمو لڳل هو، هو هاڻي بر گر فيملي جي هوندي بہ نہ ٿي لڳي. هُو هاڻي کيس آرٽسٽ ٿي لڳي.

”مون اوهان کي چيو هو نہ جمال صاحب تہ جيستائين هي تصوير مڪمل نہ ڪنديس، تيستائين اوهان وٽ نہ اينديس مان.“ شالي وراڻي.

”جمال کي ڏاڍي حيرت ٿي. هُن پڇيو، ”ڪيئن ڪئي تو مڪمل؟“

جمال هڪ لمحي مڪمل تصوير کي ته ٻئي لمحي اڌوري شالي کي تي ڏٺو. ”مون اوهان جي اڌوري تصوير کي پنهنجي اڌ سان مڪمل ڪيو آهي جمال صاحب.“

”انڪري ئي ته تون اڌوري پئي لڳين اڄ شالي.“ جمال وراڻيو.

شالي کي گهڙيون ماٺ رهي ۽ پوءِ هڪ اونهو ساهه کڻي ڳالهائڻ لڳي، ”هر آرٽسٽ اڌورو ٿيندو آهي، يا ائين کڻي چئجي ته اڌورو ماڻهو ئي آرٽسٽ ٿيندو آهي جمال. اڌورو ماڻهو پنهنجي پاڻ کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ فن جو سهارو وٺندو آهي.“ جمال جي ڪمري ۾ پکڙيل انيڪ تصويرن ڏانهن اشارو ڪندي شالي چيو، ”مون کي خبر آهي ته هنن تصويرن منجهان هر تصوير ٺاهيندي ٺاهيندي اوهان ائين ئي محسوس ڪيو هوندو ته ڄڻ اوهان پنهنجي پاڻ کي مڪمل ڪري رهيا آهيو.“

”اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن شالي. اهڙو ڪجهه به ناهي. تصويرن سان ماڻهو مڪمل نه ٿيندو آهي چري ڇوڪري.“ جمال مُرڪندي وراڻيو.

”ها جمال صاحب، واقعي به. ماڻهو تصويرن سان مڪمل نه ٿيندو آهي. جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ها، ته اوهان پنهنجي تڪميل کان پوءِ هڪ به تصوير نه ٺاهيو ها.“

جمال ڪجهه نه ڪڇيو. جمال کي دل ئي دل ۾ اهو افسوس ٿي رهيو هو جو شالي هُن جي اندازي کان بنهه مختلف ٿي پئي هئي. ٻه اڍائي سال اڳ ۾، جڏهن جمال جي شالي سان آخري ملاقات ٿي هئي تڏهن شالي پُنيان جمال اهو ئي سمجهيو هو ته شالي جو دماغ جاءِ تي اچي ويندو ۽ عشق جو جن پر ڪري هليو ويندس پر ائين نه ٿي سگهيو هو. شالي تمام گهڻو اڳتي نڪري چڪي هئي، ايترو اڳتي جو هاڻي ته هُن وٽ به واپسي جو رستو نه بچيو هو. پر جمال کي پنهنجي اها ڳالهه به دل سان لڳي رهي هئي ته شالي کي هُن سان نه پر اصل ۾ سندس فن سان ئي عشق ٿي پيو هو جنهن جي هُن کي خود کي به خبر نه هئي. جمال انهن ئي سوچن ۾ هو جو شالي وراڻيو، ”مان اوهان کي تصوير ڊيڪارڻ نه آئي آهيان جمال صاحب.“

جمال ڪنڌ ورائي ڏانهنس ڏٺو ته شالي وري ڳالهايو، ”اوهان مون کي آخري ڀيري اهو چيو هو نه ته، مون کي اوهان سان نه، پر اوهان جي فن سان محبت آهي. سو آئون اوهان کي اڄ اهو ٻُڌائڻ آئي آهيان ته، مون کي اوهان سان محبت آهي. مون هي فن اوهان جي عشق ۾ ئي سکيو آهي جمال صاحب.“

جمال ڏاڍو پٿر دل هو شايد. جو شالي جي اها ڳالهه ٻُڌي به کيس چيائين، ”نه شالي. تو کي مون سان نه، پر منهنجي فن سان ئي محبت هئي. اڄ به تو کي مون سان نه، پر منهنجي فن سان ئي محبت آهي شالي.“

شالي ڪجهه نه ڪڇيو. شالي جو چهرو احتجاج جي تصوير بڻجي پيو.

سوال سوال. ’ڇو ڇو ڇو.‘ بڻجي پيل شالي جي احتجاجي چهري ۾ نهاريندي جمال وراڻيو، ”جيڪڏهن تو کي مون سان محبت آهي ته پوءِ اڄ آئون اهو ٿو چوان ته اهو فن ڇڏي ڏي، اڄ کان پوءِ تون تصويرون نه ٺاهجان. ٺيڪ آهي.“

ٻه اڍائي سال اڳ ۾، جمال کان جدا ٿيڻ کان پوءِ شالي پنهنجي ڳالهه کي پاڻي ڏيڻ جي لاءِ، جمال جي اڌوري تصوير کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن عورت مُصور وٽ وڃي اهو فن سکڻ لڳي. انهي فن شالي کي پاڻ ۾ پناهه ڏني. تصويرون ٺاهيندي ٺاهيندي شالي کي تصويرن سان به عجيب انسيت ٿي ويئي هئي، سو هاڻي اڄ جڏهن جمال کي اهو فن ڇڏڻ جو چيو ته شالي اداس ٿي وئي. جمال جي ڳالهه تي شالي کي ٻه اڄ ائين ئي لڳو ته شايد جمال صحيح چئي رهيو آهي. هُو چپ ٿي رهجي ويئي، ڪجهه ڪڇي نه سگهي.

”شالي، آئون شروع ۾ ئي اهو سمجهي ويو هئس ته تو کي مون سان نه پر منهنجي فن سان ئي محبت آهي.“ شالي کي ماٺ ڏسي جمال وراڻيو، ”شالي، تنهنجي اکين تي جواني جي جذبات جي ڏُنڌ ڇانيل هئي سو تو فن جي پُٺيان منهنجي هٿن تي اچي چُمي ڏني.“ جمال چيو، ”آئون تنهنجي انهي چُميءَ مان ئي سمجهي ويو هئس ته تو کي مون سان نه پر منهنجي فن سان ئي محبت آهي شالي. تڏهن ئي ته تو منهنجي هٿن تي چُمي ڏني هئي.“

شالي چپ چاپ ٻڌندي رهي، هُن جا چپ چُري نه سگهيا، اها حقيقت، جيڪا لاشعور ۾ هئي، سا هاڻي شعور ۾ اچي وئي هئي، اتي ويٺي ويٺي ۽ جمال جي ڳالهه ٻُڌندي ٻُڌندي شالي کي جمال جو اهو جملو ٿورو ٿورو ٿيندو پورو پورو سچ لڳڻ لڳو ته، ”شالي، تو کي مون سان نه، پر منهنجي فن سان محبت هئي.“

جمال جڏهن ڳالهائي ڳالهائي بس ٿي ويو ته ڪجهه دير جي خاموشي کان پوءِ شالي ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”جمال.“

جمال ڏانهنس متوجه ٿيو ته شالي منهن ٻئي طرف ڪندي وراڻي، ”گذريل ٻه اڍائي سالن ۾ مون وٽ ڪيئي ڇوڪرا آيا، جن مون کي پرپوز ڪيو، پر مون انهن سڀني کي Ignore ڪري ڇڏيو.“ شالي کي گهڙيون ترسي وراڻي، ”تنهنجي ڳالهه اڄ مون کي بلڪل صحيح پئي لڳي ته، واقعي به مون کي تو سان نه پر تنهنجي فن سان ئي محبت هئي پر.“ شالي ڳيت ڏئي خشڪ نڙي آلي ڪئي ۽ وري وراڻي، ”پر جمال، هاڻي آئون خود جڏهن فنڪاره ٿي پئي آهيان ته اڄ وري ٻه مون کي تنهنجيون اهي ڳالهيون ياد ٿيون اچن جو تو چيو هو ته، فنڪار ن جي فيملي به فقط فن ئي ٿيندو آهي. انهن سان ڪو به شادي ڪري سُٺي زندگي گذاري نٿو سگهي. سو جمال هاڻي منهنجي به اها ئي حالت آهي ته مون سان هاڻي ڪو به زماني جو ماڻهو شادي ڪري مطمئن زندگي گذاري نٿو سگهي سو انڪري محبت نه سهي ضرورت ئي سهي. پر منهنجي لاءِ تو کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ئي ناهي جمال.“

شالي جي اها ڳالهه ٻڌي جمال جون اکيون انهي تصوير تي کُپي ويون، جيڪا شالي مڪمل ڪري آئي هئي، هُن تصوير ڏانهن چتائيندي چيو، ”تصويرون ماڻهو کي مڪمل نه ڪنديون آهن پر ماڻهو ماڻهو کي مڪمل ڪري سگهندا آهن.“

شالي جون اکيون ٻه انهي تصوير ۾ کُپي ويون ۽ هُوءَ وراڻي، ”ٻه اڌ گڏجي، مڪمل هڪ ٿي سگهندا آهن. تون ٻه اڌ آهين، مان ٻه اڌ آهيان، پاڻ ٻئي هڪ ٿي سگهون ٿا. جمال. مون تنهنجي اڌوري تصوير کي پنهنجي اڌ سان مڪمل ڪيو. هاڻي تون مون کي پنهنجي اڌ سان مڪمل ڪر.“

ٻنهي جي چپن تي مُرڪ تري آئي.

haseebkanhio@yahoo.com

# رحمت سومرو (نظم)

تون مان ان اُپايون ته ٻه
تنهنجي منهنجي لاءِ اهائي
روز ٻنين ۾ ٻک ڦٽي ٿي
تنهنجا منهنجا پيٽ پٽي سا.

تون مان ڪپڙو ناهيون ٿا ته ٻه
تنهنجي منهنجي لاءِ اها ئي
اوگهڙ جي پوشاڪ سدائين
جيسين ڏوڙ ٿيئون ڌرتيءَ ۾
جيسين پايون انگ مٽيءَ سان.

سڀ جو آڌرياءُ ٿئي ته ٻه
منهنجي ڌرتي ماءُ ٿئي ته ٻه
تنهنجا منهنجا ننگ رُلن ٿا
ورهاڱي جا ڦٽ کُلن ٿا

تون مان وارث شاهه درياهه جا
ها پر پوءِ ٻه ساهه اسان جا
هڪڙي اڄ صدين کان آهين
ڪيڏي رڃ صدين کان آهين
ڪيڏي سڃ صدين کان آهين

پوءِ ٻه اسان تي صبر شڪر جي
ڪيڏي رحمت روز وسي ٿي
قدرت خود حيران ٿئي ٿي
پر جي صبر شڪر جي وسندڙ
رحمت هيٺيان ٻڄندي، پلجي

ڪوبه لڄي ٿو، ڪوبه ڪڇي ٿو
هلندي هلندي غائب ٿئي ٿو
ڳرندي ڳرندي ظاهر ٿئي ٿو
سڙندي سڙندي ساهه ڏئي ٿو.

انصافن جي اشرافن جي
ساري ٿولي ماٺ هجي ٿي
هر ڏاڍي دڙڪي آڏو
قانونن جا ڪنڌ جهڪن ٿا
۽ ڏاڍي جي هڪ هڪل تي
ويڪائن جو واڪ لڳي ٿي
هرڪو پنهنجو اگهه ڏسي ٿو.

ويڪائن ۾ پنهنجي تر جا
مير ٻه آهن، پير ٻه آهن
۽ ڏاڍي جي هڪ هڪل تي
پيرن ۾ دستور هجي ٿو
مجرم ڄڻ منشور هجي ٿو
نوڪر ۾ آئين هجي ٿو
پر ۾ بيٺل دين هجي ٿو
هر ڪو ڄڻ نابين هجي ٿو.

هيڏو قصو ڪوليو آ ته ٻه
هر ڪا ڳالهه اڌوري آ
توکي مون کي پوءِ ٻه مبارڪ
پنهنجو ملڪ جمهوري آ. ■

# نوريز جا پٽ...



رئوف ڪوسو

اڌ صدي اڳ هڪ روشن صبح جي ڳالهه آهي. اتر جي هلڪي هير ڳهلي رهي آهي. فيروز نگر جو اڳوڻو نواب شهزور خان شاهي محل جي اڱڻ واري باغ جي اُن چوباري ۾ ويٺو آهي. جنهن کي رياست واري زماني ۾ سنگيت چوبارو چوندا هئا ۽ رياست واري زماني ۾ نواب شهزور خان ان چوباري ۾ ويهي شاهي راڳين ۽ مهمان راڳين جا راڳ ٻڌندو هو. هن جي پر ۾ شهر جو سابق ڪوٽ وال ويٺو آهي. پر هاڻي هن کي رياستي وردي ڪونه آهي. پر هو هڪ عام لباس ۾ آهي. نواب شهزور خان کي به اڄ عام لباس پاتل آهي. پر هن جي پرپاسي ۾ ويٺل نوڪر چاڪر سابق شاهي لباس پاتل آهن. جيتوڻيڪ هينيون سڄو ماحول درٻان کان وٺي اندر ڪم ڪندر ڪارندن تائين رياستي ماحول آهي پر نواب شهزور خان جو سادو لباس ۽ ڪاڏل اندر ان غم جي حرارت کي بار بار محسوس ڪري رهيو آهي ته، نه هاڻي تاج آهي نه تخت آهي. نه وري اها طاقت، جتي هن جي زبان مان نڪتل لفظ شاهي فرمان هوندو هو. نه هاڻي هن وٽ اها شاهي پوليس آهي. نه وري شاهي درٻاري. نه شاهي شاعر ۽ نه مدح خواهه. نه ئي ڪنهن انگريز حاڪم جا دوستيءَ لاءِ اهي الفاظ، "نواب شهزور خان تون اسان جو بهترين دوست آهين." نه ئي هاڻي هن وٽ اها رعيت آهي جيڪا ڪنهن رعايت جي اوسيئڙي ۾ هن جون واٽون وٺي بيهندي هئي. هاڻي هن کي ايئن محسوس ٿي رهيو آهي ته هو ڇڻ سابق ڪوٽ وال ۽ ٻين ڪارندن وانگر عام ماڻهو آهي. ۽ هاڻي هن وٽ طاقت جو اهو رسو ڪونه آهي جنهن سان هي هزارن ماڻهن جو رسي جهل ۽ لٽ ڌنار هو. هي جڏهن ماضيءَ جي يادن ۾ ويٺي سامهون نم جي وڻ تي ويٺل پکين کي ڏسي رهيو هو ته ايتري ۾ اڳوڻي شاهي درٻان اچي ٻڌايس، "نواب صاحب، رياست سورت نگر جو راجا بلبير سنگهه توهان سان ملڻ آيو آهي."

هو اٿي بيٺو. هن جي پويان ڪوٽ وال ۽ ٻيا شاهي ڪارندا به اٿي بيٺا. ۽ هلي سپ شاهي محل جي وڏي دروازي تي اچي پهتا. راجا بلبير سنگهه جو استقبال سيني شاهي آداب سان ڪيائون. پوءِ راجا بلبير سنگهه کي شاهي محل جي باغ واري چبوتري ۾ آڻي ويهاريو. جنهن کي 'سنگيت چوٻارو' چيو ويندو هو.

راجا بلبير سنگهه به اڳوڻو راجا آهي. جڏهن کان هندستان سرڪار رياستون جاگيرداريون ۽ رجواڙا ختم ڪيا ته راجا بلبير سنگهه به راجا نه رهيو. ساڻس وڏو پٽ ۽ ننڍو راجا سورت سنگهه به گڏ آهي. نواب شهزور خان پنهنجي وڏي پٽ راول خان کي به چبوتري ۾ گهرائي ورتو آهي. پوءِ باقاعده ميٽنگ شروع ٿئي ٿي.

ڳالهه جي تمهيد ٻڌندي اڳوڻي راجا بلبير سنگهه نواب شهزور کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو، "نواب شهزور خان، جيتوڻيڪ اسان جي نوابي ۽ جاگيرداري ۽ رجواڙا ختم ٿي چڪا آهن. ڪانگريس سرڪار جمهوريت ۽ ترقيءَ جي نالي تي اسان جون رياستون ڦري ڇڏيون آهن. حالانڪ انگريز سرڪار جي اچڻ وقت اسان جي همعصر رياستن جي ڪيترين ئي راڄائن، نوابن ۽ جاگيردارن انگريزن جي آمد خلاف سخت مزاحمت ڪئي هئي ۽ سرن جا نذرانه به ڏنا ها. انگريز سرڪار خلاف 'گانڌي جي' هلايل هلچل ۾ اسان جي رياستن جي نوابن ۽ مهاراجن ڪانگريس جو ڀرپور ساٿ ڏنو. جاني ۽ مالي مدد ڪئي. ڪشمير کان وٺي گجرات، گجرات کان وٺي راجستان، راجستان کان وٺي دهلي، دهلي کان ويندي احمد آباد تائين اسان جي نواب خاندانن جي ماڻهن وسان ڪونه گهٽايو. اسان جون خانداني روايتون، عادتون، آدرش، شاهاڻا ۽ پروقار آهن. اسان صدين کان رعيت جي خدمت ڪئي آهي. اسان غريب پرجا (عوام) جي وڏي خدمت ڪئي آهي. جنهن کي انهن پسند جي نگاهه سان ڏٺو- ايتري قدر جو هنن اسان جون مورتيون ناهي پنهنجي گهرن ۾ سينگاري رکيون. ۽ اسان جي خانداني ڪردار مان نه فقط متاثر ٿيا پر داد به ڏنائون. اسان منجهان رعايا کي ڪابه شڪايت ڪونه هئي. سنڌ جي 'خيرپور رياست' تعليم جي ميدان ۾ ان وقت ايڏي ترقي ڪئي جنهنجا انگريز سرڪار مثال ڏيندي هئي. پر ڪانگريس اندر موتي لعل نهرو جهڙن ماڻهن اسان جي راڄشاهي، نوابي ۽ جاگيرداري جي مخالف ڪئي. ۽ آزاديءَ کان پوءِ اهڙا قانون پاس ڪرايا جو اسان جو شاهي وقار، طاقت ۽ عوام لاءِ ڪم ڪرڻ جو اختيار اسان کان کسيا ويا.

اندر جي ڪارن ڪانگريسي جي ڪدڙپوشن اسان جون حڪومتون ۽ اعزاز ختم ڪري اسان جي علائقن ۾ رهندڙ رعايا سان غير جمهوري رويو رکيو وڃي جٺ ڪئي. ۽ پوءِ جڏهن اسان اليڪشنن جي ذريعي پارليامينٽ ۾ اچڻ شروع ڪيو ته اتي به اسان جي رستا روڪ ڪئي وئي. پر هاڻي اسان سيني کي گڏجي ان ڪدڙپوشن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. ۽ پنهنجو اڳوڻي شاهي وقار ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ واري ڪردار کي بحال ڪرائڻو پوندو."

موٽ ۾ نواب شهزور خان پنهنجي شاهي پڳ تي هٿ هڻندي چيو، "بلڪل راجا بلبير سنگهه، صحيح ٿا چئو. اسان جي وڏن جون هن ملڪ جي لاءِ قربانيون بيشمار آهن. جيئن توهان جا خاندان وڏا صدين کان هتي آباد آهن ۽ علائقن جا سوڌا آهن ۽ علائقن ۾ عوام جي خدمت پيا ڪن. وقت اچين ٿو ته سِرَ جون سنيون به ڏين ٿا. ايئن اسان جو خاندان به صديون اڳ شهنشاهه همايون سان گڏجي سنڌ جي رستي بلوچستان مان هندستان آيو. شهنشاهه همايون جڏهن شير شاهه سوريءَ کان شڪست کاڌي ۽ واپس اُتر طرف وڃي رهيو هو ته گذران اسان جي ڏاڏي مير چاڪر جي علائقي شورن مان ٽيس. لٽيل همايون جي اسان جي ڏاڏي ڀرپور خدمت ڪئي. ڪجهه عرصي لاءِ پناهه به ڏنائينس. هن ڪي ۽ هن جي لشڪر کي شاهي اعزاز سان ان وقت تائين مهمان طور پاڻ وٽ ترسايو جيستائين هن اتي رهڻ چاهيو. پوءِ جڏهن همايون هندستان وريو ۽ ٻيهر شير شاهه سوريءَ سان جنگ ڪيائين ته بلوچ قبيلا انهن سان گڏ هئا ۽ بلوچن همايون جي فتح ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. موٽ ۾ همايون بلوچن کي مان ڏئي هندستان اندر ٿي رياستون ڏنيون. ۽ پوءِ جڏهن انگريز آيا ته اسان جي ٻن بلوچ رياستن انگريزن خلاف شديد مزاحمت ڪئي ۽ ويڙهاند ۾ بلوچ سورما، عورتون ۽ ٻارڙا به قتل ٿيا. پر هاڻي ڪانگريس سرڪار اسان کي پٺ سان لڳائي ڇڏيو آهي. اسان سيني رياستي ۽ نوابي خاندانن کي پنهنجي عزت، وقار ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٿيڻو پوندو."

پيءُ جي گفتن ٻڌڻ کانپوءِ ننڍو نواب راول خان اٿي بيٺو. ۽ چيائين، "معذرت خواهه آهيان چاچا بلبير سنگهه ۽ بابا شهزور خان. مان توهان وانگر ڪونه پيو سوچيان. فرد نسل سان نه پر ڪردار سان سڃاتو ويندو آهي. جن رياستي نوابن ۽ راڄائن، جاگيردارن انگريز سرڪار جي اچڻ وقت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ خلاف مزاحمت ڪئي. اهي هن آزاد هندستان جا هيرو آهن. پر گهڻن راڄائن، نوابن ۽ جاگيردارن خوشامد ۽ هيڻائين کان وسين ڪين گهٽايو. سر جا خطاب ماڻيائون. خانبهادر بڻيا. 30 ڪروڙ هندستانين کي وڪڻي پاڻ عياشيون ڪيائون. اهي وطن جا غدار آهن. هاڻي آزاد رياست اندر قانون، جمهوريت ۽ برابري وارو ماحول هجڻ گهرجي. متعلق العنان طاقت جو دور ختم ٿي چڪو ۽ مان توهان سان ان ڳالهه ۾ سهمت نه آهيان."

راول خان جو اهو گفتو ٻڌي راجا بلبير سنگهه کي ڪاوڙ لڳي. ۽ نرڙ ۾ گهنج وجهي شهزور خان کي مخاطب ٿيندي چيائين، "شهزور خان، تو وارو پٽ شايد سماج وادي ٿي ويو آهي، جيڪي اسان جي حيثيت ۽ دٻدٻي جا ويري ۽ دشمن آهن. هن جي دل ۾ به اسان جي خاندانن جي عزت، هشمت، طاقت ۽ ملڪيت خلاف زهر ڀريو ويو آهي."

شهزور خان به پٽ تي ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين، "...ان جو مطلب ته بنگال جي پڙهائي توکي سوشلسٽ بڻائي ڇڏيو آهي. تون خاندان ۽ نسل جي محبت کان آجو ٿي چڪو آهين. توکي اها به خبر نه آهي ته تون مزاحمتي نسل جو هڪ فرد آهين جيڪي پنهنجي انا لاءِ جان به ڏئي ڇڏيندا آهن. ۽ اسان جو اسٽيٽ کوانا کي وٺي ڪري ويڙهه لاءِ اڳتي وڌندو. جڏهن تون تعليم جي ڳالهه ڪرين ٿو ته مان توکان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل آهيان. تهذيب ۽ ترقيءَ جي اصولن کي سمجهان ٿو ۽ مان ڄاڻان ٿو، اعليٰ نسل ۽ اعليٰ قدرون رکندڙ انسان حڪومت ڪرڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ بهترين ٿيندا آهن."

نوجوان نواب راول خان چڙ وچان چبوتري مان ٻاهر نڪري ويو.

راجا بلبير سنگهه ۽ نواب شهزور خان پوءِ ڪجهه دير تائين باقائده ميٽنگ ڪندا رهيا ۽ ڪي ڳالهيون

# پاڻ جهڙي جهان ۾



شيام ڪمار

## ٿــر

**(ريگستان، برپٽ، پوٺو ۽ صحرا)**

اڪثر غير مسلم ٿري- خاص ڪري بدقسمتي سان جن جو مون سان رابطو ۽ واسطو جڙيو آهي. انهن جي سياءُ، عادتن، رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ڪي ڏسي لڳي ٿو ته مرد ’ڪُوچڙا‘ ۽ ’زائفون‘ ’ڪبوترين‘ جي مُک مان اُپجيون هونديون. شهري علائقن (ميرپورخاص، حيدرآباد، ڪراچي، سکر وغيره) ۾ وسجڻ ۽ آباد ٿيڻ بعد مردن جي ڪُوچڙائپ به ڏاري ترار وانگر تکي بڻجي وئي آهي ۽ زائفن جي ڪبوترائپ ۾ مخملين چمڪ دمڪ هر ڪائيندڙ ڏتاريندڙ ۽ ’ڏبڻ‘ پيڙو ڪرڻ ۾ ويرم ئي ڪونه وجهندي آهي- هڪ ائين چئجي ته وڏاءُ ڪين ٿيندو ته اهي ڇهبڪي ڇيلهه واريون ڪامڻيون شهرن ۾ وسڻ بعد اصطلاحاً ڏائڻ اُٽين جهڙو روپ ڌاري اُٿر. وچولي سنڌ ۽ بلوچستان جي ابوجهه ماڻهن ڪي Circe واري دام ۾ ڦاسائي انهن جو اگر تگر ناس ڪرڻ ۾ ڪا دير ڪين وجهنديون آهن.

آئون اڳ ۾ به ڪٿي ڄاڻايو آهي ته ٻج ڇٽڻ ۽ ريج ڏيڻ بعد انهن ڪبوترين جو ’فصل‘ سهن جيان Multiply ٿيڻ ۾ ڪا دير ڪين وجهندو آهي. هڪ غير مصدقه تحقيق موجب اوڻويهين-ويهين صدين اندر ٿر ۾ مهاماري يا ڪاري ڪالرا دوران بي حد ۽ حساب سندن ’خاتمو‘ ٿيندو رهيو هو. پر اک ڇنڀ ۾ سندن وڌندڙ آدمشماري جو انگ اڳوڻن رڪارڊن کي ٽوڙيندو گهٽو گهٽو اڳتي وڌي ويو هو.

ان ڪان علاوه اها به سُڌِ پئي آهي ته انهن ٿرين ۾ لوهاڻن جو ڳپل ڪان سرس انگ ڪوچڙن ۽ ڪبوترين جي مُک مان آهي صرف لوهاڻڪو ملمغو- ڪرچي صاف ڪرڻ جي دير لڳندي. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن شيعي ڪميونسٽ کي ڪرچبو ته هو اصل ۽ خالص ’شيعو‘ ظاهر ٿي پوندو. باقي پاڇي وڃي ملمغو بچندو.

ان ڪان علاوه تحقيق مان اها به سُڌ پوي ٿي ته لوهاڻن جي غالب اڪثريت اندر سندن نسن رڳن ۾ ٺاڪر، راڻن، راٺورن، ڪولهين، اوڏن، ڀيلن وغيره جي ’گڏيل رت ائين گردش ڪندي چلڪندي رهي ٿي جيئن قديم روس ۾ اصلوڪي جرمن سلاف نسلن ۾ يارهين-چوڏهين صدين دوران ايشيائي نسل جي ڪاهون ڪندڙ جنگجو وحشي تاتاري قبيلن جو خون لهرن وانگر چلڪندو ڏيکاربو هو ۽ ان ڪارڻ روسي لوڪ ايشيائي ماڻهن ڪان بالشويڪ انقلاب تائين سخت نفرت ڪندا رهيا هئا. لوهاڻا به ان سبب مٿي ڄاڻايل ڪجهه هيٺين ذاتين لاءِ سخت ڌڪار رکن ٿا.

هونءَ به مڪسڊ بريڊ اندر، بيوفائي، طوطا چشمي، ويساهه گهاتي جا ناڪاري عنصر ٻين ذاتين ۽ قوميتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهارا، پختا، گهڻا ۽ اونها ٿين ٿا. ان نڪتي تي ويچاريندي مون کي پنجاب، ڪشمير ۽ دنيا جا اڪثر ريگستاني علائقا (جن ۾ سنڌ جو ٿر به شامل آهي) وغيره ياد پون ٿا. ڪجهه ذاتين، قوميتن جي خصوصي ناڪاري خصوصيتن ڪارڻ اسان جي ڪلچر اندر انيڪ ضرب المثل چوڻين، پهاڪن ۽ ڪهاوتن به جنم ورتو. جيئن اڪثر چيو ويندو آهي ته زهريلو نانگ ۽ ڏيراوال پور وڇوٽي مفاصلي تي ويندا ڏسو ته نانگ کي ڇڏي ڏيراوال جو خاتو آڻڻ اولين فرض بڻبو، ۽ ساڳي چوڻي نانگ ۽ ٻهاري تي به ٺهڪي اچي ٿي. ۽ هاڻوڪي مهل لوهاڻڪي، مهيشوري ذهنيت سان به ان ڪهاوت جو گهرو سنبنڌ جڙيل آهي.

ان سلسلي ۾ هڪ پراڻي ياد تري آئي اٿم. سنه 1972ع ۾ مون وانگر ڪامريڊ غلام محمد لغاري به سنڌ مان تڙجي جلاوطن ٿي ڪوئٽه ۾ اجهو ورتو هئائين. ملڪ عثمان ڪانسي بلوچستاني گانڌي شهيد عبدالصمد اڇڪزئي ڪانپوءِ اهو ساڃاهه وند دانشور ڪاٻي ڌر ڏانهن لاڙو رکندڙ سياستدان هو جنهن جي پڪن پختن يارن ۾ خان ولي خان، غوث بخش بزنجو، نواب اڪبر بگٽي،



from right Nawab Bugti then mr.Bhutto talking to saifur rehman mazari,and with bhutto nawabzada Rehan Bugti and small kid with turban is salal bugti... Marriage ceremony of nawabzada Rehan Bugti 1975

نواب خير بخش مري، سردار عطا الله مينگل، عبدالله جان جمالديني، سردار شير باز مزاري، سردار نسيف الرحمان مزاري ۽ محمود علي قصوري- افغانستان وارا سردار دائود، نور محمد ترڪئي، ٻيرڪ ڪارمل، سليمان لائق، عنايتا راتبزاده، ڊاڪٽر نجيب وغيره- ۽ پوهومل، ٺيڪيدار عبدالله جان ڪانسي (مشهور ايمل ڪانسي جو پيءُ ۽ پوهو جو سيٺ) ۽ انيڪ ٻيا هئا. ملڪ عثمان نهايت سچو سيبتو مخلص هڏڏوڪي دوست ۽ ارادي جو پڪو پختو آدرشوادي سياستدان هوندو هو. ان ڪارڻ اسان جي حلقي ۾ ڪيس ’سياسي معصوم‘ چوندا هئاسون. اگر هن وقت حيات هجي ها ته ڇيانوي سالن جو واهه جو هجي ها. اسان ٻنهي تڙيلن جو به گهاٽو هم مشرب ۽ هم مسلڪ يار هو. سنه 1973ع ۾ پراسرار حالتن هيٺ گورنر بلوچستان نواب اڪبر بگٽي کيس پنهنجو مشير به بڻايو هو.

ان ولوله خيز دور ۾ هڪ ڀيري- سنه 1973ع ۾ ملڪ عثمان ۽ غلام محمد لغاري منهنجي ڪٽيا اندر آيا ۽ حسب حال ۽ حسب معمول چانهه جو دور هلي رهيو هو. اوچتو لغاري مٿان قنوطيت ۾ ويڙهيل حقيقت جو دورو پيو. شايد غربت جي پيهه، حالتن جي ناسازگار سنڌ جي مٽي ڪان دوري، پنهنجي ڌرتي سان ٿيندڙ لاڳيتو ڏوهه، دولاب ٺڳي وغيره جهڙا محرڪ به ان حالت جو ڪارڻ هئا. ملڪ عثمان کي مخاطب ٿيندي چيو هئائين، ”سندس هياءُ ڦاٽي ٿو.“ ۽ ساڻس من جو حال اوڳاڇڻ ۽ ونڊڻ پئي چاهيائين. ملڪ وراڻي ڏيندي ’پاڻ هلڪو‘ ڪرڻ لاءِ خلوص سان همٿايو هئس.

لغاري ڄڻ ڦاٽندي چيو هئس،

”ملڪ صاحب، اسان امن جا ڪانگي انسان صدين ڪان ٻاهران آيل رت پياڪ جبرن ماڻهن ۽ قومن جا ستايل پئي رهيا آهيون. ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ پناهگير جي وڌندڙ پيهه ۽ پنجابين جي زوراور پاٽاري ۽ سنٺ اسان جي جسم ۽ جان تي ڄوَرن جيان چهٽيل آهي- ۽ ان مٿان توهان پٺاڻ به اسان کي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪندا ڪا وٽي، ڪو لنگهه، ڪو ڳٽ ڪونه ٿا ڏيو ته پنهنجي جياپي لاءِ ڪا ڪرت ڪري سگهون. پنهنجي وطن ۾ بي وطن ۽ بي اجها ٿي ويا آهيون.“

ملڪ ۽ مان پٿر جي بت جيان بي حس ڪيس ڏسندا رهياسون.

”توهين خدا وانگر هر جا حاضر ناضر آهيو: نوڪر شاهي، فوج، ٺيڪيدار، بابوگيري، بينڪن ۾ سيڪيورٽي گارڊ، باغن ۾ مالهي گيري، اسمگلنگ، گهٽين اندر ڪتن جو لوڏ ۽ سيٽين جي واڄ سان پهريداري، معدني کاڻين جي ڪوٽا ڪٽڻ ۽ مالڪي، ٽيڪسي رڪشا ڊرائيوري، ٽرانسپورٽ- ۽ بوٽ پالش جهڙو خصيص ڌنڌو به ڄڻ توهانجي جاگير بڻيل آهي. پڪ هُن بازار ۾ به پنجابين ڪشميرين وغيره سان گڏ اوهين ئي اڳرا ۽ ڀهه ڀهه ڪندا ڏسجو ٿا. هينئر ٻڌاءِ ملڪ صاحب، اسين جيئرا ئي دوزخ ۾ آهيون نه؟“

ملڪ جي اکين ۾ آلاڻ نظر آئي هئم ۽ لغاري کي ياڪر ۾ ڀيڪوڙي ڪا مهل سندس ڏڪائيتو سور پاڻ ۾ جذب ڪندو رهيو هو.

مٿي ڄاڻايل وان گاگي پينٽنگ جيهي حقيقت موجوده ٿري ذهنيت، پڪڙ ۽ بيهه سان ڪيڏي نه مشابهت رکي ٿي. پٺاڻ کي سختي سان مذهب سان bracket ڪرڻ انصافي ٿيندي. پٺاڻيت هڪ رويو آهي، هڪ ڪيفيت آهي جنهن جي هٺ ۾ دين ۽ دنيا پنهنجي ذات (self) جي اوسر، واڌاري لاءِ هر وقت هڪي تڪي حاضر رهي ٿي. ساڳي ريت خاص طور لوهاڻي يا مهيشوري ٿري جي هٿن ۾ به ڌرم ۽ سنسار، ٻيئي ڪينهون، ميراجي جي ’گولن‘ جيان هر مهل سندس پنهنجي اُنتي لاءِ پٺاڻي روئي ۽ ڪيفيت جيان موجود هوندا آهن. انهن ٻنهي- پٺاڻي ۽ ٿري- ۾ صرف هڪ واضح فرق موجود آهي: پٺاڻ پنهنجي سرڪشي اندر سرڪش آهي ۽ ٿري پنهنجي ميسٽائپ اندر ڪانئس گهٽ نور ۽ بيدود ڪونهي. جيڪڏهن منجهس گهرو وڃبو ته سندس ذات اندر ٺمبڪٽو ۾ رهندڙ ’ڪاسوَري‘ قبيلي جا اهڃاڻ ۽ افعال بخوبي پسي سگهبا. هنن کي ڏسي مون کي رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري جا تاريخي ٻول ڪارڙا، ڊينبڙا، پتڪڙا ياد ايندا آهن. قدڪاٺ بت ۾ واهه جو ساڻن برميچي اچن ٿا پر، ’افعالن‘ ۾ هنن جي ڪاري ڪاپي پاسندا آهن.

(هلندڙ)

# ليڪا، لڪيرون ۽ دائرا...

شوڪت لوهار

هن جي پنن تي ڳرو پٿر رکيل آهي ۽ هو اولمپڪ جبل تي لهي ۽ چڙهي رهيو آهي. زندگي ائين سسيفس جي سزا بڻجي ويندي ڪڏهن سوچيو به نه هو. زندگي ڪنهن ڪُن جيان آهي جنهن ۾ پاڻي ولوڙ ماڻهو کي پنهنجي طاقتور ڀنور ۾ آڻي بي حس ۽ بي يارو مددگار ڇڏي ڏي ٿي. اسين سڀ زندگي جي هڏائين پڃري ۾ تبديل ٿي رهيا آهيون. وقت هڪ مُردار ڳجهه بڻجي اسان ڏانهن ڏسي رهيو آهي. ڪڏهن ٿي ساهه جي تند ٽُٽي ۽ اسين انهن مُردارن جي پيٽ جو ٻل ٿا بڻجون. ڳجهن جي انتظار جا پئمانا لبريز ٿي رهيا آهن. سفر جيڪو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي، سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي ٿو پر سفر ختم نٿو ٿئي. سفر جيڪو ازل کان اسان جو مقدر بڻيل آهي. ابتدائي سفر، انتهائي سفر، شروعات ئي روئڻ سان پڄاڻي به لڙڪن تي. اوهان کي سيڪو ڇڏي وڃي پر سفر ڪو نه ٿو ڇڏي. سفر اسان جو ازلي ساٿي آهي.

ننڍڙا هئاسين ته خواهشون ۽ خوشيون به ننڍڙيون هيون، وڏا ٿياسين ته خواهشون ۽ خوشيون به وڏيون ٿي ويون. پتڪڙي وهي ۾ ڳالهيون به پتڪڙيون ته اُميدون به پتڪڙيون. وڏي ٿيڻ تي اُميدون به وڏي وڻ ٿيون. پيدائشي ڪو به ماڻهو ڪرپٽ نه ٿو ٿئي. پيدائشي ڪو به چور نه هوندو آهي. پيدائشي ڪو به بي ايمان نه هوندو آهي. پيدائشي ڪو به اخلاقيات جي ڪوڙڪين ۾ قاتل ڪو نه هوندو آهي...! اُوئان اُئان جي پڙاڏن ۾ اچي ڪير جي ندين جو گجگوڙ آهي. مندرن جي گهنڊين جو آواز آهي. بانبڙا پائڻ ۽ ٿابڙجڻ ۽ وري پير پير ۾ ڏيئي هلڻ واري وقت، ڪو به سسئي جهڙن اڙانگن پنڌن کان واقف ڪو نه هوندو آهي. اسان جي شناخت سماج طئي ڪري ٿو. ڪي جبري طور اسان جي ڪنڌ ۾ هٿ وجهي قسمين قسمين ماسڪ اسان کي پارايا وڃن ٿا ۽ اسين بقايا سڄي زندگي انهن ماسڪن جي پٺيان لڪيل پنهنجي خوبصورتي بدصورتي چاهيندي يا نه چاهيندي لڪائي هلندا رهون ٿا . هلندا رهون ٿا. اسين جيڏو ٿا پنڌ ڪيون، پنڌ ايڏو ئي طويل ٿيندو ٿو وڃي. پنڌ جو ڪو ڇيڙو ئي ڪونهي، ڪو ماڳ مڪان نه آهي. منزل کان اسين اڻ سونهان بن ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون.

اسين ڪنهن ويسر جي مريض جيان پنهنجي منزل وساري ويٺا آهيون. اسين ڀٽڪي ويا آهيون. اسين لاشعور جي اسٽور روم ڪي ڪٿي وساري آيا آهيون. اسان کي خبر ئي ناهي ته اسين ڪير آهيون؟ سڀ نالا، سڀ شناختون خيرات ۾ مليل آهن. فقير جي ڪشڪول جيان سڀ ڪجهه گداگري جي دينَ آهي. اسان جو پنهنجو ڪجهه به ڪو نه آهي. منهنجو پنهنجو ڪجهه به ڪو نه آهي. اوهان جو پنهنجو ڪجهه به ڪو نه آهي. مون وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. مون وٽ مُسراهٽن جي مُٺ بدران، ڪنهن کي آڇڻ لاءِ لڙڪن جي لڙي آهي. مون وٽ ڇا، اِها لڙڪن جي لار ته سڀ ڪنهن وٽ آهي، اسان سڀني وٽ آهي ڪنهن جي لڙڪن جي لوڙاٽ ۾ گهرو اثر آهي، ڪنهن جي لڙڪن جي لوڙاٽ ۾ ڦڪائپ آهي. سڀ روئي رهيا آهيون. ماڳ، مڪان وڻ ٽڻ سڀ اوڇنگارون ڏيئي رهيا آهن. آڳنڌ ۾ بيٺل ٻڙ جو وڻ هوا هلندي اوڇنگارون ڏيئي روئي رڙيون ڪري ٿو پوءِ پنهنجي اندر جو اوٻر وڻ هوندي به ڪير جي صورت ۾ مون سان پٽر پيئي ٿو. سڀ روئن ٿا سڀ گل، گلاب، چنبيلي سرنهن ڦلار هو ڏس پوڙهي نم جي وڻ کي جيڪو هاڻ زندگي جي طوفانن اڳيان شڪست تسليم ڪري ويو آهي، جيڪو هاڻ ان بيمار پوڙهي جيان چيلهه چٻي ڪري اجهو زمين تي ڪريو. اهو به روئي روئي ٿڪجي پيو آهي.

هي سائي چبر جي چادر جنهن جي مقدس منهن تي لتون هڻي هڻي اسين ٿڪا آهيون اِها به هاڻ ٿڪجي پيئي آهي، انهيءَ به هاڻ اسان جن لتن بدران پاڻ وڇائڻ کي وڏيڪ ترجيح ڏني آهي. هي مٽي هاڻو پراڻو فوٽن جو البم پڻ مون تي چٿرون ڪري رهيو آهي. هن ۾ شامل سيئي فوٽا بنا سڃاڻپ جي پنهنجي هر رخ تان هٿ کڻي چڪا آهن. هي فوٽو سڃاڻپ ۾ ئي نٽا اچن ڪير ٿو چئي ته هي منهنجا آهن؟ ڪير ٿو چئي ته آئون ڪو ننڍڙو ٻار هئس ۽ بابا جي ڪلهي تي چڙهي فوٽو ڇڪرايو هوم؟ ڪير ٿو چئي ته امڙ جي هٿن سان چوري کائيندي ڪنهن منهنجو اهڙو پوز ڪيمرا ۾ قيد ڪري ڇڏيو. وري هي فوٽو نيڻگ ٿپا ڏيندي ٿين جي سليٽ هٿن ۾، جيڪا وچان ڀڳل آهي ۽ منهنجي ڳلي جا بٽڻ به ٽٽل آهن هي فوٽو هي منهنجو آهي؟ ٽڏا ساهه- پاڻي جو ٽڏو گلاس ۽ چشمي پٺيان آيل بي منداٽتو مينهن سڀ ڪجهه ”جر تي فوٽو جيئن لهرون لڳندي اڏ ٿئي.“ سڀ ڪجهه ويسر جي ور چڙهيل بلڪل گهڀرايل گارشيا مارڪيز جي هڪ سئو سالن جي اڪيلائي واري جڳ مشهور نوبل انعام ناول وانگيان جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو هڪ شهر جي آڪاڻي جتي خانه جنگي کانپوءِ ماڻهو سڀ ڪجهه وساري ويٺا آهن، انهن کي هڪ ويسر جي بيماري ورائي ويئي آهي. هو شارٽ يا لانگ ٽرم ميموري جي وچ ۾ ڦاٿل آهن. هنن هر شيءِ جي نانءُ مٿان ٽيگ لڳائي ڇڏيو آهي. ڇهرن جي مٿان ڇهرا چاڙهي ڇڏيا آهن هي اسڪول آهي، هي اسپتال آهي هي روڊ آهي هن کي ڪار چئبو آهي هي هٿ آهي هي ٻانهن آهي هي نڪ آهي، هي ڀاءُ آهي هي ڀيڻ آهي هي بيضو آهي هي ماني آهي هر شيءِ جي مٿان ٽيگ لڳل آهي...!

صبح کان شام تائين وقت جو ڇپو زندگي جي ٻيڙي کي مسئلن جي گهري سمنڊ ۾ الائي ڪهڙي طرف ڌوڪي رهيو آهي. هوا هلي رهي آهي، ڪنن ۾ ڪنهن جون چيخون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن رات آهي سانت آهي. پري پري تائين ڪو به نه آهي، ڪو به نه آهي ويراني آهي، اڪيلائي آهي سواءِ رڪي رڪي ڪنهن گدڙ جي اوناڙ جي. مان آهيان؟ مان ڪٿي آهيان؟ مان آهيان ئي ڪو نه...!

ماڻهو پنهنجي ئي لاشي کي سر تي ڪنيو پڇندو وتي ٿو ته آئون ڪٿي آهيان؟ هُن کي ڪو به نٿو سڃاڻي هن شهر ۾ هر ڪنهن کي هڪ بيماري لڳل آهي هر ڪو پڇي رهيو آهي. هر ڪو سفر ۾ آهي... لاشعور جي هڪ ڌنڌلي ريل هلي آهي.



هاسٽل جي حُسناڪين پريل سڳندي ڏيهاڙن ۾ وقت ئي وقت هوندو هو، وقت، جنهن ڪنهن سان به وفا نه ڪئي آهي . اهو وقت ايتري وافر مقدار ۾ موجود هو جو اسين ڪنهن سخي ”امڙ“ جيان هن جا (وقت جا) ٻُڪ ڀري دوستن جي بي چين دلين کي ڀري ڇڏيندا هئاسين. ڳالهيون جيڪي ماڻهوءَ جي زندگي جي ڪالب جون ڪچيون سرون ناهين ٿيون. ڳالهيون جيڪي اندر ۾ ٻرندڙ لاون کي هڪ وهڪ ڏين ٿيون، ڪُٽڻ جو نالو ئي نه وٺنديون هيون. سوچيان ٿو ڪاش! اِهو ڪيمپس وارو وقت واپس اچي وڃي ته هن وقت ۾ هن وقت جي بي چيني کي چين ملي وڃي، سڪون ملي وڃي، آرام ملي وڃي، زندگي جي حددخلين کي انهيءَ وقت جي وسيع ۽ ويڪري زمين ارپي ڇڏيان! پر ويل وقت ڇٽل تير جيان آهي، ڪٿي ٿو واپس اچي سگهي؟ ڪيسو ڦل جي خوشبو جهڙي هڪڙي دوست چوائي موڪليو ته يار وساري ڇڏيو اٿئي؟ مون چيو مانس وساري مون نه ڇڏيو آهي. دراصل وقت جي واڳون وات ۾ تون به ڦاسي پيو آهين ۽ مان به ان جي نوڪيلن ڏندن ۾ ڦٿڪي رهيو آهيان. خبر ناهي ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون. ٽڏو ساهه ڀري چيائين ته سچ ٿو چئين. خواهشن جي ’ڀهول ڀهليان‘ آهي، ڪٿي بند گلي ۾ ڦاسي ويا آهيون اسان سيئي.

سفر جي سرخابي پرن تي خوشبو جي ڏورانهين جزيرن کان ٽم ٽم ڪندڙ ستارن تائين مون وٽ هن رات جي هن پهر ۾ سڀ ڪجهه آهي؟ اڪيلائي آهي، جدائي آهي، درد آهي سڀ ئي منهنجي چوڌاري موجود آهن بس هڪ تنهنجي ڪمي آهي تون ڪٿان اچي وڃ ته هن سفر جي پيرن ۾ ڪي ڏانوڻ پون ۽ وقت جو اڏام ڪٿولو جهٽ لاءِ مون کي هن پرٿوي تي ساهه کڻڻ ڏي. تنهنجي اچڻ جي احساس ۾ اسين ڪئين صديون جِي ويا آهيون، مان، منهنجي اڪيلائي، منهنجو درد! بس جهٽ سان تون ڪٿان خوشبو سان گڏجي هوائن ۾ شامل ٿي هلي آ ۽ هن سفر جي پڄاڻي جو اعلان ڪر ۽ پنهنجي ڪٽٿهار مُک سان مرڪن جا ڳاڙها ياقوت وکير، هن زندگي کي ڪو نانءُ ملي پوي ۽ هن اباڻڪي روح کي ڪو چين قرار نصيب ٿي سگهي ۽ مان پنهنجي ڪلهن تان سفر ۽ انتظار جو هي ڳرو پٿر لاهي ڪو اطمينان جو ساهه کڻان. ■






## حنيف عاطر

تنهنجي دل کي ماپڻ تورڻ چاهيان ٿو
تو منجهه پاڻ کي آئون ڳولڻ چاهيان ٿو
شوق آ مونکي ڏاڍو غوطا خوري جو
نيڻن جي مان ڊنڊ ۾ اُترڻ چاهيان ٿو
منهنجي پيار جي خُوشبو پهچي تو تائين
پتين وانگر چؤڏسَ وکرڻ چاهيان ٿو
مون تي تنهنجي ڪاش پوي ڪا نيڪ نظر
بگڙيل آهيان، هاڻي سُڌرڻ چاهيان ٿو
منهنجي هر تخليق تي تنهنجو رنگ چڙهي
توتي هر پَل منڙي سوچڻ چاهيان ٿو
پنهنجي مَن جي تار کي ڇيڙي، تو اڳيان
خاموش جو تالو کولڻ چاهيان ٿو
منهنجو مقصد آهي توکي پائڻ رڳو!!
اَڻ ڄاتل رستن سان پَرچڻ چاهيان ٿو
تنهائي جو ميلو آهي چؤپاسي
وقت سمورو تو وٽ گهارڻ چاهيان ٿو.
جهڙي پي ڏي شڪل هُوءَ مونکي مرضي سندس
ميڻ جيان عاطِر وگهرڻ چاهيان ٿو.

عشق وڏي آ منهنجي جهول ۾ رُسوائي
آئون تَماشو، سارو شهر تماشائي
ياد هميشہ رهندي منهنجي قدمن کي
هڪڙي ٺوڪر، جنهن آ بخشي دانائي
پنهنجي پاڻ کي ڳولڻ مشڪل ٿي پيو آ
ساموندي ڪا نيڻ ۾ آ گهرائي؟
مرضي، جنهن جي دل ۾ جاءِ ٺاهي وٺن
حاصل ناهي دردن کي ڪا بينائي
گونگن وانگر لوڪ سمورو آ هتڙي
پاڻ ٻُڌان ٿو پنهنجي من جي شرنائي
پيار تو ڪنهن کان ورتو هوندو، ياد تہ ڪر
تنهنجي دَر تي وينو آهي قرضائي
عرصو ٿيو آ، نيڻ نگر ۾ جاڳي پئي

دِل جا ڪي ارمان سجائي تنهائي
تنهنجي ڪارڻ مهڪيا گهر جا گُلدستا
ڪونہ ڏِٺي مون اڳ ۾ اهڙي رعنائي
تنهنجي مَن ۾ دريا آ، سو مُون لئہ آ
پياسو پنڇي آهيان آئون صحرائي
روز نوان الزام اسان جي قسمت ۾
روز اسان جا بيان، اسان جي شنوائي
پيوندڪاري ڪير ڪندو تِن زخمن جي؟
عاطر جيڪي اَرپي وئي آ، هرجائي.

جيڪو پنهنجي هو دلين سانڀي رکيو
راز ناهي سو پتين سانڀي رکيو
هي اسان جي ضبط جو آهي ڪمال
دل جي ڳوڙهن کي اکين سانڀي رکيو
تنهنجي قدمن جي نشانن کي پرين
ڳوٺ جي مِڙني گهٽين سانڀي رکيو
تو ڪراچي کي وسايو ٺر ڇڏي
پر گهڙو تنهنجو سڪين سانڀي رکيو
وَس گهٽائي لوڪ ڳولڻ جا ڪيا
عشق پنهنجي کي ڪتين سانڀي رکيو
ٻُڪ ۾ پاڻيءَ پيئان ٿو اُن ڪري
تنهنجو ڇهر آ، ترين سانڀي رکيو
چنڊ جي مان بيقراري ٿو ڏسان
سُونهن تنهنجي کي درين سانڀي رَکيو
تو هٿن سان رنگ آ، جيڪو پريو
سو اجان تائين رَلين سانڀي رکيو
پياس جو عاطِر ڇپن تي رقص آ
رَس انگوري وَلين سانڀي رکيو.

وئي ڳالهہ دل جي ڄاڻي
ڪو فڪر ناهي هاڻي
هُوءَ اپسرا اکين سان
وئي مونکي آهي ڇاڻي
منهنجا ڏِسي اوجاڳا
روئي ڏِنو وهاڻي
پُلجي بہ ايندي ناهين
سانئڻ جمعي چنڊاڻي
هر دؤر ۾ آ پيڙهيو
منهنجو وجود گهاڻي
هر ٻول پنهنجا مِٺڙا
وئي روح ۾ آ واَڻي
سامهون اُجان انڌيرو
بيٺو آ سينو تاڻي
ٿيندي مراد پُوري
اڄ يا وري سُياڻي
بَدلو نہ ڪنهن کان وٺجي
سچ ڪنهن چيو سياڻي
ويڙهيو وري آ من کي
هڪ حادثي پُراڻي
پٿرن جي فطرتن کي
تو آئينو سُڃاڻي
راتين ڪان ڄاڳ ورتي
مومل جي لاءِ راڻي
هلندي هُوءَ توڙ تائين
بهتر خُدا تو ڄاڻي
مَن ٿي وڃي تو عاطِر
غمگين شام ڪاڻي

چُمي جيجل ڇا پيشاني
لٿي هر ڪا پريشاني
ملي ٿو ياد ۾ تنهنجي
اسانکي چين روحاني
طبيعت آ فقيري، پر
ڏسي ڪو دل جي سلطاني
رکي تاريخ ٿي سانڍي
اسان جي چاڪ داماني
زمانو ڪاش لفظن جي
ڪري ڄاڻي قدرداڻي
لَڏي ويو ڳوٺ خُوشبو جو
نگاهُن ۾ آ حيراني
ڏيئا جيڪي ٿيا روشن
ڪيو تِن جي نگهباني
اوهان ٻن روز راتين جو
ڪري تَو درد مهماني
سنگهر صحرا جا پيرن ۾
تصور ۾ خياباني
ٽُڏيءَ تو عاجزي منهنجي
ائين ناهي ڪٻو جاني
هي احساسن کي ڪُچلڻ جو
روّيو ناهي انساني
اکين ۾ خامُشي آ
مگر سيني ۾ طُغياني
ڪري پيو رهبري عاطِر
اسان جو عشق لافاني. ■



خليل عارف سومرو

## غزل

عاشقي جو سفر هيو
ڏر تتي جو سفر هيو
ساٿ ھُن جو هيو الئہ؟
روشني جو سفر هيو
هٿ هٿن ۾ سمنڊ تي
هي خوشي جو سفر هيو
جيئن تيئن هو نڀائڻو
دوستي جو سفر هيو
ڇا چوان ڪيترو ڏکيو
زندگي جو سفر هيو
مست جذبن جو رقص هو
بي خودي جو سفر هيو
درد عارف شروع ڪيو
شاعري جو سفر هيو

يا تہ تنهنجي پچار هوندي آ
يا وري تنهنجي سار هوندي آ
ڏوھہ منهنجو ڪٿي ھُجي نہ هجي
تنهنجي مون تي ميار هوندي آ
ڪي تہ آواز ڪونہ ٻُڌبا ھَن
ڪا تہ چُپ ۾ پُڪار هوندي آ
فڪر گهرو نواڻ سوچن ۾
شاعري ۾ اُڏار هوندي آ
پُڇ گذارو نہ ان ملازم جو
جنهن ڪي سڪٽي پگهار هوندي آ
ھُوءَ ايندي خليل عارف آ
موج مستي بهار هوندي آ.

تنهنجي مَن ۾ لَهي رهيو آهيان
عرش ڪان اڳتي ٿي رهيو آهيان
هار ٻانُهنَ جو تو وِڌو آهي
روح تائين ٺري رهيو آهيان
جنهن طرف ٿو اکيون کڻان سائڻ
توکي هر جاءِ ڏسي رهيو آهيان
ڪلھ پُڇيم حال چنڊ ڪان تنهنجو
اڄ هوا ڪان پُڇي رهيو آهيان
تو جو مُرڪي جڳھ ڏني دل ۾
جڳ جي اس ۾ ڇُپي رهيو آهيان
روز ملندا سبق نوان آهن
روز جڳ ڪي پڙهي رهيو آهيان
جيئنءَ سگريٽ ٻرندو ويندو آ
تيئنءَ مان پيي ٻري رهيو آهيان
آهي ڪو ساٿ ڏئي بچائي جو
مَن ئي مَن ۾ ٽُٽي رهيو آهيان
عشق ورتو وجود جڏهن ڪان
مان تڏهن ڪان لڪي رهيو آهيان
دؤر اهڙو خليل عارف آ
سَچُ هوندي ڊڄي رهيو آهيان.

پيار جي دل مُنتظر آ
ڪانہ پئي ڪنهن جي نظر آ
عاشقي جي رهگذر آ
روح منهنجو دربدر آ
ساٿ ڪنهن جو ڪونہ آهي
۽ ڏکيو ڏاڍو سفر آ
خواب هڪڙو ئي ڏٺو هو
سوبہ ٿي ويو منتشر آ
هر طرف هن ڪي ڏسان ٿو
ايترو دل تي اثر آ
سچ سوليءَ تي بہ چئجان
ياد بابا جو اکر آ
پئہ پراٽو ڪونہ ٿيندو
مون ڏٺو اهڙو وکر آ
ميڙي عارف ڪي اچي ڪو
ٿي ويو ٽوٽا ٽُڪر آ
سادو سودو آهي عارف
هي زماني ڪي خبر آ.

ڇٽو سچ ۽ جا سنئين ڳالھہ آهي
اهائي تہ يارو نئين ڳالھہ آهي
سچائي تي دنيا چڙي پوندي آهي
چريئي ھُن ڪي مُنهن تي هنئين ڳالھہ آهي
ٻُڌي ئي نٿو ڪُوڪ ڪويل جي ڪوئي
پڪي لات ۾ ڪا لنئين ڳالھہ آهي
سفر شاعري ۽ ڪهاڻي جو ساڳيو
لِکڻ واري دل جي ڪنئين ڳالھہ آهي
ڇپن تي نہ ٿي ڳالھ دل جي ڪا آٽين
اکين سان ٿي ليڪن چئين ڳالھہ آهي.
سبق توکي دنيا ڏنا ڪيڏا عارف
تہ پيي وڃ، ٻين جي پئين ڳالھہ آهي.

سُونهن جي تخت تي پڳو آهيان
ڀاڳ سان بخت تي پُڳو آهيان
هيءُ ڪهڙو جهانَ آهي جو
تو لڳي دشت تي پُڳو آهيان
لال شهباز ڪان ڇُڪي پئيندس
تنهن ڪري مست تي پُڳو آهيان
سنڌ سان عشق ئي ڏيندو منزل
ڏڳ زبردست تي پُڳو آهيان
دير ھُن ڪان خليل عارف تي
مان تہ ڏِسُ وقت تي پُڳو آهيان.

## وايون

اکيون ڳاڙهيون لال،
آهن گيڙو ويس ۾
ڪهڙي گُهلي آ هوا،
ڏرتي تنهنجا حال
آهن گيڙو ويس ۾
سانجهيءَ جو آڪاش ڏئي
جيڪي ٿو احوال
آهن گيڙو ويس ۾
رقص آ مقتل گاھہ ۾
لڳندي ڪا ڏمال
آهن گيڙو ويس ۾
صوفياڻي سوچ آ
عارف جا خيال
آهن گيڙُو ويس ۾.

ڪا ڳر، خط، ڪتاب
پين رکي آ ميز تي.
منهنجون بہ ٿي ڊائريون
ان سان گڏ گلاب
پين رکي آ ميز تي
هن جو ڦوٽو هڪ طرف
رکيو آ ڇڻ خواب
پين رکي آ ميز تي
مون ڏي تو آ موڪليو
تحفو لاجواب
پين رکي آ ميز تي
ڇتي ملي چاھہ جي
عَارف لِک جواب
پين رکي آ ميز تي. ■






# كيئن ريجهايان توكي...

ڊاڪٽر شير مهراڻي

’كيئن ريجهايان توكي‘ فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جي كلام جو مجموعو آهي. جيكو پروفيسر شمشاد احمد سومري ترتيب ڏيئي سهيڙيو آهي. كتاب ۾ فقير سليمان شاهہ جون 117 كافيون، 21 بيت هك ٽيهہ اكري ۽ ٻہ خطبا شامل كيا ويا آهن. پروفيسر شمشاد سومري اهو پڻ چيو آهي،

”جيكڏهن كيس سليمان شاهہ جو وڌيك مواد هٿ آيو تہ هو كتاب جي ٻي ڇاپي ۾ ضرور شامل كندو.“

كتاب جي سهيڙ ۾ سومري صاحب ضرور محنت ۽ جانفشاني كان كم ورتو آهي. پر ڊاكٽر نواز علي شوق صاحب سان جڏهن منهنجي ذاتي ملاقات ٿي ۽ كتاب جو ذكر نكتو تہ ڊاكٽر صاحب چيو،

”كجهہ سال اڳ كنهن ماڻهوءَ (اهو ماڻهو پروفيسر شمشاد سومرو نہ هو) ساڻس رابطو كري اهڙي خواهش جو اظهار كيو هو تہ هو فقير سليمان شاهہ بودلائي جو كتاب ڇپائي رهيا آهن. جيكڏهن توهان وٽ فقير سائين جو كلام موجود آهي تہ اهو كين ڏنو وڃي تہ جيئن كتاب ۾ شامل كجي.“

ڊاكٽر شوق صاحب ان ماڻهوءَ كي هاكاري ورندي ٻہ ڏني ۽ چيو،

”وٽس كجهہ بياض آهن جن ۾ فقير سليمان شاهہ جو كلام آهي. هو اهو كلام سهيڙي سندن حوالي كندو. كي سال ٿيا جو رابطو كندڙ ماڻهو غائب ٿي ويو.“

تان جو مون ڊاكٽر شوق صاحب كي ٻڌايو،

”فقير سليمان بودلائي جي كلام جو مجموعو اچي ويو آهي.“

ڊاكٽر صاحب خوش ٿيو ۽ اهو كتاب پڙهڻ جي خواهش ڏيكاريائون.

چوڻ جو مقصد آهي تہ پروفيسر شمشاد سومري فقير سليمان شاهہ بودلائي جو كلام سهيڙيو تہ ضرور آهي ۽ كتاب جي مقدمي توڙي پيش لفظ ۾ انهن محنتن ۽ جاكوڙ جو ذكر پڻ كيو اٿائين تہ كتاب جي سهيڙ لاءِ هن كيترا كشالا كاٽيا- پر خبر ناهي ڇو هو ڊاكٽر شوق صاحب تائين نہ ويو. جتان كيس وڌيك كلام ملي پئي سگهيو. رهي ڳالهہ كتاب جي ٻي ڇاپي جي تہ اساسي ادب وارا كتاب هك تہ ورهين ۾ ايندا آهن ۽ انهن جا ٻيا ۽ ٽيان ڇاپا شايد ئي اچي سگهندا آهن. اساسي ادب/شاعري جي تاريخ ان جي گواهہ آهي.

پروفيسر صاحب كتاب جي مقدمي ۾ كجهہ ڳالهيون/حكايتون درج كيون آهن. جن مان هن فقير سليمان شاهہ بودلائي جي شخصيت ۽ سندس كن ٻالكن/خاص مريدن بابت ڄاڻ ڏني آهي. پر حكايات ۾ ٻولي غير فصيح ۽ غير بليغ كتب آندي وئي آهي. جيئن هيءَ حكايت ڏسو،

”فقير ميانداد توكل جو صاحب هو، رزق رازق تي باقي وٽس ماني كانہ پڇندي هئي. البتہ جي كنهن كي خبر پئجي ويندي هئي تہ فقير وٽ كو ماڻهو آيو آهي تہ ماني كڻي ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ محمد فقير كٽياڻ پنهنجن ڳانئڻن ۽ ٻالكن جي ٽولي سان گڏ هلندڙ ڦرندڙ هو. سيڌو سامان سڄو پاڻ سان كڻي هلندو هو. محمد فقير پير صاحب پاڳاري جو مريد هو. سو درگاهہ تي پنهنجن ٻالكن كي چيائين، ’هاڻي فقير ميانداد وٽ ٽا هلون ۽ سڀ سيڌو سامان سنڀالي كڻو جو فقير وٽ ماني كانہ ٿي هلي. هو پاڻ توكل تي وينو آهي.‘ جڏهن فقير وٽ آيا تہ محمد فقير پنهنجن ٻالكن كي وڏي آواز ۾ چيو، ’هت فقير وٽ ترسنداسين اوهين سيڌو پاڏو كيو. ۽ ماني جي تياري كيو.‘ تڏهن فقير ميانداد، كٽياڻ فقير كان پڇيو، ’ تون سڀ سيڌو پاڏو سنڀالي پاڻ سان ٿو كڻين؟‘ فقير كٽياڻ چيو، ’سائين هائو سڀ سيڌو ساڻ آهي.‘ فقير ميانداد پڇيس، ’اٽو بہ آهي ۽ چانور بہ آهن؟‘ محمد فقير چيو، ’هائو.‘ وري فقير پڇيو، ’سڀ ٿانوَ ٿپا ۽ مرچ مصالحا بہ كنيا اٿئي؟‘ چيائين، ’هائو.‘ فقير وري پڇيو، ’گيهہ تيل بہ ساڻ اٿئي؟‘ چيائين، ’هائو.‘ فقير وري چيس، ’تَئو، دانگي بہ ساڻ اٿئي؟‘ چيائين، ’هائو.‘ اتي ميانداد فقير چيس، ’تڏهن منهن كي تيل ملي دانگي گهمائي ڇڏ جو تنهنجو پنهنجي الله تي ايترو بہ ڀروسو كونهي تہ هو رزاق آهي ۽ توكي رزق ڏيندو.‘ اجا ٿوري دير گذري تہ كي شادي وارا پلاءُ جي ديڳ كڻي فقير ميانداد وٽ آيا. جنهن تي پاڻ كٽياڻ فقير كي مخاطب ٿيندي چيائين، ’ابا محمد، رزق آيو آهي هاڻي فقيرن كي كاراءِ.‘-“

مٿي بيان كيل حكايت ۾ كتب آندل ٻولي غير بليغ ۽ ناشاستہ آهي. هك فقير جيكو پاڻ بہ پيري مريدي وارو آهي. ٻي كنهن پيري مريديءَ واري فقير كي- سندس فقراهن/ٻالكن جي سامهون كيئن ٿو اهڙي ٻوليءَ ۾ مخاطب ٿي سگهي؟ ممكن آهي اها حكايت اُتي مشهور بہ هجي. پر پروفيسر شمشاد سومرو صاحب تہ هك پڙهيل لكيل ماڻهو آهي. ان مان اهڙي ٻوليءَ جو جيئن جو تيئن واهپو متوقع نہ هجڻ كپندو هو.

پروفيسر صاحب هن كتاب جي مقدمي توڙي پيش لفظ ۾ جا بہ جا بلاغت كان آجا لفظ كتب آندا آهن. هي جملو ڏسو،

”سيد امان علي شاهہ جڏهن لوڙهي ۾ آيو. فقير سائين كي ڏنائين تہ ٻنهي جي نظرن جو كرنٽ ملي ويو. ايتري ۾ سيد امام علي شاهہ جتي لاهڻ شروع كئي.“

مرزا قليچ بيگ جو كتاب ’احوال شاهہ لطيف‘ ۽ مير عبدالحسين سانگي جو كتاب، ’لطائف لطيفي‘ سركار بابت بنيادي ڄاڻ فراهم كندڙ كتاب آهن. پر پوءِ بہ انهن كتابن جي اهميت صرف انكري گهٽجي وئي آهي جو لڳ ڀڳ ٻئي كتاب عقيدي جي دائري ۾ لكيا ويا آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ ڊاكٽر گربخشاڻي جي كتاب مقدمہ لطيفي كي وڌيك اهميت آهي. سانگي ۽ قليچ جا كتاب تہ كو ٽي سو سال اڳ لكيا ويا هئا. ياد رهي تہ مرزا قليچ بيگ 1913ع ۾ شاهہ جو رسالو ترتيب ڏنو. جنهن كي پورا هك سال ٿيا آهن. هن وقت تہ حالتون ۽ علمي ترجيحات اهي ناهن جيكي هك سو سال اڳ هيون. پر پروفيسر سومري جو ترتيب ڏنل كتاب پڙهندي محسوس ائين پيو تہ ٿئي جهڙوكر اهو كتاب سوسال اڳ لكيو ويو هوندو.

ٻي اهم ڳالهہ تہ سومرو صاحب فقير سليمان شاهہ بودلائي جي لاءِ چوي ٿو،

”هن پنهنجي مقدمين خاص طور علي گوهر شاهہ ’اصغر‘ ۽ عبدالله فقير كان تمام گهڻو اثر ورتو آهي. مثال ڏيندي لكي ٿو،

**سال ويا من سڏكن جي، تن ۾ تنهنجي آهي تات**
*(علي گوهر شاهہ ’اصغر‘)*

**تن اوهانجي تات ۾، هينئڙو منهنجو هجرات ۾**
*(سيلمان شاهہ)*

**صورت سانگ نياڻي آئين، صورت بيك بنائي آئين**
**سر سارو اسرار ڇپايئہ.**
*(عبدالله فقير)*

**پوش اچي انساني پاتئي، صورت جو اچي بيك بنائيُّ.**
**تون تہ سڄڻ سبحان**
*(سليمان شاهہ)*

مٿين سِٽن ۾ تصوف جي رمزن كي سمجهايو ويو آهي. جنهن لاءِ هر شاعر پنهنجي پنهنجي انداز سان كلام چيو آهي. ساڳيو ’انت بحر دي خبر نہ كائي رنگي رنگ بٹايا هي- الله آدمي بڻ آيا هي‘ وارو فكر آهي. جنهن لاءِ اهو چوڻ، ”هو كنهن ٻي كان متاثر آهي اهو تاثر بلكل ناقص ۽ غير منطقي آهي.“

ايئن تہ اسان سليمان شاهہ جي هن سِٽ كي ڏسي چئي سگهون ٿا تہ هو شاهہ ڀٽائي كان متاثر آهي. سليمان شاهہ جو شعر آهي،

**ساز آواز، سنگيون، ٽنهي جي هك تار**
**تندن جي تنوار...**
*(سليمان شاهہ)*

**ٽئي پرچيا پاڻ ۾ تند كٽارو كنڌ**
*(شاهہ لطيف)*

**ماءُ سامونڊي آئيا، جن لاءِ هيس ڇري**
*(سليمان شاهہ)*

**ماءُ سامونڊي آئيا، سهسين كرين سينگار**
(شاهہ لطيف)

**ڳالهيون من اندر جون، مون كنهن سان كين كيون**
**روح جون روح ۾ رهيون.**
*(سليمان شاهہ)*

**ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٽيون**
**پر سين مون نہ كيون، گوشي پرين نہ گڏيا.**
*(شاهہ لطيف)* ■




# دڳ ۾ ڇٽيل پيلا پَنَ



**امداد حسيني**

**ڪتاب** جي مهاڳ جي پهرين پئرا ۾ لکيل آهي،

”سعيد ميمڻ جي هر هڪ لفظ ۾ اڄوڪي سنڌ جو درد ڏُکندو محسوس ٿئي ٿو.“ *(ص21)*

هاڻي ب، ت، ها، ن، پر، لئہ ب لفظ آهن. جيڪي سعيد ڪتب آندا آهن. انهن لفظن ۾ ڪهڙو سنڌ جو درد ڏُکندو محسوس ٿئي ٿو؟ ڪنهن بہ لفظ جي الڳ سان معنا صرف ڪنهن ڊِڪشنريءَ ۾ هوندي آهي. پر شعر ۾ ان لفظ ڪي معنيٰ اُن جي استعمال سان ملندي آهي. ٿي سگهي ٿو اُتي يامين بلوچ جو مطلب سِٽ يا شعر مان هجي. سعيد جو هڪ شعر آهي،

**دوست هُئا سَڀُ شريڪ ٿهڪن ۾**
**پر اسان جو هي دردُ، ذاتي آ.**

شاعري ذات جو اظهار آهي ۽ ذاتي درد ڪي پَني تي پَلٽڻ ۾ ڪو اهم بہ نہ آهي. ان ريت عشق آهي، ان ۾ جيڪڏهن ذاتي تجربو نہ آهي تہ انهيءَ موضوع سان انصاف نہ ڪري سگهبو. ۽ جيڪڏهن يامين بلوچ جو مطلب واقعي، ’لفظ‘ سان ئي آهي تہ پوءِ لفظ جي ماهيت ڪي بہ سمجهڻو پوندو. لاڪيڻي لطيف جو بيت آهي،

**ڪُهہ ٿو ڪاڳِر ڪوريين، وِيٺو وِڃايين مَسُ**
**ڏُور تِئائِين ڏَسُ، اڪر جئان ئي جُڙيا.**

اڪر جيڪي اُچار يا آواز يا سُرَ آهن. ۽ ٻوليءَ جو بنيادي ايڪو آهن. اڪر جُز آهي تہ ٻولي ڪُل آهي. ۽ جز ڪان سواءِ ڪُل بہ ڪجھ ڪينهي. نهنجو مطلب اهو پَٽيءَ ڪينهي تہ هڪ شاعر ڪي ڪو لساني ماهر هئڻ کپي.

ڇاڪاڻ تہ هڪ شاعر جو پد، لساني ماهر ڪان مٿانهون آهي. لسانيات هڪ الڳ علم آهي. ۽ لساني ماهر، لفظ جي معنيٰ ۽ واهپي جي سند بہ شاعريءَ مان وٺندو آهي.

سعيد ميمڻ، پنهنجي پاران جي ٻي ۽ ٽين سِٽ ۾ لکي ٿو:

”’دل دنبورو‘ منهنجي سفر جو ڇهون پَڙاءُ آهي (سنڌيءَ ۾ پَڙاءُ ڪي الئہ ڇا چئبو آهي؟)“ *(ص25)*

سچ چوڻ سٺي ڳالهہ آهي، پر ان سان ذميواري ختم نہ ٿي ٿئي. ۽ شاعر جي بنيادي ذميواري پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن آهي. ان ڪان هيٺين سِٽ ۾ هن، ’منزل‘ لفظ ان معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي. مرحلو بہ هڪ لفظ آهي. هونئن شاعريءَ ۾ منزل ڪٿي بہ نہ آهي. هي تہ لاڳيتو سفر آهي. حالتون بدلجن ٿيون. منظر مٽجن ٿا. نوان نوان واقعا، حادثا، سانحا ظهور پذير ٿين ٿا. شيون بدلجن سَدلجن ٿيون. وارتائن ۾ ڦيرو اچي ٿو. رشتا ناتا ٽٽن ٿا. جڙن ٿا- ۽ ائين شاعر جي ذميواي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي ٿئي. هونئن، پَڙاءُ لاءِ سنڌي ۾ ’ڏاٻو‘ لفظ موجود آهي.

يامين بلوچ مهاڳ جي پهرين پئرا جي آخري ٻن سٽن ۾ لکي ٿو. ۽ ’پر‘ سان جملو جوڙي ٿو:

”پر اُن جي شاعريءَ ۾ مايوسيءَ جو عنصر وڌيڪ نظر اچي ٿو.“ *(ص21)*

پر اُن جو مثال نہ ڏنو ويو آهي. سعيد ميمڻ جو هڪ شعر آهي:

**ٿو اُٿاري سعيد کي مقصد**
**۽ ويهاري ٿي بي وسي هر هر**

بي وَسيءَ جو اظهار مايوسي تہ نہ آهي. اهو بہ نہ چيو ويو آهي تہ مايوسي غلط آهي. آس نراس، لڙڪ مرڪ، ڏک سک- زندگي جو حصو آهن. سروم دکم دکم چوڻ وارو گوتم سڀ ڪان وڌيڪ آشاوادي آهي.

ڪن حالتن ۾ اوندهہ چڱي آهي. تڏهن جڏهن هٿ اکيون ٻڻجي وينداآهن. ڪَنَ سَرلا ٿي وينداآهن. لطيف سائين جو بيت آهي:

**چَنڊ لڳئي مَنڊ، سَنجهي ئي سِيخ ٿين**
**ڪر اونداهي اَنڌ، تہ ملان محبوبن سان.**

ساڳئي وقت لاڪيڻو لطيف هيئن بہ چوي ٿو:

**اُڀر چَنڊَ، پَس پرين، تو آڏو مون ڏور**

شاعر مختلف ڪيفيتن/حالتن مان گذري ٿو ۽ ان تجربي جو اظهار لفظن ۾، هڪ مخصوص گهاڙيٽي ۾ ڪري ٿو. ان ڪري ’ڇا چيو آهي‘ بدران، ’ڪيئن چيو آهي‘ کي اهميت ڏيڻ کپي. هيڙن شعرن ڏانهن بہ ڌيان وڃڻ کپي:

**رات جو ڪُوهَہ مان جِئَن ڪَڍيُم**
**مون ستارا ڏٺا ڏولَ ۾.**

يا ان غزل جي مطلع:

**گل آئي ڪٽي جهولُ ۾**
**ڇا ڏٺو ڏات مون رولَ ۾؟**

اصل ۾ اسين پاڻ جڏهن ڪنهن ڪيفيت ۾ هوندا آهيون، تڏهن اهڙي شاعريءَ کي پسند ڪندا آهيون.

’زندگي‘ ۽ ’موت‘ شاعريءَ جا شروع ڪان موضوع رهيا آهن. صوفين تہ ’موت‘ کي دائمي وصال چيو آهي. سڄي دنيا جي شاعرن ان موضوع تي شاعري ڪئي آهي. سعيد ميمڻ بہ ڪئي آهي:

**موت، دَرَ تي صَدا آ ڏني**
**ٿو رَڪان ساهُہ ڪشڪول ۾.**

پر هُن هيئن بہ چيو آهي:

**موتُ بيٺو هُيو اِشاري تي**
**پر رَهائي ڇڏيو ٻَچن مون کي.**

هو جڏهن ائين ٿو چئي:

**پنڌَ روڪي ڇڏيا هُيا پانڌيُن**
**راهَہ، رهبر تہ پئي ڏسي هَر هَر**

پر هو ’رهبر‘ جي روپ ۾ ’رهزن‘ جي پَت بہ وائکي ڪري ٿو:

**هاءِ واپاري اسان رهبر ڪيا**
**ديس کي وڪڻي ڇڏيو جَن دام تي.**

شاعر هن ڌرتيءَ تي شايد واحد پراڻي آهي، جيڪو نہ رڳو پنهنجا پَر ٻين جا بہ درد ڀوڳي ٿو. هو پنهنجا لڙڪ پي ٻين کي مرڪ ڏئي ٿو. ٻين جي ڦٽن تي ڦهو رکي ٿو. ان ريت دد جي پيڙ جو دائرو بہ وسيع ٿئي ٿو.

**وارتا منهنجي لفظن ۾ ذاتي هُئي**
**پِيڙ اُنَ ۾ مگر ڪائناتي هئي.**

ائين هُو ذات کي ڪائنات تائين پکيڙي ٿو ڇڏي ۽ ڪائنات کي ذات ۾ سمائڻ جي سگهہ رکي ٿو.

**هوش هاڻي دماغ کي آيو**
**حادثن جي چماٽ سمجهايو**

**گُهرِ نہ ڪوئي قريب هو ياتي**
**پاڻ کي ئي اسان ٿي پَرچايو**

**ڇون ٿا شهرُ هو هِتِ**
**اَسان آ جَهنگُ پاتوَ**

**پَنَ تاڙيون وڄائي ٽوڪن ٿا**
**نيڻ پَرجيو اَڇَن پِپُل هيٺان**

**لهندڙ سُورج آهي اڳ ۾**
**پِيلا پَنَ ڇَٽن ٿا دَڳ ۾.**

**اڄ تہ وجود اکوڙيون جاچيون**
**مٿان ليي پئي رب ڪنهن رڳ ۾.**

**چوطرف آ اُنهن جي اونداهي**
**مان ڏيان تن کي آرسي کهڙي.**

*(سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد پاران ڪرايل سعيد ميمڻ جي ڪتاب ’دل دنبورو‘ جي مهورت ۾ پڙهيل)*




**حيسب ڪانهيو، مير پور خاص.**

غير جانبدار ٿيڻ، يعني مڪمل طرح سان پنهنجي پاڻ کان الڳ ٿلڳ ٿيڻ، پنهنجي ڪل منجهان ٻاهر نڪرڻ! ۽ اهو سڀ مشڪل به ايترو ئي آهي جيترو پنهنجي ڪل مان ٻاهر نڪرڻ!

انگريزي ۾ هڪ جملو مشهور آهي ته، ”Every point has 360 angles!“ يعني ”هر نقطي کي 360 ڪُنڊون ٿينديون آهن!“ پر اسان هر شيءِ کي رڳو هڪ ئي رُخ کان ڏسندا آهيون. نه رڳو مذهب پر هر جاءِ تي اسان هينئر جيڪي ڪجهه به آهيون، ان جو سبب رڳو اهو ئي آهي ته اسان جا ابا ڏاڏا اهڙا ئي هئا! اسان ڪڏهن به ڪنهن به شيءِ کي پنهنجي اک سان ڏسڻ جي جسارت نه ڪئي آهي، درحقيقت اسان پنهنجي پاڻ جي انفراديت کي ته استعمال ئي نه ڪيو آهي! بس اسان کي جيڪو ڪجهه جيئن ئي ٻُڌايو ويو آهي، اسان ان تي ائين ئي ايمان آڻي ڪلمو پڙهي ڇڏيو آهي!

’من عرف نفسهٗ فقد عرف ربهٗ‘ واري فقري جي معنيٰ به اڄ تائين اسان رڳو تصوف جي ئي ڊڪشنرين ۾ ئي ڳولهي ياد ڪري ڇڏي آهي، ان کي تصوف جي خول منجهان ٻاهر رکي غور ڪرڻ جو ته اسان تصور ئي ناهي ڪيو! جيڪڏهن ڪو ائين ڪري ته ڄاڻي وٺي ته، ’من عرف نفسهٗ فقد عرف ربهٗ‘ جو مطلب رڳو مونن ۾ منهن وجهي پنهنجي ذات ۾ پيهي وڃڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي دريافت ڪرڻ تائين محدود ناهي پر ان سان گڏو گڏ پنهنجي پاڻ کان پوري طرح الڳ ٿلڳ ٿي، پنهنجي ذات کان جدا ٿي، پنهنجي هستي مستي کي پنهنجي ئي اک سان پسڻ پرکڻ تائين وسيع به آهي! ’من عرف نفسهٗ فقد عرف ربهٗ‘ يعني، ’جنهن پنهنجي پاڻ کي سُڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سُڃاتو!‘ جيئن ته خدا بقا آهي ۽ باقي سڀ شيءِ فنا آهي سو انڪري پاڻ سُڃاڻڻ جي لاءِ اسان کي اهو ئي رستو اختيار ڪرڻو پوندو جنهن ۾ اسان کي بقا نظر اچي، يعني اهڙو ڪم ڪرڻو پوندو جيڪو اسان بهتر کان بهتر ڪري سگهون! پاڻ سُڃاڻڻ جو مطلب اهو به آهي ته اسان کي پنهنجي ذات منجهان ٻاهر نڪري اهو به پرکڻو پوندو ته اسان ڪهڙو ڪم وڌيڪ بهتر ڪري ٿا سگهون؟ اسان ڪهڙي ڪم جي وڌيڪ قابل آهيون؟ جيڪڏهن ڪوئي اهو ڄاڻي ٿو وٺي ته، هُو سُٺو ڪاسائي ٿي سگهي ٿو ته پوءِ ان کي هرويرو ڊاڪٽر ٿيڻ جي ڪوشش هرگز نه ڪرڻ گهرجي! ڇاڪاڻ ته خراب ڊاڪٽر کان سُٺو ڪاسائي ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي! پنهنجي مقصد جي ڳالهه اها ته جيڪڏهن ڪو ئي سُٺو ليکڪ نٿو بڻجي سگهي ته پوءِ ياد رکڻ گهرجي ته خراب ماڻهو هجڻ سُٺي ڳالهه ناهي باقي سُٺو ليکڪ نه هجڻ ۾ ڪا به خرابي ڪانهي ڪا!

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ادب اسان جو گڏيل ورثو آهي! ڪا به ادبي تخليق، گڏيل طور تي سڀ کان پهرين ادب جو ورثو هوندي آهي، ۽ سڀ کان آخر ۾ ليکڪ جي ذاتي ملڪيت هوندي آهي! انڪري ڪجهه به لکجي ته ضروري آهي ته پهرين پوري طرح سان پنهنجي هستي مستي منجهان نڪري يعني مڪمل طور تي غيرجانبدار ٿي پنهنجي اک پرائي ڪري پڙهي ڏسجي، پوءِ جيڪڏهن غيرجانبدار سوچ مطابق انهي تخليق سان اجتماعي ادب ۾ ڪو بهتر اضافو محسوس ٿئي ته پوءِ اها اڳتي آڻجي باقي نه ته رڳو پنهنجي دل خوش ڪرڻ جي لاءِ يا ڪنهن ٻي خوشفهمي جو شڪار ٿي اجتماعي ادب کي نقصان نه پهچائجي! نه رڳو ليکڪ خواتين/ حضرات پر ايڊيٽر صاحبائن/صاحبان کي به انهي ڳالهه کي مدِنظر رکي پوءِ ئي ڪا تخليق منظرِعام تي آڻڻ گهرجي.

*(ٻيائي، اوهانجو نقطئہ نظر، جنهن دائري ۾ آهي. اهو ’ماضي‘ آهي. ’حال‘ ۽ ’آئيندو‘ ، ’جانبدار‘ آهي. ۽ هئڻ به گهرجن. تخليق يا تخليق جو شايع ڪندڙ، جانبدار نه هوندو ته ڪنهن سان به انصاف نه ڪري سگهندو. سچل سائين ته ڪمال جو نقطو بيان ڪيو آهي،*

***ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي.***

*اوهان واري ڳالهه، ’پنهنجي هستي-مستي کي پنهنجي ئي اک سان پسجي ۽ پرکجي.‘ انهيءَ پرسپيڪٽِو ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جنهن ڏانهن سچل اشارو ڪيو آهي. يعني، ’جز‘ ’ڪل‘ بڻجي پوي. جڏهن ’جز‘ ’ڪل‘ بڻبو ته اجتماعيت جو concept واضح ٿي پوندو. ۽ تخليق ۽ تخليقڪار، انفرادي بدران، اجتماعي ملڪيت جو ڏٺي بڻجي سگهندو. ’فنا‘ نه الله کي آهي. ۽ نه ئي ’انسان‘ کي. هڪ پروسيز آهي، جنهن هيٺ ’فنا ۽ بقا‘ ماورائي شيون آهن. -ت.ب)*

**عبدالرشيد يوسفاڻي، حيدرآباد.**

آئون ماهوار سوجهرو باقاعده پڙهندو هوس. پر ڪيترا سال اهو بڪ اسٽالن تي نظر نه آيو. ڪلهه جڏهن نسيم نگر مارڪيٽ ويس ته آگسٽ 2013 جو شمارو نظر آيو.

رسالو پڙهي محسوس ڪيم ته اڄ به هن ۾ ڪافي سٺو ادبي مواد موجود آهي. ۽ سيئي ليکڪ ناليوارا آهن.

ڊاڪٽرالانا صاحب جو شيخ اياز تي لکيل تفصيلي مضمون ڏاڍو تاثر ڇڏيو.

توهانجو مضمون، بيت ۾ ’نون تجربن جو شاعر‘ به سٺو ليک آهي.

افسانو جيڪو منهنجو نه آهي. پر اٽڪل 40 سال اڳي عبرت اخبار جي آچر جي ادبي صفحي ۾ پڙهيو هو. مونکي رائيٽر جو نالو ذهن ۾ نه آهي، موڪليان پيو، مناسب سمجهو ته ايندڙ شماري ۾ شائع ڪندا.

*(ادا، سوجهرو کي ياد ڪرڻ لاءِ ٿورا. 40 سال اڳ، سنڌي ڪهاڻي نوان ڪر موڙي، سنڌي فڪشن کي عروج بخشيو. ۽ اڄوڪي سنڌي ڪهاڻي، انهيءَ بلندي جي تسلسل ۾ گهٽوا اڳتي وڌي آئي آهي. پراڻي ۽ ڏاڍي پراڻي سا به اخبار ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي، ٻيهرَ ڪير ۽ ڪيئن شايع ڪندو؟ -ت.ب)*

**رضا لانگاهه، مورو.**

تنقيد پنهنجي جوهر ۾ انتهائي وسيع معنيٰ رکي ٿي. تخليق کي سمجهڻ، اُن تي تنقيد ڪرڻ يا پنهنجي راءِ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. يعني اُهي پنهنجي راءِ کي راءِ نه پر فيصلو سمجهن ٿا. جنهن کي ادب ۾ ڪنهن به طرح قبول نٿو ڪري سگهجي. اهو ڪم اديب جو نه پر هٽلر جو هجي ٿو. جنهنجي تقليد ڪرڻ ڪنهن به اديب کي سونهي ڪانه ٿي؟

”توهان منهنجي خط کي سنجيد گيءَ سان پڙهو ها ته، ’اڻ لاڳاپيل‘ جهڙن لفظن ۾ ٻاتاڙجي غير منطقي ۽ غير معياري تنقيد نه ڪريو ها. ۽ تضادن جي وَرَنه چڙهو ها؟ خط توهان وٽ موجود آهي ان کي غور سان پڙهي ڏسو ته مون مارُو جماليءَ جي سرائڪي واين کي (شاهه) جي شاعريءَ سان نه پر حل فقير لغاري سان گڏ طالب لغاري، احمد خان مدهوش، ميهر فقير لُنڊ ۽ انور قمبراڻي جهڙي شاعريءَ سان ڀيٽ ڪئي آهي. جنهن کي اوهان جهڙن ترقي پسند ۽ روشن خيال شاعرن/اديبن، ’روايتي‘ ۽ ’ورجاءَ‘ جهڙا لفظ استعمال ڪري ميڃڻ کان انڪار پئي ڪيو آهي. ڪِن وري ان کي سگهڙائپ جي زمري ۾ آڻي پوئتي پئي ڌِڪيو آهي. پوءِ اُن ۾ اوهان شاهه کي وچ ۾ ڪٿان آندو؟ شاهه جي سٽن جو حوالو يا دليل مون مارُو جماليءَ جي شاعريءَ لاءِ نه پر ذوالفقار گاڏهيءَ جي شاعريءَ لاءِ ڏنو هو.

لطيف سرڪار اسان وٽ مطالعي، مشاهدي ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان انتهائي سگهارو شاعر رهيو آهي. جنهنجي فن ۽ فڪر کي هر عالم، اديب، شاعر، دانشور، مفڪر ۽ محقق جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. ۽ رهبري پڻ ورتي آهي. اهڙي عظيم شاعر جي حوالي ڏيڻ تي اوهان جيڪي لفظ استعامل ڪيا آهن. اهي دل کي ڏڪائيندڙ محسوس ٿيا. ڀٽائيؒ جو حوالو ڏيڻ (گناهه) ۽ (جرم) آهي ته پوءِ اهڙو (گناهه ۽ جرم) اهڙن اديبن ۽ عالمن ڪيو آهي، جن جي اڳيان تنهنجو(؟) مطالعو، مشاهدو ۽ تجربو ريڙهيون پائيندڙ لڳي ٿو. اوهان کي اگر لفظ (گناهه ۽ جرم) جي جوهر جي خبر هجي ها ته اهي ٻئي الفاظ ايئن ڪتب نه آڻيو ها جيئن آندا ويا آهن! ڪنهن به سگهاري شاعر ۽ اديب جو حوالو ڏيڻ (گناهه ۽ جرم) آهي ته پوءِ ٽي. ايس. ايليٽ جي ’ٽريڊيشن اينڊانڊ ويڊيوئل ٽئلنٽ‘ جو ڏس ڪهڙي زمري ۾ اچي ٿو؟ ان کان علاوه سندس استاد جا حوالا پڻ ڏنا ويا آهن. انهن کي ڪهڙي خاني ۾ رکجي گناهه واري خاني ۾ يا جرم واري خاني ۾؟

تنقيد جو بنياد بحث مباحثي تي جُڙيل هجي ٿو. جنهن ۾ حوالن يا دليلن کي اهميت حاصل هوندي آهي. اهڙي اهميت کي (گناهه ۽ جرم) سمجهڻ ٻاتاڙجڻ ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

”اصلي ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن ’روايت‘ جي تائيد ڪئي آهي.“ اوهان جا اهي لفظ بي معنيٰ، بيمقصد ۽ غلط دليل جي پوئيواري ڪن ٿا. جنهن کي ڪو به ترقي پسند يا روشن خيال اديب قبول نه ڪندو؟ اها سوچ رجعت پرستيءَ جي زمري ۾ اچي ٿي. جنهن کي اوهان هرويرو ترقي پسنديءَ ۾ اچي ٻيهاريو آهي!!

جمعي فقير ۽ پيران پير ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي، جيڪو اوهان کان Miss ٿي ويو آهي.

ميٽافور طور لٺ ۽ هٿ اُلارڻ کي اوهان (وحشت) سڏيو آهي. وحشت وحشي ڦهلائيندو آهي. وحشي ان کي چئبو آهي. جنهن وٽ ڪا به سڃاڻپ ۽ ڪا به انسانيت نه هجي. اُلار کي وحشت سڏڻ ائين آهي جيئن ’ڪاڏي مُنهن مريم جو ڪاڏي ٽندوالهيار.‘

ڦڳڻ جي مند ۾ نيٽن جي اُلار کي اوهان رد ڪيو آهي ۽ چيو آهي، ’نيٽن جي اُلار کي مستي ڦڳڻ جي ڪارين راتين ۾ چو آئي؟‘ نيٽن جي اُلار واري مستي ڪڏهن، ڪتي ۽ ڪهڙي به مند ۾ پيدا ٿي سگهي ٿي. ان تي ايڏو ڪروڌ ۽ اعتراض نه هئڻ گهرجي. الار پنهنجي دامن ۾ هزارن لفظن کي پناهه ڏيندڙ رهي آهي. جنهن کي (ڪُتي) جي دليل ۾ قد نٿو ڪري سگهجي.

رديف (هن) گونگو لهجو ناهي پر (آهن) جو مَدُ ۽ الف حذف ٿيل آهي. جيڪو شاعريءَ ۾ ترنم پيدا ڪري ٿو. گونگو لهجو (او، اڙي، اي، وي وغيره) کي چيو وڃي ٿو.

ڪوڙن جي پنهنجي اهميت آهي. جنهن کي بغير دليل جي رد ڪرڻ اڻڄاڻائي هجي ٿي. ■